


# ابراهام لنڪن

## جهوپڙيءَ کان صدارت تائين

(ابراهام لنڪن جي سوانح)

مصنف:
استرلنگ نارٿ

سنڌيڪار:
يوسف سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2023ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون          جنوري 2023ع          تعداد 500

**قيمت: ٻہ سؤ رپيا**

(Price: 200-00)

**<u>خريداري لاءِ رابطو:</u>**



**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

**هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهہ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.**

# ارپنا

پنهنجو هي پيار جو پورهيو
پنهنجن نهايت پيارن ۽ اکين ٺار ٻچڙن

- اَرباز خان [ڏُهٽو]
- حرم الزهريٰ [ڏهٽي]
- اُفق فاطمہ [پوٽي]

جي نالي
جيڪي سنڌ جو ايندڙ نسل ۽ معمار آهن.

- يوسف سنڌي

# ڇپائيندڙ پاران

هونئن تہ آمريڪي تاريخ جا ڪيترائي پهلو آهن، جن تي گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو. پر ان جو هڪ رخ آمريڪي قيادت پڻ آهي. هنن وٽ پنهنجي خواهشن ۽ مفادن کان وڌيڪ پنهنجي ملڪ جي جمهوري روايتن جي پاسداري ڪرڻ رهيو آهي.

ابراهام لنڪن نهايت غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. حالتن ڪيس ڏکي آمريڪي سياست ۾ آندو ۽ پاڻ آمريڪا جو سورهون صدر چونڊيو ويو. ابراهام لنڪن انساني تاريخ جو نهايت مقبول ۽ ڪامياب سياسي اڳواڻن مان هو. هن پنهنجي وقت ۾ لکين آمريڪي غلامن کي آزادي ڏياري.

هيءُ ڪتاب ”ابراهام لنڪن جهوپڙيءَ ڪان صدارت تائين“ اسٽرلنگ نارٿ جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو نامياري ليکڪ محترم يوسف سنڌي صاحب آسان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ، سنڌي ادب سان گڏ عالمي ادب ۽ دنيا جي مشهور



شخصيتن جي سوانح حيات جا شهپارا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي منظرعام تي آڻجن، تہ جيئن سنڌ واسي پنهنجي ٻوليءَ جي ادب سان گڏوگڏ عالمي ادب کان بہ واقف ٿيندا رهن. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ رکيل مختلف موضوعن جي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن.

عزتمآب جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن طرفان شروع ڪرايل هڪ سؤ پنجاهہ صحفن واري اشاعتي اسڪيم تحت ڪتاب ”ابراهام لنڪن جهوپڙيءَ ڪان صدارت تائين“ جي اشاعت پڻ اِن سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب

مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ. سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش عالمي ادب سان دلچسپي رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

19- جمادي الثاني 1444ھ — سيد سڪندر علي شاھ

12- جنوري 2023ع — سيڪريٽري

# فهرست


❊ سنڌيڪار پاران - يوسف سنڌي 9

❊ هڪ خط - ابراهام لنڪن 14

1. نينسيءَ جو ننڍڙو مهمان.......................................... 16

2. ڪڪائين جهوپڙيءَ جا رهواسي.................................. 25

3. ويڳي ماءُ.......................................................... 33

4. شروعاتي تعليم................................................... 39

5. مِسي.سي.پي ۾ ٻيڙي هلائڻ........................................ 51

6. اَلي نواءِ جي سرحد.............................................. 61

7. نيو سليم ۾ بليڪ هاڪ جي جنگ.................................. 68

8. هرفن مولا......................................................... 79

9. اسپرنگ فيلڊ جا شروعاتي ڏيهاڙا................................ 86

10. سياستدان ۽ وڪيل................................................ 94

11. مُلڪ ۾ اُن وقت ڇا پئي وهيو واپريو.............................. 104

12. موڪلاڻي.................................................................. 119

—

ڪنهن سان بہ بغض رکڻ کانسواءِ، سڀني لاءِ نيڪ جذبا رکندي، سچائيءَ تي ثابت قدم رهندي، اچو تہ اهو ڪم پورو ڪريون، جيڪو اسان پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي. قوم جي زخمن تي مرهم رکون. جنهن بہ ماڻهوءَ جنگ ۾ سَنو آهي، تنهن جي ۽ سندس رن زال کي ۽ سندس يتيم ٻار جي سارسنڀال لهون. اهو سڀ ڪجهہ ڪريون، جنهن سان اسان هڪ انصاف ڀريو ۽ پائيدار امن قائم ڪري سگهون.

ابراهام لنڪن

صدارتي افتتاحي تقرير مان

ٽڪرو

# سنڌيڪار پاران

گهڻا سال اڳ مون مشهور آمريڪي ليکڪ ڊيل ڪارنيگيءَ جو آمريڪا جي سورهين صدر ۽ آمريڪا مان غلاميءَ جو خاتمو ڪندڙ ابراهام لنڪن جي لکيل سوانح حيات پڙهي هئي، ان ڪتاب مون تي ايترو نہ اثر ڪيو، جو لنڪن جي ڏکن ڀري زندگي جا اولڙا ڪيتروئي عرصو مون تي حاوي رهيا. ۽ پوءِ مون ڳولهي ڳولهي ابراهام لنڪن جي باري ۾ لکيل ڪتاب پڙهيم.

ابراهام لنڪن نہ رڳو آمريڪي تاريخ جو پر انساني تاريخ جي نهايت مقبول ۽ ڪامياب سياسي سرواڻن مان هو. هن پنهنجي دور ۾ غلاميءَ جي خلاف قانون پاس ڪرائي 35 لک غلامن کي آزاد ڪرايو، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ گهرو ويڙهہ جو شڪار ٿيو ۽ ابراهام لنڪن نهايت ڪاميابي سان پنهنجي قيادت ۾ ملڪ کي گهرو ويڙهہ مان ڪاميابيءَ سان اُڪاري پار ڪرايو.

ابراهام لنڪن هڪ نهايت غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو. حالتن کيس ڌڪي سياست ۾ آندو ۽ ملڪ جو صدر چونڊيو ويو. آمريڪا هينئر دنيا جي وڏي اهم فوجي ۽ معاشي طاقت آهي. ان سطح تائين پهچڻ ۾ کيس ڪيترائي مرحلا طئي ڪرڻا پيا. آمريڪا جي ترقيءَ ۾ انهن ڪروڙين ريڊ انڊين ۽ آفريقي شيدي غلامن جي محنت ۽ سگهہ بہ شامل آهي، ۽ اڄوڪي آمريڪا جي سپر پاور جي عمارت انهن جي هڏن مٿان بڌل آهي.

هونئن تہ آمريڪي تاريخ جا ڪيترائي اهم پهلو آهن، جن



تي ڌار ڌار لکي ۽ بحث ڪري سگهجي ٿو، پر ان جو هڪ رخ ”آمريڪي قيادت“ پڻ آهي. اها آمريڪا جي خوشنصيبي رهي آهي تہ کيس پهرينءَ ئي ڏينهن کان اهڙي قيادت ملي، جنهن لاءِ سياست خدمت ۽ پنهنجي قوم جي خدمت رهي آهي. هنن وٽ ذاتي اقتدار، خواهشن ۽ مفادن کان وڌيڪ پنهنجي ملڪ جي ترقي، جمهوري روايتن جي پاسداري ۽ تعليم جهڙا هٿيار رهيا آهن. جارج واشنگٽن آمريڪا جو پهريون صدر هو. کيس تاحيات صدر رهڻ يا بادشاهہ جو لقب اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏني ويئي، پر هن پنهنجو صدارتي مُدو پورو ڪرڻ کان پوءِ اقتدار جي ڪرسي خالي ڪري، هڪ اهڙي روايت جو بنياد وڌو، جنهن اڳتي هلي آمريڪا جي جمهوري نظام کي سگهارو ڪيو. ٿامس جيفرسن آمريڪا جي Founding Fathers (قوم جي ابن) ۾ شامل آهي، سندس ڪارنامن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. پر کيس جنهن ڪارنامي تي سڀ کان وڌو فخر هو، اهو ”يونيورسٽي آف ورجينيا“ جو قيام هو. سندس خواهش هئي تہ سندس ديس واسي اهو نہ وسارين تہ هن هڪ يونيورسٽيءَ جو بنياد رکيو هو. اُن يونيورسٽيءَ جي عمارت بہ پاڻ ئي ڊزائين ڪئي هئائين. چرچ جي تسلط کان آزاد يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جو معيار دولت ۽ ڌرم جي بدران فقط قابليت هئي. صدارت جو عهدو ڇڏڻ کان پوءِ هو سترهن سال جيئرو رهيو ۽ اهو سڄو وقت پاڻ يونيورسٽيءَ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هو هڪ عالم، فاضل ۽ مدبر اڳواڻ ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ هو. سندس چوڻ هو تہ ”آءُ ڪتابن ڪانسواءِ جيئرو رهي نٿو سگهان. ڪتاب منهنجي لاءِ روشني بہ آهن تہ خوشبو بہ.“ ٿامس جيفرسن جا لکيل هي لفظ هاڻ

آمريڪي آئين جو حصو آهن. ”اسان چوڌاري نظر ايندڙ اُن سچائيءَ جو حصو آهيون ته سڀني انسانن کي برابر خلقيو ويو آهي. خدا کين خاص حقن سان نوازيو آهي، اِهي حق، جيڪي نه ڪسي سگهجن ٿا ۽ نه ئي وري اهي ڪنهن ٻي کي ڏيئي سگهجن ٿا. انهن ۾ آزادي ۽ خوشيءَ جي جستجو شامل آهي.“

آمريڪا جي تاريخ ۾ تي موڙ اهڙا آيا آهن، جڏهن ان وقت جي آمريڪي قيادتن جي درست فيصلن نه رڳو آمريڪا، پر عالمي تاريخ تي به گهرا اثر ڇڏيا.

آمريڪا جي سورهين صدر ابراهام لنڪن صدارت جي پهرينءَ دور [1864ع — 1860ع] ۾ غلاميءَ جي خاتمي جو اعلان ڪيو. انهن ڏينهن آمريڪا جون ڏکڻ واريون رياستون غلامي جي حق ۾ هيون. جڏهن ته اُتريون رياستون غلامي کي ناجائز سمجهنديون هيون. لنڪن جي صلاحڪارن جو خيال هو ته لنڪن جيڪڏهن ٻيهر چونڊ کٽڻ گهري ٿو ته پوءِ ڪيس اهو اعلان واپس وٺڻ گهرجي. لنڪن ڪيترائي مهينا سوچ ويچار ۽ ذهني ڇڪتاڻ ۾ رهيو. ڪيس ان قسم جو قدم پنهنجي اصولن جي ابتڙ لڳو. هن پاڻ کان سوال ڪيو. ”ڇا غلاميءَ کي جائز قرار ڏيئي سگهجي ٿو؟“ سندس دل جي گهراين مان انڪار جي صدا نڪتي ۽ نيٺ هن اهوئي فيصلو ڪيو، جيڪو هڪ باضمير شخص کي ڪرڻ گهرجي ها. هن ڏکڻ جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪندي، غلاميءَ جي خاتمي جي اعلان کي برقرار رکيو. ان موقعي تي هن تاريخي لفظ چيا:

I.d rather be right being the President

وقت ڏٺو ته غلاميءَ جي لعنت جو به خاتمو ٿيو ۽ لنڪن



ٻيهر آمريڪا جو صدر به چونڊجي ويو.

ٻيو مثال صدر روز ويلٽ جو آهي. 1940ع ۾ ’فرينڪلن ڊي روز ويلٽ‘ آمريڪا جو صدر هو. ان کان اڳ هو ٻه ڀيرا صدر چونڊجي چڪو هو ۽ هاڻ ڪيس ٽيون ڀيرو صدر بنجڻ جي خواهش هئي، سندس ساٿين جو چوڻ هو ته آمريڪا کي ٻي مهاڀاري جنگ ۾ شامل نه ٿيڻ گهرجي، پر روز ويلٽ جو خيال مختلف هو. هن چونڊن کان هڪ هفتو اڳ اهو تاريخي اعلان ڪيو. جنهن جي ڪري آمريڪا کي ٻي مهاڀاري جنگ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو مليو. روز ويلٽ چيو. ”آءٌ اهڙي ملڪ جو صدر بنجڻ نه ٿو گهران، جنهن جو دنيا جي سياست ۾ ڪو ڪردار نه هجي.“ پوءِ دنيا ڏٺو ته روز ويلٽ جي چونڊ کٽڻ سان نه رڳو آمريڪا ٻي مهاڀاري جنگ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي ڪيو، پر آمريڪا عالمي سياست ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ وقت گذرڻ سان گڏ آمريڪا سپرپاور بنجي ويو. جيڪڏهن روز ويلٽ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ حصو نه وٺي ها ته آمريڪا جو عالمي سياست ۾ ڪوبه ڪردار نه هجي ها. ۽ دنيا جي ڇيڙي نبيري جرمنيءَ جاپان جي هٿن ۾ هجي ها ۽ جنگ جي پُڄاڻي ڪنهن ٻي نموني ٿئي ها.

ٽيهن سالن کان پوءِ آمريڪي تاريخ ۾ هڪ ٻيو مرحلو اچي ٿو. 1963ع ۾ آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر ورهائجي چڪو هو. صدر جان.ايف. ڪينيڊي کي ڪيترن ئي ملڪي ۽ بين الاقوامي مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو. جن ۾ ڪيوبا ڪرائسس، برلن پٽ، خلائي ڊوڙ، سول رائٽس جي تحريڪ ۽ ويتنام جنگ جي شروعات. هن ڪانگريس ۾ سياسي حقن جو بل پيش ڪيو ته ڏاکڻين رياستن جا

لڪين ووٽر سندس مخالف بنجي ويا. سندس پاڻ ڪيس چيو ته، ”سندس اهو قدم ايندڙ چونڊن ۾ ڪيس شڪست ڏيارڻ جو سبب بنجي سگهي ٿو.“ ڪينيڊي مُرڪڻ ڪان پوءِ فقط ايترو چيو، ”جيڪڏهن مونکي اصولن جي بنياد تي شڪست ملي، ته اها قبول ڪري وٺندس.“ جان.ايف.ڪينيڊي آمريڪا جي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو. هو 1960ع ۾ ”نڪسن“ کي شڪست ڏيئي آمريڪا جو صدر چونڊيو هو ۽ اڪيلو آمريڪي صدر هو، جنهن کي هڪ بهترين ڪتاب لکڻ تي Pulter award ڏنو ويو. Profiles of Laurage نالي اهو ڪتاب انهن آمريڪي اڳواڻن جي ذڪر تي مشتمل آهي، جن سياست جي لاءِ پنهنجي نظرين کي قربان ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو. قومن جي تاريخ ائين ته ڪونه ٿي بدلجي. ان جي پويان سُٺي قيادت ڪانسواءِ عمل جو هڪ داستان به هوندو آهي، جان.ايف.ڪينيڊي چوندو هو، ”اهو نه پُڇو ته اوهان جي وطن اوهان کي ڇا ڏنو، پر اهو ضرور پڇو ته اوهان ان کي ڇا ٿا ڏيئي سگهو.“

ابراهام لنڪن، روز ويلٽ ۽ جان.ايف.ڪينيڊي ڪي غير فاني انسان نه هئا، هو ايترائي موقعي پرست ۽ چالاڪ سياستدان هئا، جيترا سندن ٻيا همعصر سياستدان هئا. انهن ۾ به پاڻ وٽائڻ، پاڻ پڏائڻ ۽ اقتدار جي حصول جي خواهش هئي، پر ان هوندي به هنن اهم موقعن تي سچائيءَ جو پلاند هٿان نه ڇڏيو. ان حد تائين جو پنهنجي سياسي زندگي ۽ صدارت به داءُ تي لڳائي ڇڏيائون.

جيڪڏهن لنڪن مُڙسي نه ڪري ها ته آمريڪا جا ڪيترائي ٽُڪر ٿي وڃن ها. روز ويلٽ جنگ ڪان لهرائي ها ته اڄ دنيا تي جرمني ۽ جاپان حاوي هجن ها. جان.ايف.ڪينيڊي انساني حقن جو



بل پيش نه ڪري ها ته اڄ آمريڪا بدترين نسلي مَتڀيد جو شڪار هجي ها. هيستائين آمريڪا جا چاليتاليهه صدر بنجي چڪا آهن ۽ جڏهن به انهن چاليتاليهن صدرن مان ٽن عظيم صدرن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي ته هر ڀيري ابراهام لنڪن، جارج واشنگٽن ۽ روز ويلٽ ئي چونڊيا ويندا آهن. انهن مان ابراهام لنڪن کي پهرينءَ نمبر تي رکيو ويندو آهي. هر نئين سروي ۾ لنڪن جي مقبوليت ۾ واڌارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هو انهن ماڻهن جي فهرست ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، جنهن جي عظمت جو راز هوريان هوريان آشڪار ٿيندو ٿو وڃي. آمريڪي آئين سان محبت ۽ قانون جي بالادستي جو عزم، اهي ٻه اهڙا گُڻ هئا، جن ۾ هو پنهنجي هم وطنن ڪان اڳرو هو. هو بهترين مقرر، فراخدل، بهادر، موقعي شناس، قومپرست ۽ سياسي جوڙ ٽوڙ جو پڻ ماهر هو. ڪيس آمريڪا جي تاريخ جي سڀ ڪان اهم دستاويز Declartion of Independant (اعلان آزادي) سان جنون جي حد تائين عَشق هو. سندس چوڻ هو ته آمريڪي آئين کي ان دستاويز جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ گهرجي. سندس هي مشهور جملو اڄ به حوالي طور استعمال ٿئي ٿو:

Govt of the People, by the People, for the People.

قيادتن جو مطالعو منهنجو سدائين محبوب موضوع رهيو آهي، ان ئي بنياد تي ابراهام لنڪن جي زندگيءَ جي باري ۾ مون ڪيترن ئي ڪتابن جو مطالعو ڪيو. ’اسٽرلنگ نارٿ‘ جي هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪان پوءِ مون محسوس ڪيو ته هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ هئڻ بيحد ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ ابراهام لنڪن جي زندگي نهايت سهڻي ۽ سيبتي نموني، دلپذير انداز ۾

بيان ڪئي ويئي آهي.

مون هن ڪتاب جو ترجمو گذريل صديءَ جي آخري سال 2000ع ڌاري ڪيو هو، ۽ خواهش هيم ته جلدي ڇپجي. بهرحال دير آيد درست آيد.... آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين محترم مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جنهن جي ذاتي دلچسپيءَ سبب منهنجي هيءُ محنت ڇپجي پڙهندڙن تائين پهتي آهي.

يوسف سنڌي
27 آڪٽوبر 2022ع
ذيل پاڪ، حيدرآباد

# هڪ استاد ڪي ڇا سيکارڻ گهرجي

## [هڪ خط]

## ابراهام لنڪن

**[ابراهام لنڪن، پنهنجي پٽ جي استاد کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن ڪيس لکيو ته هو هڪ استاد کان پنهنجي شاگرد کي ڇا سيکارڻ جي توقع رکي ٿو. خط جي اهميت کي نظر ۾ رکندي هيٺ اُن جو ترجمو ڏجي ٿو. - سنڌيڪار]**

●

”آءٌ سمجهان ٿو ته ڪيس اها خبر ته پئجي ويندي ته سڀئي انسان ته مڪمل طور تي انصاف پسند هوندا آهن ۽ نه وري مڪمل طور تي سچا، پر ڪيس اهو ذهن نشين ڪرائجو ته دنيا ۾ جتي هڪ شيطان هوندو آهي، اُتي ان جي مقابلي ۾ هڪ نيڪ انسان به هوندو آهي، ساڳئي طرح هر خودغرض سياستدان جي مقابلي ۾ هڪ بي لوث ۽ مخلص سرواڻ به موجود هوندو آهي.

ڪيس اهو به سيکاري ڇڏجو ته جتي دشمن سان واسطو پوي ٿو، اُتي دوست به ملن ٿا. جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڪيس حسد کان پري رکجو. ڪيس دل ئي دل ۾ کِلڻ جا گُر سيکاري ڇڏجو. ڪيس ننڍپڻ ۾ اهو ڄاڻي وٺڻ گهرجي ته ڀيڪيون ڏيندڙ ۽ پاڻ پڏائڻ واري ڪي مات ڏيڻ ڏاڍو سولو هوندو آهي. ٿي سگهي ته ڪيس ڪتابن ۾ موجود حُسن ۽ حيرت جو شوقين بنائي ڇڏجو. ڪيس واندڪائيءَ جون

گهڙِون بہ ڏجو تہ جيئن هو، هوا ۾ اُڏامندڙ پکين، سج جي ڪِرڻن ۾ وهنجندڙ ماکيءَ جي مکين ۽ سرسبز پهاڙن جي پِڪَ ۾ ٽڙندڙ گلن جي سدابهار جادوءَ تي غور ۽ ويچار ڪري سگهي، ڪيس اهو بہ ذهن ۾ ويهارجو تہ دوکي ۽ فريب سان حاصل ڪيل ڪاميابيءَ کان ناڪامي وڌيڪ عزت واري آهي. ڪيس پنهنجي سوچَ ۽ فڪر تي ڀروسو ڪرڻ سيکارجو، ڀوءِ ڀلي ٻين جي راءِ ۾ سندس سوچَ غلط ڇو نہ هجي. منجهس شريفن سان شريفاڻون سلوڪ ڪرڻ ۽ بدمعاش سان سختيءَ سان منهن ڏيڻ جو گُڻ پيدا ڪيو.

منهنجي پُٽ جي ڪردار ۾ اهڙي سگهہ اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجو، جيڪا ڪيس بگهڙ جي چال کان محفوظ رکي، خاص ڪري تڏهن جڏهن آسپاس جا ماڻهو چڙهندڙ سج جي سامهون جُهڪڻ ۽ پرڻام ڪرڻ جي لاءِ بي چين هجن. منجهس سيني جي ڳالهہ ٻڌڻ جو حوصلو هجي، پر سيني ڳالهين کي سچ جي سَراڻ تي چاڙهي، ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ رڳو سچ کي اختيار ڪرڻ جي صلاحيت هجي. ٿي سگهي تہ ڪيس اداسيءَ جي حالت ۾ کِلڻ جو فن سيکارجو، ڪيس سمجهائجو تہ لُڙڪ ڳاڙهڻ ڪو شرم جوڳو عمل ڪونهي، ڪيس مِٺين مِٺين ڳالهين ۽ نااميدين کي حقارت سان ڏسڻ سيکارجو. سندس اهڙي نموني تربيت ڪجو تہ جيئن هو پنهنجي ذهني ۽ جسماني محنت جو ڀرپور اجورو حاصل ڪري سگهي، پر ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي ضمير جو سودو نہ ڪري، ڪيس ان جي بہ قابل بڻائجو تہ هو رڙيون ۽ واڪا ڪندڙ ميڙ جي هُل ۽ هنگامي تي ڪن نہ ڏي. جيڪڏهن هو پنهنجو پاڻ کي حق تي سمجهي ٿو تہ مستقل مزاجيءَ سان ڄمي ان جو مقابلو ڪري.



ساڻس نرميءَ سان پيش اچجو، پر لاڏ ۽ پيار سان نہ. لوهہ، باهہ مان تپي ئي سٺو رُڪ بنجي ٿو. منجهس بيقرار هئڻ جي تڙپ ۽ حوصلو هئڻ گهرجي ۽ بهادري جي اڏولتا پڻ. منجهس پنهنجي ذات ۾ ڀروسو پري ڇڏجو، تڏهن کي ڪيس بني نوع انسان تي ڀروسو ڪرڻ نصيب ٿيندو.

فرمائش تہ تمام وڏي آهي، جيڪو ٿي سگهي، سو ڪجو. مون کي پنهنجو ٻارڙو گهڻو پيارو آهي.

~

## [ 1 ]

# نينسيءَ جو ننڍڙو مهمان

**[منهنجي زندگيءَ جي شروعاتي واقعن کي اختصار سان، پر جامع نموني هڪ ئي جملي ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو جملو "گري" جي مرثيي ۾ موجود آهي، غريبن جي سادي ۽ مختصر ڪهاڻي]**

●

نولن ڪريڪ جي سرحد وٽ وڻن ۽ جهنگلي ٻوٽن سان ڍڪيل ٽڪرين جو سلسلو پري پري تائين هليو ٿي ويو. رستا ته پنهنجي جاءِ تي، پر مينهن جا ڪڏا به برف سان ڍڪيل هئا. سردي پنهنجي جوبن تي هئي، پر اهڙي موسم ۾ به نَوَن ورهين جو ڊينس هنيڪس، برف جي ڪڏ کان پاڻ بچائيندو، ٽڪڙو ٽڪڙو انهيءَ رستي ڏانهن وڌندو پيو ويو، جيڪو جابلو علائقي مان لنگهي، لنڪن ڪيبن طرف ٿي ويو.

اهو آچر جو ڏينهن ۽ 1809ع جي فيبروري مهيني جي ٻارهين تاريخ هئي.

ڊينس کي شايد ئي انهيءَ ڳالهه جو احساس هو ته انهيءَ هڏن ۾ گهڙي ويندڙ سرديءَ جي اِها صبح آمريڪي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ ڏينهن بڻجي ويندو. هو ته خوشيءَ مان ۽ نينگ ٽپا ڏيندو پئي ويو، جو ٽام لنڪن ۽ نينسيءَ جي گهر هڪ نينگر ڄائو هو، جنهن جو نالو هن ابراهام لنڪن رکيو.



نينسي، هنيڪس جي چاچي جي ڌيءَ يعني سندس سؤٽ هئي. هنيڪس، نينسيءَ کان ڪجهه سال ننڍو هو. ٻنهي جي پالنا نينسيءَ جي چاچي ٽام ۽ چاچيءَ بٽيسي اسپيرو ڪئي هئي. ٻئي ننڍي هوندي کان ئي سڳن ڀاءُ ڀيڻ وانگر رهندا آيا هئا ۽ منجهن سڳن ڀاءُ ڀيڻن جهڙي محبت هئي، اهوئي سبب هو جو جيئن ئي هنيڪس کي نينسيءَ وٽ ٻارڙيءَ جي جنم جي خبر پئي ته هو پاڻ کي جلهي نه سگهيو ۽ سخت سردي ۽ برفاريءَ جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ ٻارڙيءَ کي ڏسڻ جي لاءِ گهران نڪري پيو.

نينسيءَ کي به هنيڪس ۽ پنهنجي چاچي ۽ چاچيءَ سان هڪ خاص قسم جو لڳاءُ هو. سندس اها به خواهش هئي ته ننڍڙي ايب کي پهرين اهي ئي ڏسن.

جنهن وقت ڊينس ٻوڙن ۽ ٽڪرين تان ٿيندو ميدان ۾ پهتو ته کيس لنڪن جي ڪيبن جي چمنيءَ مان نيري رنگ جو دونهون نڪرندي نظر آيو. اهو ڏسي هو اڃا به وڌي هلڻ لڳو. کيس لومڙيءَ جي کل جي ٽوپي پاتل هئي ۽ انهيءَ جو پُڇ هوا ۾ اُڏامي رهيو هو. هو سوچي رهيو هو ته ننڍڙو ايب ڪنهن تي ويو هوندو. ممڪن آهي ته پڻهنس جي مُهاندي تي ويو هجي، يا شايد ماڻهنس تي. هونئن به ڊينس کي ننڍن ٻارن سان ڪو گهڻو لڳاءُ نه هو، پر شايد نينسيءَ جو ننڍڙو مهمان، عام ٻارن کان مختلف هُجي.

نينسيءَ جو گهر لنڪن ڪيبن، هڪ ڪمري وارو ننڍو گهر هو. ڪمري جي بخاري ۾ ڪاٺيون ٻري رهيون هيون، ۽ انهن جو نيرو دونهون چمنيءَ مان نڪري ڳوٺ جي سرد فضا ۾ گم ٿي رهيو هو. ڪمرو ٻاهه جي ڪري سُهائو ۽ ٺورو گرم هو. ڊينس ڪڙو لاهي اندر

گهڙيو. سندس نظرون نينسيءَ جي مُرڪندڙ مُک تي پيون. جنهن جي چهري تي ٿڪاوٽ جا آثار هئا. ڪمزور چهري ڪي مامتا جي جذبن اڃا به موهيندڙ بنائي ڇڏيو هو ۽ ڊينس جون نظرون نينسيءَ جي چهري تان هٽي پهريون ڀيرو ننڍڙي ايب تي پيون. جنهن کي هڪ ڏينهن آمريڪا جو محبوب صدر بڻجڻو هو.

ڪيترن سالن کان پوءِ جيتوڻيڪ ڊينس هنيڪس پوڙهو ٿي چڪو هو. پر سندس ذهن مان سردين جي ان صبح جي ياد ڪڏهن به گم نه ٿي ۽ هو وڏي شوق سان انهن ڳالهين کي مرچ مصالا وجهي پيو ٻڌائيندو هو ۽ هڪ افسانوي داستان وانگر ايب بابت ۽ انهيءَ ڏينهن بابت پيو ڳالهيون گهڙيندو هو. پر انهيءَ جي باوجود به ماڻهو ڊينس جون ڳالهيون ٻڌي نه ٿڪبا هئا. ڪين ڊينس جون ڳالهيون ڪڏهن به نه وسرنديون هيون. جڏهن هو پنهنجي مخصوص ڳوڻاٽي لهجي ۾ چوندو هو. ”نينسي پنهنجي بستري تي ليٽي پئي هئي. هوءَ ڏاڍي خوش هئي. ٿام. بخاري ۾ باهه ٻاري ڇڏي هئي. هن ماءُ ۽ ٻار تي ڪل جو نهيل هڪ ڪمبل اوڍي ڇڏيو هو. ٻاهر جي ڀيٽ ۾ اندر ڪمري ۾ سردي ڪافي گهٽ هئي.

چاچي بيٽسي اسپيرو کي ته صفا ڪن ڪنڻ جي به واندڪائي نه هئي. ماءُ ٻار جو ڪيتروئي ڪم مٿس اچي پيو هو. هوءَ ڏاڍي تيزيءَ سان ڪم اُڪلائيندي پي ويئي. ڪيس ٻارڙي جي لاءِ ڪپڙا سبڻا هئا. جنهن لاءِ سُئيءَ جو بندوبست ڪرڻ. ماءُ جي لاءِ هلڪي ۽ جلد هضم ٿيڻ واري غذا جو بندوبست ڪرڻ. مطلب ته ڪيس ڪيترائي ڪم هئا. جيڪي چاچي بيٽسي اسپيرو کي ڪرڻا هئا. هن ٽڙتڪڙ ۾ پنهنجي ڏهٽيءَ جي لاءِ هڪ قميص ۽ هڪ چڊي سُبي ڪيس



پارائي. پوءِ ڏاڍي احتياط سان ڪيس ڪمبل ۾ ويڙهيو.

هن نينسيءَ جي لاءِ هڪ بوتل مان ماکي ڪڍي انهيءَ ۾ ڳچ جيترو ميوو ملايو ۽ پوءِ باهه تي رڌڻ جي لاءِ رکي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هوءَ گهر جي ٻين ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويئي.

ڊينس خوشيءَ مان ٽڙندي ٻارڙيءَ کي هنج ۾ کنيو. جيڪو چيريءَ جي ميوي جيان لڳي رهيو هو. نينسي ڏڪندڙ آواز ۾ آهستي آهستي چيو. ”ڊينس! ٿورو خيال سان.... تون پهريون ڇوڪرو آهين. جنهن کي هن ڏٺو آهي. متان ڊيڄي نه وڃي!“

ٻارڙو ڊينس جي هنج ۾ روئڻ لڳو. ڊينس ڪيس وندرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ روئيندڙ ايب کي چاچي بيٽسي اسپيرو جي حوالي ڪندي چيائين. ”چاچي هن کي وٺ! هي ته صفا ڪو روئڻو آهي.. جڻ سڄي عمر ائين ئي روئندو رهندو.“

ڊينس جا لفظ شايد سچ ئي ثابت ٿين ها. لنڪن جا گهر وارا غريب ۽ سادا سودا هئا ۽ خاص ڪري منيڪس جو گهراڻو ته صفا سادو ۽ نيڪ سڀاءَ ماڻهن جو هو. ڪين ڪڏهن به ان ڳالهه جو گمان ٿي نه سگهيو ته ڪو هي ٻارڙو هڪ ڏينهن ڏاڍو مشهور ماڻهو ٿيندو.

ننڍڙي ايب جو پهريون سال گهر ۾ امڙ جي هنج ۾ ٿڃ پيئندي. ڪائيندي ۽ ڪيڏندي گذريو. هو پينگهي ۾ ليٽيو پيو آڱوٺو چوسيندو ۽ ڇت کي تڪيندو هو. ڪمري جي بخاري ۾ ڪيس باهه ٻرندي نظر ايندي هئي. ڪپهه کي ڪَتڻ لاءِ چرخي جو گهمندڙ ڦيٿو. پنهنجي امڙ جو مُرڪندڙ چهرو. جيڪا جُهڪي ڪيس پيار ڪندي هئي ۽ شايد پنهنجي پيءُ ٿام لنڪن جي سخت ڪارن وارن ۽ منهن تي به سندس نظر پوندي هئي. جڏهن هو شڪار تي وڃڻ مهل بخاري

جي مٿان لڳل ڪِلَ مان لڙڪندڙ بندوق لاهيندو هو.

هن جي نظر اڪثر ڪري پنهنجي ٻن سالن جي ڀيڻ سارا جي چهري تي به پوندي هئي، جيڪا وڏي محبت سان پنهنجي ننڍڙي منڙي ڀاءُ کي جهڪي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. سندس لوڏ کي لوڏيندي هئي ۽ کيس مُرڪندو ڏسي پاڻ به ڏاڍو کلندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي ٻاتن ٻولن ۾ لڳاتار اهو پُڇندي رهندي هئي ته ”ادا ننڍڙو ڪڏهن وڏو ٿي مون سان ڳالهائيندو ۽ رانديون ڪيڏندو؟“

سارا کي اُميد هئي ته ننڍڙو ايب ٻئي سال پنهنجي ڀيڻ جي آڱر جهلي، صاف پاڻيءَ جي انهيءَ چشمي تائين ضرور پهچي ويندو، جنهن جي ڪري سندس پيءُ جي ٻني سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هئي. اهو چشمو هڪ ننڍي غار مان نڪري سينور جميل پٿرن جي وچ مان وهندو، ڏاڍي پُراسرار طريقي سان گُم ٿي ويندو هو.

جڏهن ايب لنڪن ٿورو وڏو ٿيو ته هو ”سڪنگ اسپرنگ فارم“ جي باري ۾ سڀڪجهه وساري چڪو هو. هو ”هوج نيول ڪينٽڪي“ جي پرسان ”سائوٿ فورڪ نولن ڪريڪ“ جي پرواري جڳهه کي به وساري چڪو هو، جتي هو ڄائو هو. سندس ذهن ۾ شروعاتي ڏينهن جون جيڪي يادون محفوظ هيون، انهن ۾ سڀ کان پهرين انهيءَ ٻنيءَ جو تصور ٿي اُڀريو، جتي سندس گهر وارا منتقل ٿيا هئا. انهيءَ وقت سندس عمر ٻه سال هئي، سندس پيءَ ٿام لنڪن کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو نئون گهر اڏڻو پيو هو. اهو نئون گهر ڪاٺ جي مضبوط لٺين جي ٺهيل جهوپڙي هئي. ’مل ڊراهل‘ جي پهاڙي پٽ ۾ ”ناب ڪريڪ“ هڪ زرخيز ماٿري هئي، ٿام لنڪن انهيءَ سائيدار، سرسبز ۽ شاداب ماٿريءَ ۾ پنهنجو نئون گهر اڏيو.



ڏسندي ئي ڏسندي ايب وڏو ٿي ويو. ڊينس هنيڪس، ابراهام لنڪن جي ننڍپڻ جا واقعا ڏاڍي مزي سان ٻڌائيندو هو.

”هو ٻڪريءَ جي کل جا جوتا، لومڙيءَ جي کل جي ٽوپي، ٿلهي ڪپڙي جي قميص ۽ پاجامو پايو هيڏانهن هوڏانهن ٽينگ ٽپا ڏيندو وتندو هو. هو نينسيءَ کي گهڻ ستائيندو هو ۽ گهڻو ڪري پنهنجو ڪم پاڻ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو اگهاڙي پيرين ئي گهر مان نڪري ويندو هو. جڏهن ايب ٿورو وڏو ٿيو ته هو اسان سان گڏ شڪار تي به هلڻ لڳو. جڏهن آئون ۽ ٿام لنڪن شڪاري ڪُتن کي ساڻ ڪري جهنگلي جانورن جي شڪار تي نڪرندا هئاسين ته ايب به اسان سان گڏ هلندو هو. هو ٻيلي ۾ شرارتون ڪندو وتندو هو. ماکيءَ جي مکين کي ڏسي سندن پيڇو ڪندو هو. انهن جي ماناري تائين پهچي ويندو هو ۽ وڻ تي چڙهي انهن جو مانارو لاهي ڪٽي ايندو هو. هڪ ڇوڪري جي لاءِ اها زندگي دلچسپ به هئي ته خطرناڪ پڻ، پر ايب ڪنهن خطري کي ليکيندو ئي نه هو.“

انهيءَ زماني بابت ايب لنڪن جي ذهن ۾ ڪجهه هن قسم جون يادون محفوظ هيون. هو چوندو هو. ”ننڍپڻ جي بلڪل شروعاتي واقعن مان مون کي هاڻ فقط ’ناب ڪريڪ‘ ياد رهجي ويو آهي. اسان جي ٻني ٽن وڏن ميدانن تي مشتمل هئي، انهيءَ ميدان جي چئني طرفن اوچيون اوچيون ٽڪريون ۽ اونهيون کاهيون هيون. ڇنڇر جي هڪ شام جو اسان سڀني ڇوڪرن گڏجي هڪ ٻنيءَ ۾ ٻج پوکڻ جو فيصلو ڪيو. اهو ٻني جو ٽڪر سٺن ايڪڙن تي مشتمل هو. ٻيا سنگتي ته ٻنيءَ ۾ اناج پوکڻ لڳا. پر آئون ڪدوءَ جا ٻج ڇٽڻ لڳس، مون هڪ قطار ڇڏي ٻي قطار ۾ ٻج ڇٽڻ شروع ڪيا.

اهڙيءَ طرح اسين سڄو ڏينهن ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندا رهياسين. ٻئي ڏينهن آچر جي صبح جو ڪڪر مڙي آيا ۽ پهاڙن تي خوب طوفاني مينهن وٺو. جيتوڻيڪ ماڙيءَ ۾ مينهن جو هڪ ڦڙو به نه وٺو هو، پر ٽڪرين جي رستن ۽ لاهيارين ٽڪرين تان پاڻي زور سان وهندو ٻنين ۾ ويو ۽ اناج ۽ ڪدوءَ جا ٻج انهيءَ ۾ لڙهي ويا ۽ ٻني صاف ٿي ويئي.“

اهڙيءَ ئي هڪ طوفاني ٻوڏ ۾ هڪ ڀيرو ايب هڪ پهاڙي ناليءَ ۾ ڪِري پيو ۽ ٻُڏندي بچيو. اتفاق سان سندس هڪ دوست آسٽن ساڻس گڏ هو، جنهن هڪدم وڻ جي هڪ ٽاري پاڻيءَ ۾ وڌي ۽ اها ايب جلهي ورتي ۽ پوءِ آسٽن وڏي احتياط سان اها ڇڪيندو ڪيس ڪناري تائين وٺي آيو. ائين ايب جي جان بچي ويئي.

ايب سڀ کان پهرين ’ناب ڪريڪ‘ جي ميدانن ۽ ٻنين مان ٻئي وشال دنيا جي پهرين جهلڪ ڏٺي. سندس گهر جي سامهون هڪ وڏو رستو ”ڪمبرلينڊ ٽريل“ لنگهندو هو انهيءَ رستي تان هر قسم جا مسافر لنگهندا هئا. سوداگر، لاڏائوئن جا قافلا، نين وسندين ۽ آبادين جي ڳولا ۾ گهمندڙ مختلف رنگن ۽ نسلن جا ماڻهو، ڪڏهن زنجيرن ۾ جڪڙيل غلام به نظر ايندا هئا. هڪ ڀيري هو ان ئي رستي تي هڪ سپاهيءَ سان مليو جيڪو 1812ع جي جنگ کان پوءِ نوڪريءَ تان رٽائر ٿي گهر موٽي رهيو هو. ايب، انهيءَ فوجي کي هڪ مڇي ڏني، جيڪا هن جابلو نديءَ مان جهلي هئي.

ايب انهن سڀني سان ملندو رهيو هو. ڀانت ڀانت جا ماڻهو. هو انهن سڀني جون ڳالهيون ٻڌندو هو. اهڙيءَ طرح سندس ڄاڻ ۽ حيرت ۾ واڌارو ٿيندو رهندو هو. ماڻهو انهيءَ وقت به ايب جي باري



۾ چوندا هئا ته اهو وڏن ڪنن وارو نينگر هن ننڍي وهيءَ ۾ ئي نيون نيون ڳالهيون ڄاڻڻ ۽ سکڻ جو ڪيترو نه شوقين آهي.

ڪجهه عرصي کان پوءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول ماستر آيو، جنهن جو نالو ’ذڪريا رائني‘ هو. هن ڪاٺ جي لٺن مان ٺهيل هڪ جهوپڙيءَ ۾ ڳوٺ جي ٻارن کي گڏ ڪري پڙهائڻ شروع ڪيو. جهوپڙيءَ جو فرش ڪافي گندو هو. سڀ ڇوڪرا انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ گڏ ٿي نج ڪتابي انداز ۾ زور زور سان لڏندا پڙهندا هئا. ايب کي انهيءَ اسڪول ۾ جيڪا وڏي سڏ پڙهڻ جي عادت پئجي ويئي، سا پوءِ يا عمر هن سان لاڳو رهي. هو وڏو ٿيڻ بعد به سدائين وڏي سڏ پڙهندو هو.

ايب جي پيءَ ٿامر لنڪن کي پڙهڻ سان ڪا به دلچسپي نه هئي. خود ابراهام لنڪن پنهنجي پوءِ جي لکڻين ۾ هن بابت لکيو، ”هو ننڍپڻ ۾ ڏاڍو محنتي ۽ لاابالي طبيعت جو هو. هن لکڻ پڙهڻ ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏريو.“

ٿامر هڪ سٺو شڪاري به هو، واڍڪو ڪم به سٺي نموني ڄاڻندو هو. ٻني ٻاري جو ڪم به دل لڳائي ڪندو هو، پر هو ڪڏهن به سٺو ڪُڙمي بنجي نه سگهيو. ڪيس قصن ٻُڌائڻ يعني داستان گوئي ۾ به مهارت حاصل هئي. جڏهن هو ڳالهيون ڪرڻ ويهندو هو ته ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي دلچسپيءَ سان ويهي سندس ڳالهيون ٻڌندا هئا. ٿامر لنڪن ڏکيائي سان پنهنجي صحيح مس ڪري سگهندو هو، پر لکڻ کي هو سدائين ٽوڪ ٽڙيءَ جو نشانو بنائيندو هو.

ايب جي ماءُ نينسي هنيڪس بنهه غريب ۽ اڻ پڙهيل گهراڻي

سان واسطو رکندي هئي. پر پنهنجي سياءَ ۾ هوءَ ڏاڍي نيڪ، سادي ۽ غير معمولي طور تي ذهين هئي، ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هوءَ ٿورو گهڻو لکي پڙهي به سگهندي هئي، پر اها ڳالهه ڪا گهڻي اعتبار جوڳي نه آهي.

سارا ۽ ابراهام لنڪن جي اها مِنڙي ماءُ ئي هئي، جنهن جي زور ڀرڻ تي ٻارن کي اسڪول موڪليو ويو، جيئن هو گهڻو نه ته به ڪجهه مهينا ئي تعليم پرائي وٺن. نه ته سندن پيءُ انهيءَ ڳالهه جو مذاق اُڏائيندو رهندو هو.

1816ع جو ذڪر آهي جو نينسيءَ کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته ٿام لنڪن پريشان ۽ سوچن ۾ ٻُڏل نظر اچي ٿو. ٿوري جستجوءَ کان پوءِ هن اندازو لڳايو ته هن پيري به سندن ٻنين جا نوان دعويدار پيدا ٿي پيا آهن ۽ هن پيري شايد ٿام کي پنهنجي ٻني ٻاري تان هٿ ڌوئڻا پون. هونئن به ٿام جي مالي حالت ڪا ايتري سُٺي نه هئي، فصل به سٺو نه ٿيو هو، هو اڪيلو به هو. هيترين سارين ٻنين جي کيڙي پوکي ۽ سارسنڀال اڪيلي سر سندس وس کان ٻاهر هئي، ٻيا هاري ڪافي مالدار هئا. عام رواج موجب انهن هارين وٽ ڪيترائي غلام پڻ هئا. جيڪي ڏينهن رات انهن ٻنين ۾ ڪم ڪندا هئا. ٿام ويچارو پاڻ به غريب هو، منجهس غلام خريدڻ جي سگهه نه هئي. تنهنڪري ڏينهون ڏينهن سندس حالت خراب ٿيندي ويئي. هاڻي هو اڳ کان به وڌيڪ پريشان ۽ پنهنجن خيالن ۾ گم نظر ايندو هو.

اوهايو درياهه جي اُتر طرف ’انڊيانا‘ جو علائقو هو، جيڪو ڏاڍو زرخيز هو، پر هيستائين لڳ ڀڳ غيرآباد پيو هو، ٿام جو خيال هو ته



چو نه هڪ ڀيرو انهيءَ علائقي ۾ پاڳ آزمايو وڃي، شايد تقدير ساٿ ڏي ۽ بگڙيل حالت سڌري وڃي. انهيءَ نئين علائقي جو جائزو وٺڻ جي لاءِ ٿام اڪيلو ئي روانو ٿي ويو ۽ نينسي سوچيندو رهجي ويئي. سندس ڏهن سالن جي ازدواجي زندگيءَ ۾ اها ٽين لڏپلاڻ هئي. هوءَ سوچيندي هئي ته نيٺ به اسين ڪيستائين لاڏائوئن جيان زندگي گذاريندا رهنداسين ۽ ڪيستائين پنهنجي پراڻين ٻنين ۽ گهرن کي ڇڏي نون ۽ غيرآباد علائقن ۾ گهر اڏيندا ۽ پاڳ آزمائيندا رهنداسين. ڪيترائي ڀيرا ڪيس ائين لڳو ته ڄڻ سندس پاڳ ۾ اِهائي لڏپلاڻ واري زندگي لکيل آهي.

انهيءَ سال اڳ جي پيٽ ۾ گهڻو سيءُ پيو هو، ماڻهو، جانور، گهر ٻنيون ۽ ميدان سڀ برف سان ڍڪجي ويا هئا. سڄي ڪائنات سيءَ سبب ڏڪندي محسوس ٿي رهي هئي، ڄڻ هر شيءِ کي پارو لڳي ويو هجي.

نينسي سوچيندي هئي ته جيستائين ٿام ’انڊيانا‘ جي علائقي جو جائزو وٺي ايندو، تيستائين سرديءَ جي موسم پڄاڻي تي پهچڻ واري هوندي. خزان اچڻ واري هوندي، ٻنين ۽ ميدانن ۾ ڏڏڙ پئي اُڏامندي، اهڙي غير يقيني مُند ۾ ٻن ٻارڙن سان گڏ اوپري علائقي ۾ سفر ڪرڻ پڪ سان خطري کان خالي نه هوندو.

نينسي پنهنجي جهوپڙي جي ڪمري ۾ اڪيلي ليٽي پئي ڇت کي گهوريندي رهندي هئي، ٻيلي جي تيز هوا ڪمري جي چمنيءَ مان ٽڪرائجي سيٽيءَ جو آواز ڪندي، سندس تنهائين ۾ ڊپ جي لهر پيدا ڪري ويندي هئي. نينسيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هئا ۽ هوءَ انهيءَ لڏپلاڻ جي آئيندي جي ڏنڊلڪن ۾ کوئجي

ويندي هئي.

پر ايب جي لاءِ اها لڏپلاڻ سندس شرارتن جي لاءِ نئون دڳ ۽ نياپو کڻي آئي. اِهي ڏينهن ڪانئس گذاريا ئي نہ ٿيندا هئا. سندس دل چاهيندي هئي تہ هو پَرَ هڻي پري کان نظر ايندڙ برف وارن ميدانن ۾ اڏري پهچي وڃي. هو پنهنجي نئين گهر جي خوشيءَ ۾ جهوپڙي جي پويان هڪ مٿاهين لاهياري ٽڪريءَ تي چڙهي ويو هو تہ جيئن ميلن تائين پري نظر ايندڙ ’انديانا‘ جي ميدانن ۽ ٻنين جي هڪ جهلڪ ڏسي سگهي. جتي ڪيس وڃي نئون ڳوٺ اڏڻو هو. انهن ميدانن ۾، جهنگلي جانور ۽ رِڇ بہ هوندا، پر ايب کي انهن جي ڪهڙي پرواهہ هئي. هو اٺن سالن جو هوندو ۽ ڪجهہ ئي وقت کان پوءِ هو بندوق ۽ ڪُهاڙيءَ سان انهن جانورن کي هڪ وڏي ماڻهوءَ جيان نهايت ڦڙتائيءَ سان شڪار ڪري سگهندو.

آڪٽوبر جي تکي روشني کان پنهنجون اکيون بچائڻ واسطي ايب هٿن جي اَڏ ورتي ۽ دور اُتر طرف ڌيان سان ڏسڻ لڳو، اها نيري لڪير ڇا هئي، آسمان جو اُفقي ڪنارو هو يا وري ’اوهايو درياهہ‘. جنهن جي ٻي ڪنڌيءَ کان ’انديانا‘ جو علائقو شروع ٿيو ٿي.

—

[ 2 ]

## ڪکائين جهوپڙيءَ جا رهواسي

**[اسين پنهنجي نئين گهر ۾ لڳ ڀڳ اُن زماني ۾ پهتاسين، جڏهن انديانا جي رياست يونين ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو. اهو هڪ جهنگلي علائقو هو. ان جي ٻيلن ۾ ان وقت تائين رِڇ ۽ ٻيا جانور گهڻائيءَ ۾ موجود هئا. آئون اُتي ئي وڏي وڏو ٿيس. — ابراهام لنڪن]**

•

نيٽ نينسيءَ جي ٻي چينيءَ جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ تام علائقي جو جائزو وٺي نومبر ۾ واپس اچي ويو. تام کي داستان گوئيءَ تي بہ عبور حاصل هو. سو هن پنهنجي لفاظي ۽ شيريني بيانيءَ سان ان علائقي جو نقشو اهڙي تہ من موهيندڙ نموني چٽيو جو ڪٽي بس. سندس چواڻي علائقو تمام گهڻو زرخيز هو. اتي جا ميدان، ٻنيون ۽ ٻيلا پنهنجي هنج ۾ قدرتي وسيلن جي اڻکٽ دولت سمائي ڪنهن نئين ”سنڌباد“ جي اوسيئڙي ۾ هئا. هن ٻڌايو تہ پاڻ ’اوهايو درياهہ‘ کان ڪيترائي ميل اُتر طرف ”پيجن ڪريڪ“ وٽ هڪ سؤ سٺ ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري آيو آهي. اتي پهچندي ئي سندن ڏينهن ڦري ويندا، ٺهيل ٺڪيل زندگي ڇڏي، نئون ڳوٺ اَڏڻ ۾ ٿوري گهڻي تہ قرباني ڏيڻي ئي پوندي.

نينسيءَ جي ويران اکين ۾ اميدن جا ڏيئا ٻرڻ لڳا ۽ ايب انديانا جي انهيءَ نئين علائقي جو حال اهڙي انداز ۾ ٻُڌندو هو، جڻ سندس

شرارتن جي مملڪت ۾ نئين علائقي جو واڌارو ٿي ويو هجي. ٽام پنهنجي زال ۽ ٻارن سان اتي جي زرخيزي ۽ شادابي، اتي جي جهنگلي هرڻن، ڪُڪڙين ۽ شڪاري پکين جو حال خوب مزو وٺي بيان ڪيو. پر ڪانئس انهيءَ داستان جو هڪ ضروري حصو رهجي ويو يا خبر نه آهي ته ڄاڻي واڻي يا اتفاق سان. اهو بيان ڪرڻ وساري ويٺو ته پيئڻ جي پاڻيءَ جو ويجهي ۾ ويجهو چشمون به اُتان ڪان ڪيترائي ميل پري هو ۽ اتي جي ٻيلن ۾ رڳو هرڻ ۽ ڪڪڙيون ئي نه پر چيتا، شينهن، رِڇ ۽ ٻيا خوفائتا جانور به رهيا ٿي ۽ انهن علائقن جي برڪتن ۾ مليريا به شامل هئي. اُتي جي ماڻهن ۾ رهندڙ مڇر وڏي فراخدلي سان نون آيلن جي دل جي گهرائين سان خدمت چاڪري ڪندا رهندا هئا.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته علائقائي حڪومت جي ادارن، انڊيانا جي علائقي کي بهتر بنائڻ جون تدبيرون شروع ڪري ڇڏيون هيون. اتي ڪجهه زرخيز زمين به هئي ۽ ڪينٽڪي جي علائقي جي پيٽ ۾ وڌيڪ پلي به هئي، پر اهو سڄو علائقو لڳ ڀڳ غيرآباد هو ۽ گهاٽا ٻيلا هنڌين ماڳهين رستو روڪي بيٺا هئا. تنهنڪري ٽام جهڙو سيماب طبع ۽ مهم پسند پيءَ به سرديءَ جي سخت موسم ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارڙن کي اهڙي هنڌ منتقل ڪرڻ کان ٿورو لنوائي رهيو هو. انهيءَ سڄي علائقي ۾ هڪ به جهوپڙي نه هئي، جتي وقتي طرح سرد هوائن کان محفوظ رهي سگهجي.

پر ٽام جي لاءِ وڃڻ ته جڻ ڀاڳ بنجي چڪو هو. تنهنڪري ٽام سفر جو سعيو ڪيو ته ڊينس هنيڪس به ساڻس گڏ سنيري پيو. هنيڪس جي ماڻهن مان رڳو نينسي جي گهر وارا ئي وڃي



بچيا هئا. تنهنڪري ڪانئس وقتي جدائي به سَٺي نه ٿي. انهيءَ لڏپلاڻ جي داستان جا ڪجهه مرحلا به هنيڪس جي زباني ٻُڌو.

"نينسيءَ سڄي گهر جو سامان سَڙو هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ ٻه ڳرا ٿيلها تيار ڪيا. مون سمورو سامان انهن ۾ ڀريو. ٽام نوان پلنگ ۽ ميزون ڪرسيون سولائي سان ٺاهي ٿي سگهيو. تنهنڪري اهي پاڻ سان کڻيو گهمڻ مناسب نه سمجهيائين. اهو سمورو سامان ٻن گهوڙن تي لڏيو ويو. ايب به ڪُلهي ۾ بندوق لٽڪائي ۽ هلڻ لڳو."

اهڙي طرح اهو ننڍڙو قافلو پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيو ۽ ٻن ڏينهن جي لڳاتار سفر کان پوءِ "اوهايو درياهه" جي اُلهندي ڪناري تائين پهچي ويو. اها حد "انڊرسن ڪريڪ" جي پيٽ ۾ انڊيانا جي وڌيڪ ويجهي هئي. هنن بار برداري جي لاءِ هڪ ٻيڙي ياڙي تي ڪئي ۽ 'اوهايو درياهه' اُڪري ٻيءَ ڪنڌيءَ تي پهتا. ان پاسي "پوزي" نالي شخص جي ٻني هئي، هو ڪجهه وقت ساهي پٽڻ جي لاِ ترسيا، پر ڪين آرام ڪٿي هو. اجا ته ڪين پنهنجي نين ٻنين تائين پهچڻ جي لاءِ سورهن ميلن جو مفاصلو رستو ٺاهي طئي ڪرڻو هو، جو اوستائين پهچڻ جو سمورو رستو گهاٽن ٻيلن سان سَٽيو پيو هو.

سرءَ جي مند شروع ٿي چڪي هئي، پر ڪن وڻن جي شاخن تي اجا تائين پن موجود هئا. ڊگهن وڻن جي زرد چوڏي مان اجا سوڏي ڪٽي ساواڻ نظر پي آئي. شاه بلوط جي وڻن جا پن ڏاڍا سخت جان ٿيندا آهن. ۽ سيني کان پچاڙيءَ ۾ ڇڻندا آهن. تنهنڪري شاه بلوط جا ڳاڙهسرا پن ڏاڍا سهڻا ٿي لڳا. صنوبر ۽ چنار جا ٿلها متارا وڻ صدين کان نيري آسمان جي هيٺان ڳاٽ اوچو

ڪيو بيٺا هئا ۽ انڊيانا جي انهن ٻيلن جي قديمي عظمت جا گواهه هئا.

انهن ٻيلن جي پاڇن ۾ قديم رهاڪو ’ريڊ انڊين‘ به رهندا هئا، پر انڊيانا جي ان علائقي ۾ 1816ع تائين ڪوبه اهڙو قبيلو نه پهتو هو. تنهن هوندي به ايب پنهنجي بندوق ڏاڍي احتياط سان سنڀالي ڪنئي هئي. درياهه اُڪرندي هن انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکيو ته سندس بارود متان پُسي نه وڃي. هو ٻيلي مان لنگهندي پڻ سڄو وقت هوشيار رهيو. شايد سندس ذهن ۾ ننڍپڻ جون ڳالهيون اُڀريون هيون. ڪيس ياد هو ته سندس نالو ’ابراهام لنڪن‘ اصل ۾ سندس ڏاڏي جي نالي تي رکيو ويو هو ۽ هن اهو به نه وساريو هو ته سندس ڏاڏي کي انهن قديم رهاڪن ريڊ انڊين ڪنيٽڪي ۾ ماري ڇڏيو هو. ايب اهو واقعو ڪيترائي ڀيرا پنهنجي پيءُ جي واتان ٻُڌي چڪو هو ۽ هينئر ٻيلي ۾ پهچي سج لهڻ کان پوءِ چئني طرفن باهه جا اُلا روشن ڪري هن اهو قصو ورجايو.

ايب جو ڏاڏو ابراهام لنڪن ورجينيا مان لڏي ڪنيٽڪي جي ٽڪرين طرف هليو ويو هو. هو پنهنجي زال بٿشيبا، ٽن ڇوڪرين ۽ ٻن ڇوڪرن جي مختصر ڪُٽنب سان ڪنيٽڪي ۾ ’گرين رپود‘ جي پر پاسي اچي رهيو هو. جتي هن ٻن هزار ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو هو.

مئي 1786ع جو ذڪر آهي، ايب جو ڏاڏو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو هو. ساڻس گڏ سندس ٽيئي ڇوڪرا به ڪم ۾ لڳل هئا. ايب جو پيءُ ٿامس انهن ٽنهي مان ننڍو هو. ان وقت سندس عمر اٺ سال هئي، هو چارئي پنهنجي ڪم ۾ جُنبيل هئا. جو ٻيلي



مان گولي هلڻ جو آواز آيو ۽ گڏوگڏ ڏاڏو لنڪن اچي پٽ تي ڪِريو ۽ چڙيون ئي به هنيائين. ٽيئي ڀائر دنگ رهجي ويا. اهو سڀ ڪجهه ايترو ته اوچتو ٿيو هو، جو ڪين فوري طور تي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. پر جلدئي هو معاملو سمجهي ويا. ٻيئي وڏا ڀائر قاتلن جي پويان ڀڳا ۽ اُٺن سالن جو ٿامس پيءُ جي لاش وٽ ويٺو رهيو. ڀائرن جي ويندي ئي ٿامس ڏٺو ته هڪ ريڊانڊين پنهنجي ٿمَ مان نڪتو ۽ ڊوڙندو هن ڏانهن اچڻ لڳو.

”ڇا هيءَ وحشي ڪيس جهلي ويندو؟ يا ڪيس ماري ڇڏي.“ ٿامس ڪجهه به سوچي نه سگهيو، سندس نظرون وحشيءَ جي سيني تي لڙڪندڙ چمڪندڙ تمغي تي پيون. هو هاڻ گهٽو ويجهو اچي چڪو هو، جو اوچتو پويان گولي ڇُٽڻ جو آواز آيو. نشانو پنهنجي جاءِ تي لڳو. ٿامس ڏٺو ته ان چمڪندڙ تمغي جي هيٺان وحشي جي ڪاري بدن مان ڳاڙهي رت جو ڦوهارو نڪتو ۽ هو ٿوري دير جي لاءِ لُڏيو. پوءِ ڦهڪو ڪري پٽ تي ڪِري پيو. ٿامس جو ڀاءُ سُنو نشاني باز هو. هو ڪنهن ترڇي اک جو نشانو وٺي گولي ڇوڙيندو هو ته اهو نشانو ڪڏهن به خالي نه ويندو هو. ڏاڏا لنڪن جي وفات کان سڄو گهراڻو ٽڙي پکڙي ويو، جنهن کي جيڏانهن منهن آيو، تيڏانهن روانو ٿي ويو. ٿامس جو گهراڻو به اڃا تائين لڏپلاڻ ۾ هو.

ايب ڀيرون ڀيرو جڏهن اهو داستان ٻڌو ته رات جي اونداهي موسم جي سردي ۽ ٻيلي جي ڀوائتي ماحول ۾ ڪيس ڊپ ٿيڻ لڳو. باهه وسامي ويئي هئي، ڏور ڪٿي بگهڙ گوڙ ڪري رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن چيتي به خوفناڪ آواز ڪڍي ٿي ڇڏيو. جيڪو ٻيلي جي ٿڌي ۽ تيز هوائن ۾ گڏجي ڳچ دير تائين ٻُرائيندو

رهندو هو ۽ ڏپ سبب ويچاري ايب جي ڪرنگهي جي هڏيءَ ۾ سيسڙاٽ پئجي ٿي ويا.

جڏهن هو پنهنجي نين ٻنين تائين پهتا ته ڪيس اِهي سڃاڻ ۾ ڏکيائي ٿي. اهو ته اتفاق هو. جو تام هڪ سؤ سٺ ايڪڙن جي چئني پاسن ڪُنڊن وٽ ڪيترين ئي وڻڻ جون ٽاريون هٽي آيو هو. انهن ٽارين جي مدد سان ٻني ڳولهي لهڻ ۾ آساني ٿين. ايب پنهنجي پيءَ سان گڏجي هڪ اڌو گابري جهوپڙي تيار ڪئي، جهوپڙي ڇا هئي؟ اٽڪل چوڏهن فوٽ ڊگهي ۽ ايتري ئي ويڪري هئي، جيڪا ڪاٺ جون لئيون ڪوڙي، وڻن جي پنن ۽ جانورن جي کلن منجهان ٺاهي ويئي هئي. گهر جي اُلهندي پٽ غائب هئي، اهڙيءَ طرح ڏينهن رات مَڇ ٻرندو رهندو هو. انهيءَ گهر ڪي شايد جهوپڙي چوڻ به مناسب نه هو. وڻن جون سڪل پتيون سندن لاءِ فرش ۽ بستري جو ڪم ڏينديون هيون. جيئن نوريئڙا وڻن جي ڪوڪلن ٽُڙن ۾ رهندا هئا، تيئن هو به ائين هن گهر ۾ رهندا هئا، مينهن ۽ برفباري کان بچاءَ جي ڪابه صورت نه هئي.

تام جلدئي ڪاٺ جي ٽوڙين جي باقاعده جهوپڙي اڏڻ شروع ڪئي، پر سردين جي سڄي مُند سندس زال، سارا ۽ ايب انهيءَ بنا ڇت ۽ پتين واري گهر ۾ سيءَ سبب ڏڪندا رهيا.

خوشقسمتيءَ سان ڪين شڪار سولائي سان ملي ويندو هو. نه ته شايد ڪين بکون ڪاٽيون پون ها. جهنگلي پکين ۽ هرڻن جي گهٽائي هئي. البت پاڻي جي وڏي مصيبت هئي. پيئڻ جي پاڻي جو چشمو به اتان ڪان هڪ ميل جي پنڌ تي هو. انهيءَ چشمي تائين ويچاري ايب کي ڏينهن ۾ ڪيترائي چڪر هڻڻا پوندا هئا. سندس



ذمي رکيو اهو هڪ ڪم ته ڪونه هو. هو جهوپڙيءَ جي لاءِ وڻن جون ڪاٺيون وڍڻ ۾ به پيءَ جي مدد ڪندو هو. هڪ ڀيري ته هو جهنگلي ڪُڪڙ به ماري.

گهڻو پوءِ جي لکڻين ۾ ابراهام لنڪن پنهنجو ذڪر ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ ڪيو آهي، ايب ڪٿي به پنهنجو نالو نه ڪنيو آهي، جڻ هو ڪنهن ٻي ڇوڪري جو ذڪر ڪري رهيو هجي، هو لکي ٿو ته، ”جيتوڻيڪ ننڍي وهي جو هو، پر پنهنجي عمر جي ڀيٽ ۾ ڪافي وڏا ڪم ڪري گذرندو هو. هن ننڍپڻ ۾ ئي ڪهاڙي سنڀالي ورتي ۽ 23 سالن تائين اها لڳاتار استعمال ڪندو رهيو. فصل جي پوکائيءَ ۽ لاباري مهل انهن ڪمن ۾ جنبي ويندو هو. نه ته هو هوندو هو ۽ سندس ڪُهاڙي انهيءَ زماني ۾ ايب شڪار ڪرڻ به شروع ڪيو. پر هو سُنو نشاني باز بنجي نه سگهيو.“

هڪ ڀيري جڏهن هو پنهنجي عمر جو اٺون سال پورو ڪري رهيو هو ته هڪ دلچسپ واقعو ٿيو. سندس غيرموجودگيءَ ۾ جهنگلي ڪُڪڙين جو هڪ ولر سندن جهوپڙيءَ جي ويجهو آيو. هن بندوق ڪنئي ۽ هڪ سوراخ مان ڪُڪڙين تي گولي هلائي هڪ جو شڪار ڪيو. انهيءَ ڪانپوءِ هن انهيءَ کان وڌو شڪار نه ڪيو.

نيٺ اپريل جو مهينو اچي ويو. بهارجي رُت پنهنجي سيني رعنائين سان اچي سَهڙي، مسي.سي.پي، اوهايو ۽ پوءِ پيجن ڪريڪ جا علائقا پاڻمرادو ڦٽندڙ وڻن، رنگ برنگي، سرسبز ۽ شاداب وڻن سان ڀَرجي ويا. سڄو علائقو رنگن ۽ هُڳائن جي هڪ سيلاب ۾ ٻُڏي ويو هو. فصلن ۾ لابارو پئجي ويو هو ۽ ٿورو سڪون جو موقعو مليو. پر اجا به هينئن ٿيندو هو ته رات جو رِڃ ايندا هئا ۽ لنڪن جا

پالتو جانور چَٽ ڪري ويندا هئا.

1817ع جي بهار جي مُند ۾ يعني لنڪن جي گهر وارن جي اچڻ کان هڪ سال پوءِ هڪ ٻيو گهراڻو سندن تنهاين ۾ شريڪ ٿي ويو. اهي ٿامس، بيٽسي اسپيرو ۽ ڊينس هنيڪس هئا. ٿامس ۽ بيٽسي ئي، نينسيءَ جي پالنا ڪئي هئي. تنهنڪري انهيءَ علائقي ۾ اهي ٻيئي نينسيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ جي نالي سان ئي مشهور هئا. اسپيرو جو اهو ڪُٽنب بہ انهيءَ اڌ ڪُليل گهر ۾ اچي ٽڪيو، جيڪو هاڻي خالي پيو هو، ڇو تہ لنڪن پنهنجي ڪاٺ جي جهوپڙي اڏي ورتي هئي ۽ هو انهيءَ ۾ وڃي رهيا هئا. اها جهوپڙي اَٺ فوٽ ويڪري ۽ ويهہ فوٽ ڊگهي هئي، نينسي انهيءَ ۾ ڪاٺ جا صندل بہ لڳايا ها. هڪ پاسي ڪاٺ جو چرخو رکيو هو، ڪجهہ اسٽول ۽ هڪ ميز بہ گهر ۾ اچي ويئي هئي، پر جهوپڙي جي حالت اڃا تائين درست ٿي نہ سگهي هئي، فرش خالي زمين جو هو، ڇت مختلف هنڌن تان ڪُليل هئي، پٽين ۾ ڏرڙ ۽ ڦوٽون هيون، جن مان سياري ۾ هوا زوزات ڪندي ايندي هئي. دروازن ۾ اڃا سوڏي ڪڙا ڪُندا بہ نہ لڳي سگهيا هئا. بس مٿو لڪائڻ جو هڪ ٺڪاڻو ٺهي پيو هو.

شايد ان ئي مصيبت جي زندگيءَ جي ڪري ان زماني ۾ ماڻهو گهڻو عرصو جيئرو نہ رهندا هئا.

ڊينس هنيڪس پنهنجا تاثرات هينئن بيان ڪيا آهن:

”اسين اڪثر شڪار ڪندا رهندا هئاسين، خاص ڪري تڏهن جڏهن 1817-18ع جي سردين ۾ ٻئي گهراڻا ٿڌ سبب ڏڪندا رهيا، لنڪن پنهجي اڻ پوري جهوپڙي ۽ اسپيرو پنهنجي اڌ ڪليل جهوپڙيءَ ۾، انهن ٻنهي گهراڻن گڏيل



محنت سان اٽڪل ڇهہ ايڪڙ زمين بلڪل صاف ڪري پوک جي لائق ٺاهي ڇڏي هئي تہ جيئن 1818ع جي بهار جي مُند ۾ فصل پوکي سگهن، ڇو تہ هيستائين انهن ٻنهي گهراڻن جو گذارو گهڻو ڪري جهنگلي پکين جي شڪار، خشڪ ميون ۽ فروٽ تي هو.“

پر قدرت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو، خزان جي مُند ايندي ئي سندن گلشن ۾ خزان ڇانئجي ويئي. انهيءَ سڄي علائقي ۾ هڪ عجيب پُراسرار بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو، جنهن ۾ ماڻهو تہ ماڻهو پر جانور بہ مرڻ لڳا هئا.

ٿامسن ۽ بيٽسي اسپيرو بيمار ٿي پيا، اڌ ٺهيل گهر، سخت موسم، ڪراڙو جسم، پلا ڪو ڪيترو سختيون سهي ٿي سگهيو، نينسي ڏينهن ۽ رات سندن تيمارداري ڪئي، پر آيل گهڙي ٽري نہ سگهي. ٿامس ۽ بيٽسي سڪل پنن جي ڍڳ تي وڃي ڍٽي ڪي پرتا- انهيءَ وقت حالت ئي اهڙي هئي جو دوا درمل تہ پنهنجي جاءِ تي پر ڍنگ جو هنڌ ۽ ڪٿولو بہ ڪين ميسر نہ هو.

ٿام ڪاٺ جا ٻہ تابوت ٺاهيا ۽ ٻنهي زال مڙسن کي هڪٻئي جي ڀَر ۾ دفنائي ڇڏيو. هو اڃا انهن جي ڪفن دفن مان واندو مس ٿيو جو نينسيءَ جي حالت خراب ٿيڻ لڳي، ويجهي ۾ ويجهو ڊاڪٽر بہ پنجٽيهہ ميل پري هو، پنجٽيهہ ميل وڃڻ ۽ اچڻ جي دوران الائجي ڇا ٿي وڃي. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري ٻہ ننڍڙا ٻار، بيمار ماءُ، ٿام بدحواس ٿي ويو، ڪيس خبر هئي تہ آيل گهڙي ٽري نہ ٿي سگهي، انهيءَ منحوس ۽ قاتل بيماريءَ جي حملي ڪان هيستائين ڪير بہ بچي نہ سگهيو هو.

سرءُ جي موسم جي هڪ صبح جو نيرو آسمان چمڪي رهيو هو. سارا ۽ ايب جي پياري امڙ ٻنهي ٻارن کي پنهنجي پرسان سڏيو ۽ دل ڀري ٻنهي جي هٿڙن ۽ مُرجهايل مهاندن کي ڏٺائين ۽ ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ کي پاڻ ۾ پيار ۽ محبت سان رهڻ جو واعدو ورتائين ۽ پوءِ سدائين جي لاءِ اکيون ٻُوٽي ڇڏيائين. ٻئي ٻار غم سبب بي سُڌ ٿي ويا. هاڻي ڪيٻن سدائين جي لاءِ نينسيءَ جي ٻاجهه ۽ ممتا ڀريل آواز کان محروم ٿي چڪي هئي.

ڊينس هنيڪس انهيءَ واقعي جو هيئن ذڪر ڪيو آهي:

”او خدا! آئون اها بدبخت گهڙي ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. جڏهن نينسيءَ ڪاٺ جي انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ اسان کان مُنهن موڙيو. جهوپڙيءَ ۾ ڪاٺ جو هڪ بُنڊ پيو هو، مون ۽ ايب اهو وڍڻ ۽ چيرڻ ۾ ٿامس جي مدد ڪئي. ٿامس ڏنڊن ۽ ڪُنن سان نينسيءَ جي لاءِ تابوت ٺاهيو. آئون ۽ ايب ڪاٺ جهليو ويٺا هئاسين ۽ ٿامس انهن ۾ ميخون هڻندو رهيو. مون کي ائين لڳو ڄڻ ٿامس ڪنهن نه ڪنهن جو تابوت ٺاهيندوئي رهندو. اسان نينسيءَ جي آخري آرامگاهه ان ئي ٻيلي ۾ هڪ اهڙي هنڌ ٺاهي، جتان هرڻن جون قطارون لنگهنديون هيون. هرڻن جي ساده دلي ۽ معصوميت کي نينسيءَ جي فطرت سان ڪيتري نه هڪجهڙائي هئي، نينسي به هڪ هرڻي ئي ته هئي. جيڪا پنهنجن ٻن معصوم ٻارن کي ڇڏي هڪ ئي ڇال ڏيئي اسان کان اکين کان اوجهل ٿي وئي هئي.“

انهيءَ وقت ايب جي عمر مشڪل سان نوَ سال هئي، پر هو سڄي عمر پنهنجي امڙ جي آخري گهڙين کي وساري نه سگهيو!

پن ڇڻ جي موسم ختم ٿي وئي، برفباري به بند ٿي وئي ۽ اها منحوس بيماري به جهڙن ڊبيل پيرن سان آئي هئي، تهڙن ئي ڊبيل پيرن سان واپس وڃي چڪي هئي. نينسي جي آخري آرامگاهه ڏاڍي پُرسڪون هنڌ تي هئي ۽ جڏهن به ايب پنهنجي امڙ جي ياد ۾ بيقرار ٿيندو هو ته پنهنجي ننڍڙي ۽ معصوم دل کي ڏڍ ڏيڻ جي لاءِ ماءُ جي قدمن ۾ هليو ايندو هو.

—

## [ 3 ]
## ويڳي ماءُ

**[ايب ڏاڍو نيڪ ۽ پيارو ٻارڙو هو. هو مون سان ڪڏهن به خراب نموني نه هليو ۽ نه ئي مون کي شڪايت جو موقعو ڏنائين. هو پنهنجي سڀاءُ ۾ هر شيءِ ۽ هر شخص سان سُٺو سلوڪ ڪندو هو. اسان ٻنهي جا خيال هڪ جهڙا هئا. اسان ٻنهي جو دماغ به اڪثر معاملن ۾ هڪجهڙو ڪم ڪندو هو. — سارابش لنڪن]**

●

نينسي لنڪن جي موت ڪانئس سندن زندگيءَ جون ننڍيون ننڍيون خوشيون به ڪسي ورتيون هيون. انهيءَ وقت سارا جي عمر يارهن سال هئي، ايتري ننڍي وهيءَ ۾ ئي سندس مٿان گهر جي سڄي ڪم ڪار جو بار اچي پيو هو. هوءَ پنهنجي پيءُ، ڀاءُ ۽ هنيڪس جي لاءِ رڌپچاءُ ۽ سڄي گهر جو ڪم ڪار ڪندي ۽ پنهنجي قسمت تي روئيندي هئي، سچ پُڇو ته هوءَ ڪاٺ جي ان اڻپوري جهوپڙيءَ جي زندگي مان ڪَڪ ٿي پئي هئي. پر هوءَ اڪيلي سر ايترو سارو ڪم ڪيئن ٿي ڪري سگهي، ايب جي عمر ڏهه سال هئي ۽ هو ويچارو سڄو ڏينهن پنهنجو غم پاڻ سهندو هو، نه ڪنهن سان ڪجهه سَلي سگهندو هو ۽ نه ئي وري ڪو ڪيس ڏڍ دلاسو ڏيڻ وارو هو. سڀ پنهنجي پنهنجي پيڙا ۽ غم پاڻ ئي ڀوڳيندا هئا.

ٿام لنڪن کي گهڻو رنج اُن ڳالهه جو هو ته نينسي ۽ اسپيرو



جي موت تي ڪفن دفن جون سڀ رسون باقاعده ادا ٿي نه سگهيون هيون. هو پاڻ ته لکيل پڙهيل نه هو ۽ نه ئي وري پرپاسي ۾ به ڪو پادري وغيره هو، جيڪو انجيل جون مخصوص آيتون ايصال ثواب واسطي پڙهي سگهي.

هڪ ڏيهاڙي ڪينٽڪي ڳوٺ جو رهواسي هڪ پادري ”پارسن اليڪن“ وڙڪندو سڙڪندو هن پاسي اچي نڪتو. ٿام انهيءَ موقعي کي غنيمت سمجهيو ۽ ٽنهي ٻارن کي ساڻ ڪري فاتحه پڙهڻ جي لاءِ نينسيءَ جي قبر تي ويو. ايب ۽ سارا جون دليون پرچي آيون ۽ سندن ٻي چين نظرون مٽيءَ جي ڍڳ جي هيٺان ڪجهه ڳولهڻ لڳيون. ٿام، هنيڪس ۽ ايب ڪنڌ جُهڪائي پنهنجا هٿ ڇاتي تي ٻڌاءِ. پادري سڳوري انجيل جون آيتون پڙهڻ شروع ڪيون. پادري ثواب خاطر انجيل پڙهندو رهيو. ٿام خاموش بيٺو ماضيءَ جي يادن ۾ گُم هو ۽ ٻارڙا پنل نيٽن سان آسمان طرف تڪي رهيا هئا، ڄڻ هو نيري اُڀ ۾ ماءُ جي ٻاجهاري چهري جي هڪ پيرو ٻيهر جهلڪ پسڻ چاهيندا هجن، ڄڻ هن ممتا ڀريل آواز کي جيڪو هاڻ عدم ۽ فضائن ۾ هميشه جي لاءِ ڪوئجي ويو هو، ٻڌڻ ٿي چاهيو.

سڳوري انجيل جي آيتن سان نينسي جي روح کي ضرور راحت ملي هوندي، پر وڇڙيل گهراڻي جي ٻڳل دلين کي ڪا به شيءِ تسڪين نه ڏيئي سگهي. لفظن سان ڪٿي ٿا جدائي جا گهاءَ پرجن! نينسيءَ جي کوٽ سندن زندگين ۾ هڪ خال پيدا ڪري ڇڏيو هو. کين سندس ڳالهيون هر هر پيون ياد اينديون هيون. هوءَ سندن لاءِ اُن ڪَتيندي هئي پوءِ انهيءَ مان هنن جي لاءِ ڪپڙا تيار ڪندي هئي، سندن لاءِ صابڻ ٺاهيندي هئي، اونداهين راتين کي روشن رکڻ جي

لاءِ ميڻ بتيون ٺاهيندي هئي. هنن جي لاءِ جنڊ پيهي اٽو پيهندي هئي. ڪين وهنجاري سَهنجاري اچو ۽ اُجرو ڪندي هئي. جهوپڙي اڻ پوري هئي ته چا ٿي پيو، پر هوءَ ان کي شيشي جيان صاف رکندي هئي. نينسيءَ کي وڃائي ڪين ائين محسوس ٿيو ته نه رڳو هو هڪ محبت ڪندڙ ماءُ کان محروم ٿي ويا آهن، پر زندگيءَ جون سڀ خوشيون ڪانئن کسجي ويون آهن.

اهڙي طرح هڪ سال گذري ويو، سرءُ جي مُنڊ ۾ نينسيءَ جي ٻارهي جي زمانو به اچي سهڙيو. ٻارهي کان پوءِ ٿام پنهنجي دل ۾ هڪ فيصلو ڪيو ته آخر ڪيستائين ٻارڙا هينئن اڪيلا ڏڪا ڪائيندا رهندا. ٿام لنڪن ٿنهي ٻارڙن کي ڇڏي ڪينٽڪي جي سفر جي سنبت ڪئي ۽ روانو ٿي ويو، ٿام جي غيرموجودگيءَ ۾ ٻارڙن کي تنهائي جو احساس اچا به وڌيڪ شدت سان ٿيو.

’ايلزبيٿ ٿائون‘ پهچي، ٿام لنڪن، سارابش جونسٽن جو گهر ڳولهيو هو، سارابش کي شادي کان اڳ ئي سڃاڻندو هو. سندس مڙس ڊينئل جونسٽن وفات ڪري ويو هو ۽ هوءَ پنهنجي ٻن نياڻين ايلزبيٿ ۽ ميلدا ۽ هڪ پُٽ ’جون‘ سان گڏ زندگي گذاري رهي هئي. سارابش جا ٽيئي ٻار پيءَ جي شفقت کان محروم ٿي چڪا هئا ۽ ٿام جا ٻار به ماءُ جي مامتا کي ياد ڪري رهيا هئا. سندن مسئلا ۽ تڪليفون هڪجهڙيون هيون ۽ انهن جو نبيرو به هڪجهڙو ئي هو.

ان زماني جا ماڻهو ڏاڍا سادا سودا، مخلص ۽ سندن زندگيءَ جيان سندن جذبا به سچا ۽ کرا هوندا هئا. ٿام ڏاڍي سادگي سان سارابش کي چيو، ”منهنجي زال کي گذرئي پورو سال اچي ٿيو آهي.



منهنجا ٻار به تنهنجن ٻارن وانگيان ڏکارا ۽ پريشان آهن. آئون توکي نندي هوندي کان سُڃاڻان ٿو، تون به منهنجي عادت کان واقف آهين، هتي آئون ان لاءِ آيو آهيان ته جيڪڏهن تون راضي هُجين ته اسين هڪٻئي جي ڏک سُک ۾ شامل ٿي وڃون. مون کي انهيءَ معاملي ۾ تڪڙ به آهي، آئون چاهيان ٿو ته اهو ڪم سياڻي ٿي وڃي ته چڱو!“

سارابش ڏاڍي سڪون سان ٿام جي ڳالهه ٻُڌي ۽ ڏانهنس ڏسڻ ڪانسواءِ ئي چيائين، ”مون کي تنهنجي راءِ سان اتفاق آهي. پر هن غربت واري زندگيءَ ۾ آئون ڪجهه قرضي ٿي پئي آهيان، تنهنڪري ان ڪم کان پهرين قرض جي ادائيگي ضروري آهي.“

ٿام، سارابش جو قرض ادا ڪيو ۽ ٻي ڏينهن يعني 2 ڊسمبر 1819ع جي صبح جو سندن وهانءُ ٿي ويو.

هڪ ڏينهن صبح جو سارا، ايب ۽ هنيڪس خوشي ۽ حيرت مان ڏٺو ته سندن گهر جي اڳيان هڪ چئن گهوڙن واري گاڏي اچي بيٺي، ان ۾ الماڙي، ميز، ڪرسيون، رڌپچاءُ جا ٿانوَ، صابڻ ٺاهڻ جي ڪٽلي، نرم پرن وارا بسترا ۽ هڪ نئين ماءُ جي مُنهن تي نظر پين. گڏوگڏ هڪ نئون ڀاءُ ۽ ٻه ڀينر به نظر آيون.

هاڻي سندن اڪيلائين جا ڏينهن ۽ راتيون ختم ٿي ويون هيون ۽ سيني کان وڌيڪ اهو ته ڪين هڪ محبت ڪندڙ ماءُ ملي ويئي هئي. پر سارابش جي مٿي تي هڪ پرئي ترئي گهر جون ذميداريون اچي پيون هيون. هوءَ صاف سٿرو، ٺهيل ٺڪيل آرامده گهر ڇڏي آئي هئي ۽ هتي اچي هن ڏٺو ته ڪاٺ جي لٺين جي هڪ اڌپوري جهوپڙي، جنهن جي درين تي شڪار ڪيل جانورن جي کلن جا پردا

لڙڪي رهيا هئا. ڇت جي تختن تي ڪيترائي سوراخ هئا، جن تي وڻن جون ڇالون پيون هيون. ڪمري ۾، جنهن کي مُشڪل سان ڪمرو چئي سگهيو ٿي، هڪ پاسي ڪاٺ جي لٺين مان ٺهيل پلنگ پيل هو، جنهن تي ٻُهه سان ڀريل گدا پيا هئا. اڻ گهڙيل ڪاٺ جي هڪ ميز ۽ ٽي ڪن ڪرسيون پيل هيون. بس اهوئي هو ڪُل اثاثو- هن نئين گهر جو فرش به ميرو هو. هن ٻارن تي نظر وڌي ته سارا، ايب ۽ هنيڪس جا وار وڌيل، جيڪٽ ميرو ۽ بدن ايترو ته گدلو هو، ڄڻ سالن کان هو وهنتا ئي نه هجن. سارابُش جيڏانهن به نظر ٿي ڪئي ته سندس وحشت وڌندي ٿي ويئي. ڪٿي سندس ننڍو ۽ آرامده گهر ته ڪٿي هڪ ٻيلي واري بيابان ۾ گهيريل گهر! جيڪڏهن هوءَ ڪا جهڙي تهڙي زال هجي ها ته هيستائين ڇڏڻ گهوڙن واري گاڏيءَ ۾ ويهي واپس ايلزبيٿ ٽائون پنهنجي گهر پهچي چڪي هجي ها. ٻين جي لاءِ ڪير ٿو مصيبت سهي!

پر ٻارن جي ڀاڳ ۾ "سارابُش" هڪ ٻاجهاري ۽ منتظم ماءُ ثابت ٿي، انهيءَ جي باري ۾ ڊينس هنيڪس جا تاثرات ڀڏو:

"جنهن ڏينهن اسين سڀ غيرمعمولي طور تي گندا ۽ ميرا هئاسين، هن اسان کي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڌُئو ۽ ٺورو مُرڪي. پر ڪجهه چيائين ڪونه. هن سڀ کان پهرين جيڪا ڳالهه ڇئي، سا اها ته هڪ بئنچ ڪٽي ٻاهر وڻ جي هيٺان رکو، تنهن کان پوءِ هن سامان مان پاڻي ڀرڻ جي لاءِ هڪ بالٽي ڪڍي، پوءِ هڪ صابڻ ڏيندي مون کي، ايب ۽ پنهنجي پُٽ جونسٽن کي خوب بدن مهٽي وهنجي سَهنجي صاف سٿرا ڪپڙا پائي اچڻ جي لاءِ چيو. اسين ڇاڇي سارا



جي سامهون ميرا ۽ گدلا رهي نه ٿي سگهياسين."

ايب ۽ سارا جلدئي پنهنجي نئين ماءُ سان هِري مِري ويا، اڳِتي هلي هو ماٽس ايترا ته لاڳاپجي ويا، جو ڪين اهو محسوس ئي نه ٿيو ته هوءَ ڪا سندن ويڳي ماءُ هئي. لنڪن بعد ۾ سڄي عمر سندن ذڪر پنهنجي سڳي ماءُ جيان ئي عزت ۽ احترام سان ڪندو هو ۽ سارابش انهي جي لائق هئي به. هوءَ سندن لاءِ هڪ رحمت جو فرشتو ثابت ٿي، هن سڀ کان پهرين پنهنجن نون ٻارن ايب ۽ سارا ڏانهن ڌيان ڌريو. سڄو ڏينهن سندن ڇيڙهيالن وارن کي ڌوئڻ، صاف ڪرڻ ۽ ڦٽي ڏيڻ ۾ گذاريو. پوءِ هنن لاءِ نوان ڪپڙا تيار ڪيائين ۽ ڪين وهنجاري سَهنجاري ڪپڙا بدلرايائين. هن ٺام ڪي ئي پلنگ ٺاهڻ جي لاءِ چيو ٺام جلدئي اهي شيون جوڙي راس ڪيون. هن فرش صاف ڪيو، پراڻن گاديلن کي، جن ۾ ٻُهه ڀريل هو، اڌيڙيو ۽ ٻُهه ڪڍي ڦٽو ڪيو ۽ انهن ۾ نئون صاف ڪيل ٻُهه ڀري گاديلا تيار ڪيا ۽ پلنگن تي وڇائي انهن جي مٿان نرم ڀرن وارا بسترا ۽ وهاڻا لڳايا.

ايب جي نئين امڙ هر معاملي ۾ ايب جي همت وڌائي، ٻنهي ماءُ پُٽن ۾ هڪ ٻي جي لاءِ گهڻي چاهت ۽ اُڪير هئي. سارابش بيحد همت واري خوش مزاج ۽ ڪلمڪ هئي. سندس هڪ پوٽي لڪت ۾ پنهنجي ڏاڏيءَ بابت تاثرات هن ريت بيان ڪيا آهن:

"هوءَ بيحد ڪلمڪ، ڊگهي قد واري ۽ سُهڻي هئي، سندس ڳالهه ٻولهه ڏاڍي مُهذب ۽ شگفته هوندي هئي. هوءَ

پنهنجي وارن جو وڏو جوڙو ٻڌندي هئي.“

ساراباش پنهنجي گهراڻي تي هڪ راڻيءَ جيان راڄ ڪيو، سندس گهر جا ڀاتي جن جو تعداد گهٽجو وڃي ويو هو، ساڻس ڏاڍي محبت ڪندا هئا. ايب ته خاص طور تي پنهنجي ماءُ سان محبت ڪندو هو، ٻئي گڏجي ويهي پاڻ ۾ صلاحون ڪندا هئا، ماءُ پنهنجي نئين پُٽ جي همت وڌائيندي ۽ کيس ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي.

نيٺ ڪرسمس جو ڏينهن اچي ويو، ٻارن کي گذريل ڪرسمس به ياد هئي، جڏهن سندن ٻنا دروازي جي گهر جو در ڄڻ ڪرسمس جي لاءِ بند هو. سندس گهر جا ويڳاڻا در ۽ دروازا وڏي ڏينهن جي هر خوشيءَ کان محروم پنهنجي رهندڙن کي گم سم لڳندا هئا، ٻارن کي اهو محسوس ئي نه ٿيندو هو ته وڏو ڏينهن ڪڏهن آيو ۽ گذري ويو. پر 1819ع جي 25هين ڊسمبر تي جڏهن سج جو پهريون ڪرڻون سندن صاف سُٿري گهر جي در ۽ درين تي پيو ۽ ’مسيح جي ميلاد جو ڏينهن‘ جو پيام لکيو ته ڄڻ سڄو گهر زندگيءَ جي نين خوشين سان جَڳ مَڳ ٿي ويو، ان ڏينهن سندن امڙ خاص طور تي لذيذ ۽ مصالحي دار کاڌن جو بندوبست ڪيو ۽ رات جو جڏهن اهي سڀ ماني جي ميز جي چوڌاري مِڙي ويٺا ته ٻارڙن جون دليون احسانمنديءَ جي جذبن سان ڀرپور هيون، اڄ سندن گهر ٻاجهاري ماءُ جي مامتا کان محروم نه هو.



—

## [ 4 ]
## شروعاتي تعليم

**[اُن زماني ۾ اسڪول نالي ماتر هئا. اُستاد بنجڻ جي لاءِ ڪنهن خاص لياقت جي گهُرج نہ پوندي هئي. فقط لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ڪتاب اچڻ ڪافي هو. تعليمي نظام ۾ ڪابہ شيءِ اهڙي نہ هئي جنهن سان تعليم جو شوق پيدا ٿئي ها. - لنڪن]**

●

جن ماڻهن کي ايب لنڪن جي ننڍپڻ جو اهو زمانو ياد آهي، جڏهن هو ڏکڻ انڊيانا ۾ اگهاڙن پيرن سان گهمندو وتندو هو، تن ڏينهن بابت ايب بہ ڳالهيون ڪڏهن بہ نہ وساريون. هڪ اِها تہ هو ان زماني ۾ بہ پنهنجي ڄمار جي لحاظ کان ايترو تہ ڊگهو هو، جو ڪيس پاتل پتلون سدائين لُنڊي لڳندي هئي ۽ پتلون جي اوڇن پائنچن مان سندس پيرن جا مُريا سدائين صاف نظر پيا ايندا هئا ۽ ٻي ڳالهہ اها تہ ايب جي هٿن ۾ سدائين ڪونہ ڪو ڪتاب ضرور هوندو هو.

انهيءَ ٻي تاثر مان اسين اهو سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ ايب جسماني ۽ ذهني طور تيزي سان وڌي رهيو هو. جيتوڻيڪ ذهني طور تي اُن وقت تائين سندس طبيعت جا ڪي خاص جوهر ظاهر نہ ٿيا هئا، پر پوءِ بہ هو پنهنجي ساٿين ۾ سيني کان وڌيڪ سمجهو ذهين ۽ باخبر ڇوڪرو هو. هو گهڻو ڪري ڪنهن مٿاهين جاءِ تي چڙهي ويندو هو ۽ هٿ ۽ ٻانهون لوڏي ديول جي پادريءَ جي



وعظ جو نقل ڪندو هو، جيڪو ڏسي ماڻهو کِلي کِلي ڪيرا ٿي پوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو پڙهيل ڪتابن جا صفحن جا صفحا ڏاڍي ڳنڀيرتا سان ورجائيندو هو ۽ ماڻهو ڏاڍي ڌيان سان سندس تقرير ٻڌندا هئا.

هو سياڻ ۾ بيحد شرميلو هو، پر ڳالهيون ڪندي سندس هٻڪ دور ٿي ويندي هئي. ڪيس ڪيترائي ٽوٽڪا نقل، نذير ۽ لطيفا پڻ ياد هوندا هئا، جن سان هو ڪلنڌڙن کي کلائي کلائي پيٽن ۾ وَٽ وجهي ڇڏيندو هو.

ڪنهن ڪنهن مهل تہ هو ويٺي ويٺي ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻُڏي ويندو هو. سندس منهن مان فڪر جا چٽا آثار نظر ايندا هئا. ۽ هو بلڪل فلسفي لڳندو هو. فطري طور تي هو ڏاڍو نرم دل ۽ صلح پسند انسان هو، پر جيڪڏهن ڪيس ڪنهن چڙ ڏياري تہ هو وڙهڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندو هو. ابراهام لنڪن کي سڄي زندگي اهو افسوس رهيو تہ ڪيس شروع کان ئي باضابطا طور تي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو نہ مليو. هن جيڪو ڪجهہ بہ سِکيو، اهو سڀ پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ محنت جي سهاري سکيو، جنهن جو اظهار هو گهڻي نهٺائي مان ڪندو هو. صدارت جهڙي وڏي عهدي تي ويهڻ کان پوءِ بہ هو پنهنجي انهيءَ تعليمي کوٽ جو ذڪر وڏي افسوس سان ڪندو هو. پنهنجي تعليم جي باري ۾ لنڪن ڏاڍي سُٺي انداز ۾ لکيو آهي تہ. ”منهنجي اسڪول جي تعليم قسطن ۾ ٿي آهي.“

هن پنجن استادن وٽان تعليم پرائي، ٻن کان ڪنيٽڪي ۾ ۽ ٽن کان انڊيانا ۾. پر سندس تعليم جو ڪُل عرصو هڪ سال کان بہ گهٽ آهي. ظاهر آهي تہ هڪ سال جي گهٽ عرصي ۾ ڪير پلا ڇا

ٿي پڙهي سگهيو؟ انڊيانا ۾ سندس استادن جا نالا ڪرافورڊ، ڊورزي ۽ سوئيني هئا. اسڪول جي ڪتابن ۾ انجيل، رياضي جو هڪ ڪتاب ۽ هڪ هِجي ياد ڪرڻ وارو ڪتاب ئي سندس ڪُل موڙي هئا.

سرحدي علائقي جي انهن سڀني اسڪولن جي حالت هڪ جهڙي هئي، تعليمي طريقو، نصاب، سڀ ساڳيو هو، شاگردن کان في ورتي ويندي هئي. جيڪا اڪثر ڪري فصل لهڻ تي اناج، سوئرن يا جانورن جي کلن جي شڪل ۾ هوندي هئي، اسڪولن جي عمارت عام طور تي ڪاٺ جي هڪ جهوپڙيءَ تي مشتمل هوندي هئي. جن جي درين تي ڪاغذ لڳل هوندو هو ته جيئن اُس ۽ هوا کان بچي سگهجي.

ڇوڪرا ڪاٺ جي ٺهيل بئنچن تي ويهندا هئا، هڪ ٿورڙي مٿاهين بئنچ ميز جو ڪم ڏيندي هئي، انهيءَ تي ڪتاب، قلم ۽ مس ڪُپڙي رکيل هوندي هئي. استاد جي پٺيان آتشدان هوندو هو. جنهن ۾ سياري جي مُند ۾ باهه ٻرندي رهندي هئي. انهيءَ باهه جي گرمائش سبب استاد جي ڀرسان اڳين بئنچن تي ويٺل شاگردن جا ڇهرا خوب سيڪجندا هئا. باقي پوين بئنچن تي ويٺل شاگرد سيءَ سبب ڏڪندا رهندا هئا. انهن جون ٽنگون ٺڙڪنديون رهنديون هيون ۽ آڱريون ايتريون ته ساڀون ٿي وينديون هيون جو پڪن وارو قلم ڪنهن به طرح هٿ ۾ جهليو نه ٿيندو هُون.

اهو اسڪول به لنڪن جي گهر کان ساڍا چار ميل پري هو، ڪيس روزانو نوَ ميل پنڌ اچڻون ۽ وڃڻون پوندو هو. جنهن زماني جي موسم وڻندڙ هوندي هئي ته هو نون ميلن جي مسافريءَ مان مزو



ماڻيندو هو، ٻيلي ۾ ننڍڙن نوريئڙن ڪي پُڇ لوڏيندي اخروٽ ڪُترينديي ڏسندو هو. اهي نوريئڙا سندس اچڻ جي آواز تي نه ڀڄندا هئا، ڪيس اهو نوَن ميلن جو رستو طئي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو. برسات يا برف جي ڪري سندس ڪپڙا ۽ بُت پُسي ويندا هئا، ڊينس هنيڪس، ابراهام لنڪن جي انهيءَ حالت ڪي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”کل جا جوتا، جنهن جي اندر ڪارو چمڙو لڳل هوندو هو. سندس پيرن جي حفاظت لاءِ ڪافي نه هوندا هئا، برسات ۽ برفباريءَ ۾ انهن جوتن ۾ پاڻي پرجي ايندو هو ۽ پير سُن ٿي ويندا هئس.“

پر اهي مصيبتون، روزانو جو اهو ڊگهو سفر، ايب ڪي تعليم جي خاطر سيڪجهه گوارا هو، اسڪول وڃڻ جي لاءِ ڪيس ڪير به مجبور نه ڪندو هو. هو جيڪڏهن چاهي ها ته اسڪول نه وڃي ها، پر ڪيس تعليم سان عشق هو. سندس وس پُڄي ها ته هر وقت پڙهندو رهي ها، هن چاهيو ٿي ته ڪيس جيترو به وقت ملي ٿو، هو انهيءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽو سکي وٺي. ايب جو هڪ ڪلاسي ”نٿينل گرگس“ ٻڌائي ٿو ته، ”ايب اسڪول ۾ سدائين سڀني کان اڳ پهچندو هو. ڪلاس ۾ سڀ کان اڳين بئنچن تي ويهندو هو ۽ پنهنجي سڀني هم ڪلاسين کان وڌيڪ ذهين ۽ تيز هو. لفظن جي هِجَ ۽ معنيٰ ڪيس چڱي طرح ياد هوندي هئي، هڪ ڀيري هن هِجَ ۽ معنيٰ جي سبق ۾ ڏاڍي مزي واري حرڪت ڪئي. سندس هڪ هم ڪلاسڻ ڇوڪري انگريزيءَ جي هڪ لفظ جي هِجَ ٻُڌائي رهي هئي ۽ هوءَ اچا D.A.F تائين هتي ته هٻڪڻ لڳي، اڳيون لفظ I (آءِ) هو، جيڪو

ڪيس ياد هو. انگريزيءَ ۾ I (آءِ) اک کي بہ چئبو آهي. جنهن وقت هوءَ I (آءِ) تي اٽڪي بيهي رهي تہ ايب مان مٽيءَ ۾ سندس اک ڏانهن اشارو ڪيو. ڇوڪريءَ هڪدم سمجهي ويئي ۽ جلدي ٻُڌائي ڇڏيائين. ايب اڪثر ان قسم جون شرارتون بہ ڪندو رهندو هو.“

ڪنيٽڪي جيان انڊيانا ۾ بہ ساڳئي طرح جي مڪتبي اسڪولن جو طريقو رائج هو. اهي اسڪول پراڻي زماني جي اوپرند مدرسن سان ملندڙ جلندڙ هئا. جهڙيءَ طرح اوپرندن ملڪن ۾ ڪيترائي ٻارڙا تڏي، تونئري يا پٽ تي ويهي زور سان لڏي پڙهندا هئا، اهڙوئي طريقو انهن اسڪولن ۾ بہ لاڳو هو. سڄو اسڪول فقط هڪ جهوپڙيءَ واري ڪمري تي مشتمل هو، جنهن ۾ مختلف درجن جا ڇوڪرا گڏ ويهي پڙهندا هئا. استاد هڪ ڊگهي لٺ ڪڇ ۾ سڄي ڪمري ۾ هلندو وتندو هو ۽ سڀني درجن کي هڪ ئي وقت پڙهائيندو رهندو هو. جڏهن هڪ درجي وارا سبق پڙهندا هئا تہ ٻي درجي وارا پنهنجو سبق پڪو ڪندا رهندا هئا. انهن سڀني جو گڏيل سڏيل آواز اسڪول کان پري مڪين جو ڪو مانارو محسوس ٿيندو هو، جنهن ۾ هزارين مکيون ڀُڻ ڀُڻ ڪنديون رهنديون هُجن ۽ اها ڀُڻ ڀُڻ ڪلاڪن تائين جاري رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ويچارو ڪو ڏُڏ شاگرد انهيءَ ڀُڻ ڀُڻ ۾ پنهنجو سبق وساري ويهندو هو، تہ سزا طور ڪيس ڊگهي ڇُهنبدار ٽوپي پائي ڪمري جي ڪُنڊ ۾ ويهڻو پوندو هو. اها ٽوپي پائي هو ڪو مشڪرو پيو لڳندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هيئن بہ ٿيندو هو تہ سال جي شروع ۾ ڪو هڏ ڪاٺ جو سگهارو ڇوڪرو اسڪول ۾ داخل ٿيندو هو تہ اهو معلوم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو هو تہ استاد ڪهڙو ۽ شاگرد ڪهڙو



آهي؟ اهڙن موقعن تي استاد ويچاري کي پنهنجو دابو قائم رکڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳي ويندا هئا. ڇوڪرا استاد کي شاگرد ۽ شاگرد کي پنهنجو استاد سمجهڻ لڳندا هئا ۽ جڏهن حقيقت معلوم ٿيندي هئي تہ ڏاڍو مزو ايندو هو.

مسٽر ڪرافر تعليم سان گڏ تربيت جو بہ خيال رکندو هو. تنهنڪري هو اهو ڪندو هو تہ ڪنهن ڇوڪري کي ٻاهر موڪلي ڇڏيندو هو ۽ ڪيس چوندو هو تہ تون هاڻي هڪ نئين نويلي ڇوڪري جي حيثيت مان ڪمري ۾ گهڙنديِن. ڇوڪرو اندر گهڙندو هو تہ ماستر صاحب باقي سڀني شاگردن سان انهيءَ جو تعارف ڪرائيندو هو. اهڙيءَ طرح اهو ڇوڪرو ڪمري ۾ گهڙڻ، سلام ڪرڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جا طريقا پاڻمرادو سِکي وٺندو هو.

مسٽر ڊورسي جي اسڪول ۾ ايب صاف ۽ سهڻي صورتخطي سِکي، لنڪن جي هٿ لکيل جيڪا پهرين لکت ملي سگهي آهي، اهو هڪ شعر آهي، جنهن جو ترجمو هن ريت آهي:

ايب لنڪن، سندس هٿ ۾ قلم
ٿيندو وڏو ماڻهو، اهو اسين ڏسنداسين.

ابراهام لنڪن جي نرم دلي ۽ انسان دوستيءَ جو اندازو انهيءَ ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن دورسي ۽ سويني جي تعليم واري زماني ۾ جانورن سان بي رحميءَ جي خلاف ڪيترائي مضمون لکيا، جانورن کي سدائين جانور ئي سمجهيو ويندو هو ۽ ساڻن هر دور ۾ هر قسم جي بي رحميءَ وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري لنڪن جا اهي خيال سرحدي رهاڪن لاءِ بنهہ حيرت ۾ وجهندڙ هئا. جيڪي پنهنجي سياءُ ۾ گهڻا سخت هوندا هئا، هنن

جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته جانورن سان بي رحميءَ جي ڪهڙي معنيٰ آهي. پر ايب جي سگهارن دليلن ڪي سندس ساٿي سڄي زندگي ياد ڪندا رهيا ۽ هنن ارادي يا غيرارادي طور انهن جو اثر قبول ڪيو.

لنڪن جي پڙهڻ ئي لکڻ مان انهيءَ ڳالهه جو اندازو ٿي وڃي ٿو ته سندس رجحان ننڍپڻ ڪان ئي شاعريءَ طرف هو. اسڪول واري زماني ۾ ۽ انهي ڪانپوءِ به هو لڳاتار شعر ۽ شاعريءَ جي مشق ڪندو رهيو. پر سندس اها مشق وندر ۽ وروندهن ڪان اڳتي وڌي نه سگهي.

لنڪن جا جهونا ساٿي ۽ پاڙيسري سندس باري ۾ چوندا هئا ته هو سست هو. ڪيس پنهنجي ڪم ۽ محنت ڪان وڌيڪ پگهار ۽ آرام پسند هو. ڊينس هينڪس، جيڪو لنڪن جي واڪاڻ ۾ ڊاپندوئي نه هو، سو به انهن راين بابت ٻين ماڻهن سان سهمت هو. سندس خيال هو ته ”ايب ڏاڍو سست نينگر هو ۽ هر وقت ڪجهه نه ڪجهه لکندو، پڙهندو يا شعر ۽ شاعري ڪندو رهندو هو.“

هڪ ڀيري خود ايب لنڪن پنهنجي هڪ پاڙيسري هاريءَ کي چيو هو ته ”منهنجي پيءُ مون ڪي ڪم ۽ محنت ته چڱي طرح سيکاري، پر اُن ڪم مان لطف وٺڻ جو گُر نه سيکاريو آهي.“

اصل ۾ ڳالهه اها هئي ته اِهي ماڻهو اڻ پڙهيل هئا. هنن جي نظر ۾ جسماني پورهيو، ٻني ٻارو ڪرڻ ته ساراهه جوڳو ڪم هو، پر لکڻ ۽ پڙهڻ بيڪاري جو مشغلو هو. لکڻ پڙهڻ به ڪو ڪم ٿي سگهيو ٿي؟ اهو ڇا آهي ته قلم ڪڻي وينو هججي يا قلم ڪڻو وينو ڪيڙا ماڪوڙا ڪدي! يا شاعري پيو ڪري، اهو سڀ ڪم ڪيئن



ٿيو. اها ته ڪم چوري آهي. ايب لنڪن اڻن سالن ڪان وٺي لڳاتار جسماني پورهيو ته ڪندو ئي رهيو. پر ان سان گڏ هو لڳاتار تعليم حاصل ڪرڻ ۾ پڻ رُڌل رهيو هو. دماغي ۽ ذهني لحاظ ڪان هو انهيءَ وقت انڊيانا ۾ سڀني ڪان وڌيڪ مصروف نوجوان هو. هو هڪ اهڙي تياريءَ ۾ رُڌل هو، جنهن جو تصور انهن ماڻهن ڪي ته ٿهيو، پر خود لنڪن ڪي به نه هو.

ٿام لنڪن ايب جي باري ۾ عجيب مونجهاري ۾ هو. هو هڪئي وقت پنهنجي پُٽ ڪان خوش به هو ته ناخوش به. ايب جون عادتون ۽ سندس مزاج ۽ طور طريقا ٿام جي سمجهه ۾ نه ايندا هئا، پيءَ جي گهُرج هئي ته هو زمين جي ڪانٽي ڪري، لوڙهو ٻڌي ۽ ان قسم جي ٻين ڪمن ۾ دلچسپي وٺي، پر پُٽ هر وقت ڪتابن ۾ لڳو پيو هوندو هو. هر هلائيندو پيو هو، تڏهن به ڪتاب هٿ ۾ هوندو هوس. ماني ڪائيندو هو تڏهن به ڪتاب پيو پڙهندو هو. آتشدان وٽ به مطالعي ۾ محو هوندو هو. ٿام، جيڪو پنهنجو نالو به مشڪل سان لکي سگهندو هو، سو انهي ڳالهه ڪان سخت بيزار هوندو هو، ڪيس سمجهه ۾ نه ايندو هو ته نيٺ به ڪتاب رکڻ سان زندگيءَ ۾ ڪهڙو فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ايب ڏاڍو زنده دل ۽ خوش مزاج هو، هو ڪم ڪندي ڪندي ڪنهن ڊُبَ تي چڙهي ويندو ته واهه جون اهلون ڪڍندو هو، هٿن جا اشارا ڪندو ۽ تقريرون ڪندو هو ته ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرا پنهنجو ڪم ڇڏي، هن ڏانهن ڌيان ڏريندا هئا ۽ ڪلندي ڪلندي سندس پيٽن ۾ سور پئجي ويندو هو. لوهار جي دوڪان تي، اٿِي جي چڪيءَ تي جتي هو ڪٽڪ پيهائڻ ويندو هو، ماڻهو سندس

اوسيئڙي ۾ هوندا هئا. هن جون لطيفن سان ڀرپور ڪلائيندڙ ڳالهيون سندن بي فڪريءَ ۾ واڌارو ڪنديون هيون.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته ٿامس لنڪن پنهنجي پُٽ ايب لنڪن تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. هن ايب جي پڙهائيءَ تي ڪڏهن به اعتراض نه واريو. پر ڊينس هينڪس، جيڪو پيءُ ۽ پُٽ ٻنهي جو دادلو هوندو هو، بيان ٿو ڪري ته ٿامس ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پُٽ جي ڪَن مهٽ به ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوپري ماڻهوءَ جي سامهون گهٽي ڦڙتي ڏيکارڻ تي ڪيس هڪ اڌ لڪڻ به وهائي ڪڍندو هو.

جيڪڏهن ٿامس لنڪن، ايب تي سختي ڪندو هو ته ايب جي ويڳي ماءُ سارا بش اُن جي تلافي ڪندي هئي. هوءَ پڙهڻ لکڻ ۾ ايب جي همت افزائي ڪندي، سندس دلچسپ ڳالهين تي ڏاڍو کِلندي ۽ مزو وٺندي هئي.

هڪ ڀيري ايب ڏاڍي دلچسپ حرڪت ڪئي. هڪ ننڍو ڇوڪرو گپ ۾ ڳڏيو پي آيو. ايب کي ذهن ۾ شرارت سُجهي آئي. ڪيس اڪثر ڪري نيون نيون شرارتون ذهن ۾ اينديون رهنديون هيون. انهيءَ ڇوڪري کي هن پنهنجي ڪُلهن تي اُبتو کنيو يعني ڪنڌ هيٺ ۽ ٽنگون مٿي، پوءِ گپ سان ڀريل پير ڇت سان لڳايائين. ۽ هڪ وِڪ اهڙيءَ طرح هلايائينس، سفيد ڪئٻن جي ڇت تي هن جي پيرن جا نشان ڏاڍا عجيب پي لڳا. ائين ئي لڳو ڄڻ ڪو اُبتو ڇت تي هليو آهي. جڏهن سارا بُش جون نظرون انهن پيرن تي پيون ته هوءَ کِلي کِلي وٽجي ويئي. هُن ايب جي ان حرڪت مان خوب لُطف ورتو. جيئَن ته خود ايب جو مقصد به فقط وندر هو. تنهنڪري هن ڇُن



پُسائي هڪدم ڪئٻن جي ڇت تي پوچي هڻي ڇڏي.

سارا بُش سچ ٿي چيو هو ته ماءُ ۽ پُٽ ٻنهي جو دماغ هڪجهڙو ڪم ٿو ڪري. انهيءَ ڳالهه تي سارا بُش به ڪڏهن ايب کي تنبيهه نه ڪئي ته هو اڌ اڌ رات ڇو ٿو پڙهندو رهي يا ماني کائڻ مهل به ڪتاب کوليو ويٺو هوندو آهي.

سچ اهو آهي ته ڪابه سگهه لنڪن کي ڪتاب پڙهڻ کان روڪي نه ٿي سگهي. ڪتابن جي صفحن ۾ ٻُڏي هو علم ۽ ڄاڻ جي هڪ نئين دنيا ۾ پهچي ويندو هو. ڊينس هنيڪس جو چوڻ آهي ته ٻارهن سالن جي عمر کان پوءِ مون ڪڏهن به ايب کي ڪتابن کانسواءِ نه ڏٺو. هو ڇا ڪندو هو، جو قميص جي کيسي ۾ ڪو ڪتاب وجهي ڇڏيندو هو ۽ پتلون جي کيسي ۾ ٻُڪل داڻا ڀريندو هو ۽ پوءِ ڪم تي روانو ٿي ويندو هو. هر هلائڻ يا زمين کيڙڻ ۾ جنبي ويندو هو، ٻنپهرن تائين ڪم کي لڳو پيو هوندو هو. منجهند جو جڏهن ماني جي مهل ٿيندي هئي ته ٻيا همراهه ماني کائي آرام ڪندا هئا، پر ايب وڻ جي هيٺان وڃي ليٽي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪندو هو، ڳڏوڳڏ کيسي مان ٻڪل داڻا ڪڍي کائيندو ويندو هو. پوءِ جڏهن سج لهندو هو ته هو گهر ورندو هو ۽ اچڻ شرط بخاري وٽ پَٽ تي ويهي، پيٽ کي ٽيڪ ڏيئي، مطالعي ۾ مگن ٿي ويندو هو."

اهي ٻئي عادتون سڄي عمر ساڻس گڏ رهيون. مطالعو ۽ پيٽ سان ٽيڪ لڳائي پڙهڻ. انهيءَ زماني ۾ سندس مطالعي ۾ رهندڙ ڪتاب ۾ ايسپ جون آکاڻيون، رابنسن ڪروسو، پلگرمس پروگريسو ۽ پارس ويم جو مشهور ڪتاب "جارج واشنگٽن جي سوانح حيات" شامل آهي. انهن ڪتابن کي هن ايترا ته ڀيرا پڙهيو، جو ڪيس

صفحن جا صفحا ياد ٿي ويا هئا. هڪ ڀيري هينئن ٿيو ته ويم جو ڪتاب ”واشنگٽن جي سوانح حيات“ پڙهڻ جي لاءِ ڪٿان اُڌارو وٺي آيو. انهن ڏينهن ۾ مينهن پئجي ويا ۽ ڪيبن جي ڇت مان مينهن جو پاڻي ڳڙڻ لڳو. جنهن سان ڪتاب جي سرورق تي ڪجهه پاڻي جا ڇنڊا پئجي ويا ۽ اهو بلڪل خراب ٿي ويو. انهي جو ڏنڊ ادا ڪرڻ جي لاءِ لنڪن کي ڪيترائي ڏينهن چارو ڪٽڻو پيو.

ويم جي ڪتاب ”واشنگٽن جي سوانح حيات“ تي اڪثر ماڻهن سخت اعتراض اُٿاريا آهن. انهن ماڻهن خاص ڪري واشنگٽن جي ننڍپڻ جي انهيءَ واقعي تي اعتراض واريو آهي ته هڪ ڀيري واشنگٽن ننڍپڻ ۾ پنهنجي ننڍڙي ڪهاڙي سان چيريءَ جو هڪ وڻ وڍي ڇڏيو. پر پوءِ هن پاڻ کي پنهنجي پيءُ وٽ انهيءَ ڳالهه جو اقرار ڪيو. جو هن ڪوڙ ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو.

انهيءَ واقعي جي سچائي تي ”واشنگٽن جي سوانح حيات“ جي نقادن پنهنجي شڪ جو اظهار ڪيو آهي، پر سڀ ماڻهو ان ڳالهه تي سهمت آهن ته واشنگٽن جي انهيءَ ايمانداريءَ ۽ انهيءَ قسم جي واقعن لنڪن جي خيالن تي گهرو اثر وڌو ۽ هن جي مزاج ۾ سچائي ۽ حق پرستيءَ کي پختو ڪيو.

”واشنگٽن جي سوانح حيات“ لنڪن جي سڄي زندگيءَ کي متاثر ڪيو. هن به پنهنجي جيون کي انهيءَ اصولن تي گذارڻ چاهيو. تنهنڪري اسين جيڪڏهن انهن واقعن کي نظر انداز به ڪري ڇڏيون، جيڪي ”واشنگٽن جي سوانح حيات“ ۾ ليکڪ تخيل جي رنگ آميزيءَ سان بيان ڪيا آهن، تڏهن به انهن ٻنهي عظيم اڳواڻن جي زندگي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ڏاڍي دلچسپ هڪجهڙائي ملي ٿي.



ٻئي برطانوي نسل جا هئا، ٻئي قد جا ڊگها هئا، واشنگٽن جو قد ڇهه فوٽ هڪ انچ ۽ لنڪن جو قد ساڍا ڇهه فوٽ هو. جواني ۾ ٻئي ڏاڍا سٺا رانديگر هئا. ٻنهي پنهنجي شاگردي واري دور ۾ زمين کيڙڻ جو فن سکيو. ٻئي بيحد ايماندار ۽ اصول پسند هئا.

لنڪن جي زماني ۾ اهو رواج هوندو هو ته ڇوڪرا ڪافي وڏي عمر تائين پنهنجي مائٽن جي تابع رهندا هئا. ڪين ايڪهين سالن جي عمر تائين قانوني طور تي مائٽن جي نگراني ۾ رهڻو پوندو هو. انهي وهي ۾ هو جيڪو به ڪمائيندا هئا، اهو سندن والدين جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو. تنهنڪري ٿام لنڪن پنهنجي ان حق تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿيو. ايب جيڪو به ڪمائي ايندو هو اهو ٿام جي ئي کيسي ۾ ويندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪرن کي پاڙي وارن جي ٻنين ۾ محنت ۽ مزدوريءَ جي لاءِ موڪليو ويندو هو. جتي ٻي ڪم ڪار کان سواءِ سوئر به ڪُهڻا پوندا هئا. انهيءَ ڪم جو اُجورو ايڪٽيهه سينٽ روزانو هوندو هو. جيتوڻيڪ ايب اهو ڪم به بيحد ڦڙتائي سان ڪندو هو. پر هڪ اهڙي نينگر جي لاءِ جنهن فقط انهيءَ ڪري شڪار ڪرڻ ڇڏي ڏنو هجي ته انهيءَ مان جانورن جو خون ٿو ٿئي يا جنهن بي زبان جانورن تي بي رحميءَ واري سلوڪ جي خلاف ليک لکيا هئا. جانورن کي ڪُهڻ جو ڪم ڪو گهڻو خوشگوار نه هوندو هو.

پر انهيءَ اڻ وڻندڙ ڪم ۾ به کيس هڪ پهلو پسند هو ۽ اهو هيءَ ته اهڙي طرح کيس ڀانت ڀانت جي راندين، ڳائڻ وڄائڻ، اَهلون ڪڍڻ، روپ بدلائڻ، تقريرون ڪرڻ ۽ ڊوڙڻ جا بهترين موقعا ملي ويندا هئا. انهيءَ ڪري کيس نه رڳو جانورن ڪُهڻ جو ڪم پسند

هو، پر اوڙي پاڙي ۾ جيڪي به ان قسم جو ڪم ڪندا هئا، جهڙوڪ: اناج ڳڏ ڪرڻ، بند ٻڌڻ، ڇيچڙو ٻڌي ڳُڙ ڪڍڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪم جن ۾ ماڻهن جا ننڍا وڏا ميڙ ڳڏ ٿي ويندا هئا، ڪيس ڏاڍا وڻندا هئا. هو ته اهڙن موقعن جي ڳولا ۾ هوندو هو ۽ اهڙن ميڙن ۾ ايب سيني ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز بنجي ويندو هو. ماڻهو هن جي لطيفن، ٽوٽڪن، لٽڪن ۽ چٽڪن تي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. اهڙن تفريحي ميڙن ۾ جتي شراب نوشي به ٿيندي هئي ۽ پيئڻ وارا نشي ۾ الوٽ ٿي ويندا آهن ۽ الوٽ ٿيل ماڻهن جي ڳالهه مُهاڙ جو انداز ظرافت ۽ مزاح جون حدون ٽپي اڪثر فحش گوئيءَ جي حدن ۾ به داخل ٿي ويندو هو. پر ايب اهڙين محفلن ۾ ڪڏهن به جام کي هٿ نه لڳايو، سندس ڳالهه ٻولهه ۾ سدائين هڪ حد تائين ظرافت ۽ شائستہ مزاجي هوندي هئي. هو اهڙين محفلن جي رونق هوندو هو ۽ هن ڪانسواءِ اهڙيون محفلون ٻُسيون ٻُسيون لڳنديون هيون.

جيتوڻيڪ ايب اهڙين محفلن ۾ پنهنجي ساٿين کي تفريح جو سامان مهيا ڪندو هو، پر خود سندس ذهن اُڃارو رهندو هو. سندس دماغي قوتون ۽ ذهني صلاحيتون پنهنجي ساٿين کان وڌيڪ هيون. هن جي اندر علم جي جاکوڙ لڳاتار وڌندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هو ڪتابن جي ڳولا ۾ پري پري تائين وڃي نڪرندو هو. انهيءَ زماني ۾ اخبارون نه ايتريون عام هيون ۽ نه ئي وري سَولائيءَ سان ملنديون هيون، تنهنڪري ڪيس ڪنهن اخبار جي جهلڪ ڏسڻ جي لاءِ ميلن جا ميل چڪر ڪاٽڻا پوندا هئا. هاڻي هن جي اندر سياسي شعور بيدار ٿي چڪو هو ۽ هاڻ هو ڳوٺ جي خاموش ۽ مانار واري فضا مان گذري ملڪ جي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو، ڪيس



”وگ پارٽيءَ“ جا خيال ۽ اصول وڌيڪ مناسب محسوس ٿيڻ لڳا. ايب لڳ ڀڳ پاءُ صديءَ تائين پنهنجي سياسي نظرين جي حوالي سان وگ ئي رهيو. انهيءَ کان پوءِ هو 1850ع جي وچ ڌاري ’نيو ريپبليڪن پارٽي‘ ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ ئي پارٽيءَ ڪيس نيٺ ايوان صدر يعني وائيٽ هائوس تائين پهچايو.

انهيءَ زماني ۾ ٻن ڪتابن لنڪن کي گهڻو متاثر ڪيو. انهن مان هڪ انڊيانا رياست جي ترميم ٿيل قانون جو ڪتاب هو ۽ ٻيو ’ڪولمبس ڪلاس بڪ‘. هن انهن ٻنهي ڪتابن کي ڏاڍي ڌيان سان باربار پڙهيو. انهن مان پهرينءَ ڪتاب منجهس قانون جي اڀياس جو شوق پيدا ڪيو ۽ انهيءَ ڪتاب جي ڪري ئي سندس دل ۾ ”اعلان آزادي“ ۽ انهيءَ جي ليکڪ ٿامس جيفرسن جي عزت وڌي. انهيءَ ڪتاب جي اڀياس سان منجهس ٻين قانوني مسودن جهڙوڪ: آمريڪي دستور جي پهرين ڏهن ترميمن جي اڀياس جو شوق جاڳيو. انهيءَ ڪتاب ڪيس خيال ڏيارايو ته اولڊ نارٿ ويسٽ جي سڄي علائقي ۾، جنهن ۾ انڊيانا رياست به شامل هئي، غلامي جي رواج کي غيرقانوني قرار ڏيڻ گهرجي.

انهن ڪتابن جي اڀياس لنڪن جي خيالن ۾ وڏو انقلاب پيدا ڪيو، هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ هن جي ذهن ۾ علم جون نيون ڳڙکيون کلي ويون هجن، هن جي ذهن ۾ بار بار ”اعلان آزادي“ جا هي لفظ ٻرائجڻ لڳندا هئا:

”سڀئي انسان هڪٻئي جي برابر پيدا ڪيا ويا آهن، کين پيدا ڪرڻ واري انهن کي ڪي اهڙا حق ڏنا آهن، جيڪي ڪانئن کسي نه ٿا سگهجن ۽ حقن ۾ زندگي، آزادي ۽

خوشين جي ڳولا جو حق شامل آهي.“

”ڪولمبس ڪلاس بڪ“ هڪ قسم جو درسي ڪتاب ٿئي سگهجي ٿو. ايب انهيءَ ڪتاب کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهيو: انهيءَ ڪتاب مان ڪيس تاريخ ۽ جاگرافي بابت گهڻي ڄاڻ ٿي ۽ اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيس، جن بابت ڪيس اڳ ۾ ڪا به ڄاڻ نه هئي.

انهيءَ ڪتاب جي سهاري هن آمريڪا، بلڪ اُلهندي دنيا کان لنگهي ڪائنات جي فضا تي نظر وڌي. ڪيس معلوم ٿيو ته هيءَ زمين، جنهن کي هيستائين هو ڏاڍو وڏو سمجهندو هو، نظام شمسيءَ ۾ هڪ ٽڪي جي برابر حيثيت ٿي رکي، چنڊ، ۽ سج جهڙا هزارين گرهه هن وشال ڪائنات ۾ ننڍين ننڍين ڏيئن وانگر گهمندا رهندا آهن.

اڳ ۾ اڪثر ڪري ڪليل آسمان جي هيٺان ليٽي ٽٽندڙ تارن کي حيرت مان تڪيندو رهندو هو. هي ڪٿان اچن ٿا ۽ ڪيڏانهن گم ٿي وڃن ٿا؟ هن جي ذهن ۾ اهڙا ڪيئن سوال گهمندا رهندا هئا، هاڻي ڪيس انهن سوالن جا جواب ملي ويا هئا.

هڪ ڏهاڙي شام جو ايب پنهنجي پاڙيسري ڇوڪري ’ڪيٽي روبي‘ سان گڏ چشمي جي ڪناري تي ويٺو هو. ٻنهي پنهنجي پير وهندڙ پاڻيءَ ۾ لڙڪائي رکيا هئا ۽ پاڻي جي ٿڌاڻ مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. اولهه طرف زردي رنگ جو سج لهي رهيو هو ۽ اوڀر طرف چوڏهينءَ جو چنڊ هوريان هوريان اُڀري رهيو هو. ٻئي انهي منظر مان لطف ماڻي رهيا هئا. ايب، ڪيٽي کي سمجهائڻ شروع ڪيو ته اصل ۾ نه سج لهي ٿو ۽ نه وري چنڊ اُڀري ٿو. پر اهو سڀ اسان جي



نگاهن جو دوکو آهي. اصل ۾ زمين، لاٽونءَ وانگر ڦري رهي آهي، تنهنڪري ڏسندڙن کي ائين ٿو لڳي، ڄڻ اهي سج ۽ چنڊ لهي ۽ اُڀري رهيا آهن، نه ته ٿيندو هيئن آهي ته زمين جو هڪ حصو گهمي ٻئي طرف هليو ويندو آهي ۽ سج چنڊ جي سامهون هٽي ويندو آهي، تنهنڪري اسان کي اِهي گرهه لهندا ۽ اڀرندا محسوس ٿيندا آهن.

ڪيٽي پنهنجي سڄي زندگي، نظام شمسيءَ جو اهو پهريون سادو ۽ دل لڀائيندڙ سبق وساري نه سگهي. ايب ۽ ڪيٽي هڪٻئي سان محبت نه ڪندا هئا، پر هو فقط هڪ ٻئي جا دوست يا ساٿي هئا.

وڏي ٿيڻ کان پوءِ به ڪيٽيءَ جي ذهن ۾ ”انڊيانا“ جي جنگهلي چشمي جي ڪناري تي گذاريل گهڙين جون وڻندڙ يادون تازيون رهيون.

—

# [ 5 ]

## مِسي.سي.پي ۾ ٻيڙي هلائڻ

**[مون کي اها ڳالهہ ٻڌائيندي ڪابہ ڦِڪائي نہ پئي ٿئي تہ مون ٻيڙين تي هڪ معمولي مزدور وانگر ڪم ڪيو آهي، هڪ غريب ماڻهوءَ جي نينگر جيان مون هر قسم جي محنت مزدوري ڪئي آهي. - لنڪن]**

●

ايب ڪي سڄي زندگي ٻيڙي هلائڻ ۽ جهازراني سان دلچسپي رهي ۽ اها دلچسپي ڪيس ورثي ۾ ملي هئي، ايب جي ڄم کان ڪجهہ وقت پهرين جي ڳالهہ آهي تہ ٿامر لنڪن هڪ ٻيڙي ٺاهي هئي، جنهن ۾ اَناج، وهٽ ۽ واپاري وکر ڊوئي مِسي.سي.پي. ۽ اوهايو مان لنگهي ”نيو اوور لينز“ ويندو هو.

ساموندي زندگيءَ سان پنهنجي فطري لڳاءُ جي باوجود، بحري سفر تي وڃڻ کان اڳ ايب کي چڱي موچاري سکيا حاصل ڪرڻي پئي. انهيءَ وقت سندس عمر فقط سورهن سال هئي، پر سندس قد ڇهن فوٽن کان بہ سرس هو، ڏسڻ ۾ قدآور ۽ سگهارو ٿي لڳو.

شروع شروع ۾ ڪيس ’جيمس ٽيلر‘پاڻ وٽ مزدوريءَ تي رکيو، سندس ڪم هڪ ٻيڙيءَ ٺاهڻ ۽ ان کان پوءِ ان کي درياهہ جي پتڻ تي هلائڻ هو. ٻيڙي هلائڻ جي حد تائين تہ اهو ڪم مناسب هو، ڇو تہ اهو ايب جو من پسند مشغلو هو، ڪيس اهو ارمان هو تہ هو هڪ من پسند ناکئي جيان جهازراني ڪري. پر انهيءَ کان اڳ ڪيس



ڪاٺ وڍڻ ۽ پوءِ انهيءَ مان ٻيڙي تيار ڪرڻي هئي. اهو ڇڱو خاصو محنت طلب ۽ صبر وارو ڪم هو. هن جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها تہ ڀڄي وڃي ها، پر پنهنجي هٿڻ تہ ايب سکيوئي نہ هو. ڪم جيترو بہ ڏکيو ۽ سخت هوندو هو، هن جي همت ايتري ئي وڌندي هئي.

ايتري سخت محنت ۽ پورهئي جي باوجود ڪيس رڳو ستٽيهہ سينٽ (هڪ ڊالر ۾ سؤ سينٽ ٿيندا آهن) ڏهاڙي ملندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هينئن بہ ٿيندو هو جو مسافرن کي پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري اسٽيمر تائين پهچائي ايندو هو. انهي صورت ۾ ڪيس ڪجهہ سينٽ وڌيڪ بہ ملي ويندا هئا. هڪ ڀيري هينئن ٿيو تہ ٻہ مسافر آيا، ڪين اسٽيمر تي چڙهڻ جي تڪڙ هئي ۽ اسٽيمر تائين پهچڻ جي لاءِ ڪا ٻيڙي بہ نہ هئي. ايب ڪين پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري اسٽيمر تائين پهچائي آيو. مسافر هن جي محنت ۽ ڦڙتائي مان ايترو تہ خوش ٿيا، جو هنن ڪيس اڌ اڌ ڊالر جا ٻہ سڪا بخشش طور ڏنا.

ايب سوچيو: ”هڪ ڏينهن کان بہ گهٽ وقت ۾ هڪ ڊالر ڪمائڻ مون جهڙي غريب ڇوڪري جي اُميد بلڪ حق کان بہ وڌيڪ آهي.“

انهيءَ زماني ۾ هڪ ڊالر جو وڏو مُلهہ هو.

سترهن سالن جي عمر ۾ ايب جو قد ڇهہ فوٽ ٻہ انچ هو، اوڻيهن سالن جي وهيءَ ۾ هو ڇهن فوٽن ۽ چئن انچن جو قدآور ۽ سگهارو نوجوان هو. ڏسڻ ۾ سنهڙو، پر سگهہ ۾ اندياناا جي سرحدي علائقي جو ڪو ماڻهوئي ساڻس سندس مقابلي جي سگهہ ساري ٿي سگهيو. جسماني خوبين کان سواءِ اخلاقي لحاظ کان بہ ماڻهو ايب

ڪي گهڻو پسند ڪندا هئا. هو بيحد محنتي، ايماندار ۽ ڀروسي جوڳو هو.

شايد ايب جي انهن ئي جسماني ۽ اخلاقي خوبين کان متاثر ٿي ’جيمس جنٽري‘ ڪيس نوڪريءَ جي آڇ ڪئي، اها نوڪري ايب جي لاءِ هڪ وڏي نعمت کان گهٽ نه هئي. انهيءَ آڇ تي لنڪن سوچيو، ”زندگيءَ ۾ اهڙا موقعا بار بار نه ايندا آهن.“

جيمس جنٽري انهيءَ علائقي جو سڀ کان وڌيڪ مالدار ماڻهو هو. هڪ هزار ايڪڙ ٻنيءَ ڪانسواءِ وسيع چراگاهن ۽ ’جنٽري ويلي‘ ۾ هڪ دوڪان جو مالڪ پڻ هو. انهيءَ دوڪان ۾ وسنديءَ جا واندا ۽ بي فڪرا همراهه اچيو گڏبا هئا ۽ ايب انهن کي ٽوٽڪن ۽ دلچسپ قصن سان وندرائيندو هو. جيمس جنٽري ايب کي چيو ته سندس ڇوڪرو ايلن ۽ ايب ٻيئي گڏجي هڪ ٻيڙي تيار ڪن ۽ پوءِ اها واپاري وکرن سان پري ’نيواوورلينز‘ تائين ڪڻي وڃن. اهو ٻڌي ايب خوشيءَ مان ٽِڙي پيو. ڪيس پنهنجي سامونڊي سفر جا سونهري سپنا ساڀيان نظر اچڻ لڳا. ايب کي روزاني خرچ پکي ڪانسواءِ ماهوار اَٺ ڊالر ۽ واپسيءَ جو ڀاڙو ڏيڻ طئي ٿيو هو.

انهيءَ قسم جون ٻيڙيون بحري سفر لاءِ سڀ کان گهٽيون استعمال ٿينديون هيون. اِهي ٻيڙيون تمام سادي طريقي سان ناهيون وينديون هيون. ”درياهه اوهايو“ جي ڪنڌيءَ تي وڻن جا اڻ ڳڻيا ٻيلا هئا، جن جي ڊيگهه ويهن کان اسي فوٽن تائين هوندي هئي. اهي ٻيڙيون ڇا هيون، ڪاٺ جون هلندڙ گهمندڙ جهوپڙيون هيون. جيڪي هڪ ئي وقت پنسارڪو دڪان، مال جو وٿاڻ، اسٽور هائوس ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا هُيون. انهن جون پٽيون ايٽريون ته اوچيون هونديون هيون جو



سامونڊي ڌاڙيلن جون گوليون ٻيڙيءَ وارن جا سينا پروڻ ڪري نه سگهنديون هيون. انهيءَ زماني جي لحاظ کان اهي ٻيڙيون مال برداري جي لحاظ کان ڏاڍيون مناسب ۽ گنجائش جي لحاظ کان انهن تي مختلف قسمن جو اَناج، ڍور ڍڳا، شراب جا ڊرم ڪافي تعداد ۾ ڍوئي سگهبا هئا. ٻيڙي هلائڻ جي لاءِ گهٽ ماڻهن جي به گهُرج نه هوندي هئي ۽ سامان سولائي سان ’نيو اوور لينز‘ تائين پهچي ويندو هو.

لنڪن جي لاءِ ٻيڙي ناهڻ جو ڪم نئون نه هو. پر هن ايڏي وڏي سائيز جي ٻيڙي هن کان اڳ نه ناهي هئي. البت ننڍيون ٻيڙيون ۽ ٻتيلا ناهڻ جي ڪم ۾ پنهنجي پيءَ جو هٿ ونڊائي چڪو هو. ڪيس چڱي طرح تجربو هو ته ٽڙ ڪيئن چيريو ويندو آهي ۽ انهي کي ڪيئن سڌو ڪيو ويندو آهي. ۽ ڪهڙي نموني ڪاٺ کي جوڙي مضبوط ڪيو ويندو آهي. ’جيمس جنٽري‘ به ڪو سڌو ماڻهو نه هو. هن به ايب کي نوڪر رکڻ کان اڳ اهو اندازو ڪري ورتو ته ايب ڦڙت هئڻ سان گڏ سخت محنتي پڻ هو ۽ هو نوڪريءَ جي سيني شرطن تي پورو لهي سگهندو. هن ايب کي ٻين نوجوانن تي ترجيح ڏني.

انهيءَ زماني ۾ دريائي سفر ڏاڍو اٽانگو هوندو هو. ڪاٺ جون معمولي ٻيڙيون درياهه جي پُرشور موجن ۽ تيز ٿڦڙن کي سهنديون هلنديون هيون.

انهيءَ زماني جي مسافرن کي نه رڳو رات جي اونداهيءَ ۾ ٻين مصيبتن سان منهن ڏيڻو پوندو هو. پر هنڌ هنڌ تي سامونڊي ڌاڙيلن سان به نبرڻو پوندو هو. جيڪي پنهنجي شڪار جي ڳولا ۾ لِڪا

وينا هوندا هئا. انهن ساموندي شيطانن کان ڪو ياڳن وارو ۽ سخت جان ئي بچي نڪري سگهندو هو، نه ته اڪثر رستي ۾ مقابلو ڪندي اهڙا ته غرق ٿي ويندا هئا، جو نه ڪو سندن جنازو ڪڍندو هو ۽ نه ئي وري ڪا قبر ٺهندي هئي.

انهن ڌاڙيلن مان سيني کان وڌيڪ خطرناڪ ’مائڪ فنڪ‘ هو. هن جي بادشاهت سيني ساموندي رستن تي قائم هئي. سيئي ساموندي مسافر ۽ ناڪئا هن جي نالي کان ڪنبندا هئا. هن جو ٽولو وڏي دليري سان دينا داستيءَ ساموندي مسافرن کي لُٽيندو ۽ ڦريندو هو ۽ جيڪي ساڻس مقابلو ڪندا هئا، ۽ جهلجي پوندا هئا، تن کي وڏا ايذاءُ ڏيئي، سندن اکيون ڪڍي، ڪن ڪپي ۽ ٻيا انسانيت سوز ايذاءُ ڏيندو هو.

اهو بلڪل شروعاتي دور جو ذڪر آهي. هوريان هوريان انهن ساموندي ڌاڙيلن جو زور گهٽبو ويو. ’مائڪ فنڪ‘ جو ٽولو به پنهنجو موت پاڻ مري کپي ويو ۽ جنهن زماني ۾ ايب ۽ سندس ساٿيءَ ايلن، اپريل 1828ع ۾ ساموندي سفر تي وڃڻ جو ارادو ڪيو ته رستو ايترو خطرناڪ نه رهيو هو ۽ ڪين انهيءَ ڳالهه جو ڪو پڪو پولو نه هو ته ڪو ڦورو سندن نڪ ڪپي ويندو يا اکيون ڪڍي ويندو. پر پوءِ به اهو سفر خطري کان خالي نه هو. مائڪ فنڪ نه ئي سهي، پر سندس ٻيا پيچي ڌاڙيل اجا به انهن ساموندي رستن تي شڪار جي ڳولا ۾ نوس نوس ڪندا وتندا هئا ۽ اڪثر ڪري ڪين ڪونه ڪو سٺيو شڪار ملي ويندو هو.

اهي ساموندي ڦورو پنهنجي پيشرو بحري ڦورن کان ٿورو گهٽ درجي جا هئا ۽ انهن وانگر دلير ۽ خطرناڪ به نه هئا. اڪثر ڪري



هينئن به ٿيندو هو ته ٻيڙي وڪر ۾ مسافرن سان پري ترندي ويندي هئي ته ساموندي لهرن جي گونج ۾ هڪ پوائتو ۽ دهشتناڪ آواز فضا ۾ ٻرندو هو ۽ ڪو ساموندي ڌاڙيل مسافرن کي اشتعال ڏياري مقابلي جي لاءِ اپاريندو هو.

”اڙي پاڙي جا دنبا! اوهان مان ڪوبه مڙس ماڻهو مون سان مقابلي جي لاءِ تيار ڪونهي؟ آهي ڪو پنهنجي ماءُ جو پُٽ جيڪو پنهنجي زندگيءَ مان بيزار هجي. آئون ساموندي راڪاس آهيان... اڌ انسان... اڌ حيوان... آ ها..... ها ها..... ها.... پاڙيا ڪتان جا. رنن جيان چوڙيون پائي گهر نه ٿا وڃي ويهو يا اچي مڙسن جيان مون سان مقابلو ڪريو.“

مسافر اجا به ڦڙتي ۽ تيزيءَ سان ونجهه هلائڻ لڳندا هئا، ڪين خبر هوندي هئي ته اهي ٿورو ڪين چيڙائڻ ۽ مُنهان مُنهن مقابلي تي اچڻ جي لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ايب کي ڪاوڙ گهٽ ايندي هئي، جيمس جنٽري ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن اهڙي قسم جي بحري مسافريءَ ۾ ڪنهن مصيبت مُنهن به اچي ڪيو ته سندس پُٽ ايلن جي مدد واسطي ايب جهڙو سگهارو ساٿي موجود هو، جيڪو ٻيڙي ۽ سامان جي چڱي طرح حفاظت ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن هو هڪ ڀيرو ”اوهيو درياهه“ جي ڪناري تي گهمنڊڙ ساموندي ڦورن کان بچي نڪتا ته پوءِ ننڍن ننڍن ڦورن جو مقابلو ڪرڻ سولو هو ۽ هو سولائي سان ’نيواورلينز‘ تائين پهچي ايندا.

اجا بهار جي مند واري برسات جي پهرين ڦڙي به نه وَٺي هئي، شاه بلوط جي سڪل پنن جو فرش زمين تي وڇايل هو. انهن پتن ۾ ڪتي ڪتي گلن جا ڍڳ به پيل هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ غاليچي جو

فرش وڇايو پيو آهي. اجا گلن جي بند مُکڙين ۾ قيد خوشبو ۽ ماڪ جي ڦڙن وسڻ سان معطر نہ ٿي هئي. ۽ ايب ۽ ايلن پنهنجي نئين ٺاهيل ٻيڙيءَ ڪڏي، ٻيڙيءَ ۾ نئين ڪاٺ جي بوءِ اڃا تائين موجود هئي. هنن ٻنهي ٻيڙيءَ ۾ اَناج، ڊور ۽ ٻيو واپاري وکر چاڙهيو، ۽ پنهنجي ساموندي سفر تي روانا ٿي ويا.

”اوهايو درياهہ“ جو اهو حصو قدرتي طور تي مانيٽو هو. نيري رنگ جو صاف پاڻي هوريان هوريان وهندو، ڪنارن تي ڦٽندڙ ٻوٽا، گل پتيون ۽ ٽُتل شاخون پنهنجي هنج ۾ ڪٽيو، هوريان هوريان اڳتي وڌندڙ معلوم ٿيندو هو. انهيءَ موسم ۾ ڪجهہ پکي پنهنجن نون آکيرن جي ڳولا ۾ نقل مکاني ڪندا آهن. هنج ۽ آڙين جا ولرن جا ولر اُترطرف اُڏرندا نظر ايندا آهن. جنهن مهل اڇين ڪونجن جا ولر رڙيون ڪندا اُڏرندا مٿان لنگهندا هئا تہ نيري فضا ۾ انهيءَ جا ويران ۽ اُداس آواز ٻري اُٿندا هئا. ڏور ڪنارن تي ٻگهہ پنهنجي ناشتي جي ڳولها ۾ ڪنهن مڇيءَ جي پويان ٽٻيون هڻندا نظر ايندا هئا. رات جو ڏيڏرن جي ٽان ٽان، پاڻي جي آواز سان ٽڪرائجي، سمنڊ جي تنهاين ۾ اجا بہ واڌارو ڪري ڇڏيندي هئي.

پر ايب ۽ ايلن ان صبر واري سفر بابت همت ڪين هاري، هو صبح کان وٺي شام تائين لهرن جي سهاري پنهنجي ٻانهن جي ٻَل تي ٻيڙي هاڪاريندا هلندا هئا. رات جو هو واري وٽي سان ٻيڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ سمهڻ جي ڪوشش ۾ اکيون ٻوٽي ليٽي پوندا هئا ۽ گهڙي پل ٿڪاوٽ دور ڪري تازا توانا ٿي اُٿي ويهي رهندا هئا. سندن صبح ۽ شام ائين ئي گذرنديون هيون. ايستائين جو ”ڪيوان روڪ“ جي خطرناڪ هنڌ کان بہ اڳيان لنگهي ويا. هاڻي هوءَ



’مِسي.سي.پي‘ جي ڏيڻين واري علائقي ۾ داخل ٿي رهيا هئا.

1811ع کان ئي آمريڪا ۾ دخاني ٻيڙين جو رواج شروع ٿي چڪو هو. انهيءَ وقت ايب جي عمر فقط ٻہ سال هئي. 1817ع ۾ ساموندي ٻيڙين جو رواج شروع ٿي چڪو هو، ان وقت ايب جي عمر فقط اَٺ سال هئي. 1817ع ۾ ساموندي سفر واسطي اَٺ دخاني ٻيڙيون تيار ڪيون ويون هيون، ۽ پوءِ ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ سٺ ٻيون ٻيڙيون جُڙي ويون. ايب ۽ ايلن سڙهہ وارين ٻيڙين ڪانسواءِ جن ۾ ماڻهو، مال ۽ واپاري وکر ڪي ڍويو ويندو هو، ڪجهہ وڏيون دُخاني ٻيڙيون بہ ڏٺيون، جن مان ڪارو دونهون نڪري آسمان جي نيري فضا ۾ گُم ٿي رهيو هو.

جيڪڏهن ايب ۽ ايلن ڪجهہ سال اڳ ائين لنگرانداز ٿين ها تہ ڪين هڪ پوائتي قسم جي دخاني ٻيڙي ”فيسٽرن انجنيئر“ نظر اچي ها، اها اسٽيم بوٽ ”جوف“ نالي هڪ آمريڪيءَ جي ملڪيت هئي ۽ پري کان نانگ جي شڪل جهڙِي ٿي لڳي. جڏهن ان جي چمنيءَ مان وڏي تيز سيٽيءَ جو آواز ٿي نڪتو تہ مقامي رهاڪن تي ڊپ طاري ٿي ويندو هو.

هن پيري ايب ۽ ايلن کي ان قسم جو ڪو دلچسپ تجربو نہ ٿيو، پر ڪين سفر ۾ وڏو مزو آيو.

انهيءَ زماني ۾ هڪ مشهور نيوي گيٽر (ملاح) هو. انهيءَ هڪ ڪتاب لکيو، ان ڪتاب ۾ انهيءَ زماني جي ناکئن لاءِ مختلف هدايتون لکيل هيون. اهو ڪتاب صدين تائين هڪ مستند ڪتاب سمجهيو ويندو هو. انهيءَ ڪتاب ۾ لکيل هو تہ ’مِسي.سي.پي جي ڪنڌي تي ڪڏهن ڪڏهن مٽيءَ جا مصنوعي ڪنارا ٺهي ويندا

آهن. اهي ڪنارا جهازن جي لاءِ ڏاڍا خطرناڪ ثابت ٿيندا آهن. اهڙي طرح ننڍا ننڍا ۽ وڏا وڏا وڻ پاڻيءَ ۾ وهندي گڏ ٿي ويندا هئا ۽ انهن جي مٿان سامونڊي مٽيءَ جو تهه ڄمي ويندو هو ۽ اهي ٻيٽ جي شڪل وٺي بيهندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن اهي ٻيٽارا تيز لهرن جي سٽ نه سهي، ٽٽي ڦٽي ويندا هئا ۽ انهن جي آسپاس بيٺل ٻيڙيون تباهه ٿي وينديون هيون.“

اها ڳالهه پڪ سان نه چئي نٿي سگهجي ته لنڪن اهو ڪتاب پڙهيو هو يا نه؟ پر اندازو آهي ته اهو ڪتاب لنڪن جي اڀياس هيٺ ضرور رهيو هوندو. ڇو ته هو هر وقت ڪونه ڪو ڪتاب پڙهندوئي رهندو هو. تنهن کان سواءِ ڪيس سامونڊي سفر سان به دلچسپي هئي ۽ اهو ڪتاب يقيني طور تي سندس ڄاڻ ۾ واڌاري جو سبب بڻيو هوندو.

لنڪن جي ٻيڙي هزارين سامونڊي طوفانن ۽ ڌاڙيلن کان بچندي ائين پيي لڳو ته ”نيواوورلينز“ تائين پهچي ويندي. پر اڃا هنن ٻنهي جي ڀاڳ ۾ زندگي جا ڪي ٿڦڙ کائڻ باقي هئا.

نيواوورلينز پهچڻ کان اڳ مالم ڊونين جو علائقو ٿي آيو. لنڪن ۽ ايلن صلاح مشورو ڪري، اتي ٻيڙيءَ جو لنگر ڪيرايو. لنڪن چواڻي، ”ٻيڙيءَ ۾ جيڪو سامان لڏيل هو، ان جي نوعيت ئي اهڙي هئي، جو اسان جي لاءِ انهيءَ علائقي ۾ ترسڻ ضروري ٿي پيو.“

بس اهوئي هڪ رات جو ترسڻ ڌاڙيلن جي راتاهي جو سبب بڻيو. سفر جي ٿڪاوٽ سبب ٻئي چور هئا. رات جو ٻيڙي جي هڪ ڪنڊ ۾ اکيون پوري ليٽي پيا. ٿوري ئي دير کان پوءِ ست مقامي



ماڻهو ٻيڙيءَ تي ڪاهي آيا. ائين ٿي لڳو ته هو هنن ٻنهي کي ماري ٻيڙيءَ جو سامان ڦري ويندا. پر ڌاڙيلن کي ڪهڙي خبر ته اِهي ٻئي هنن ستن ڄڻن جي لاءِ ڪوڙ هئا. تنهنڪري ايب ۽ ايلن ڄمي بيهي انهن جو مقابلو ڪيو ۽ لٺين جي ڄرَ سان ستن ئي ڄڻن کي ڊڙي ڇڏيو ۽ ڊوڙائي ڪڍيو. انهن مان ڪي ته ترت وٺي ڀڳا ۽ باقي ڪن ٻانهن جو ٻل ڏيکارڻ چاهيو. پر ايب جي لٺين جي سٽ نه سهي وٺي ڀڳا. ايب ۽ ايلن ٿورو سندن پيڇو ڪيو. پر رات جي وڳڙي ۾ پنهنجي ٽاڪَ تان پري هٽڻ مصلحت جي خلاف هو. تنهنڪري هو موٽي آيا.

هنن هڪدم لنگر کنيو ۽ جلدي جلدي ٻيڙي هاڪارڻ لڳا. صبح ٿيڻ تائين هو ڪناري کان ڪافي پري نڪري ويا. انهي ويڙهه ۾ ايب جي اک جي مٿان زخم ٿيو هو، جنهن جو نشان پوءِ باقي سڄي زندگي رهيس. لنڪن اهو ڏک شيدين هٿان کاڌو هو. انهي ڏک جو نشان هن جي اک ۽ ڀرن جي مٿان هو، پر هن جي دل ۾ ترِ جيترو به فرق نه پيو. شيدين جي لاءِ هن جي دل ۾ ڪڏهن به نفرت جا جذبا نه جاڳيا. ڪيس خبر هئي ته رنگ ۽ نسل جو واسطو ڌاڙيوالي يا شرافت سان ڪونهي. ڪيترائي اڇي چمڙي وارا پڻ ڦرون ڪندا ۽ ڌاڙا هڻندا هئا، ۽ سوين شيدي بيحد شرافت ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي زندگي گذاري رهيا هئا.

لنڪن سڄي زندگي شيدين جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ جي لاءِ ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ واقعي کان اٽڪل 35 سال پوءِ هن ”اعلان نجات“ تي صحيح ڪئي ۽ آمريڪا جي هر شيديءَ کي غلاميءَ جي زنجيرن کان آجو ڪري ڇڏيو.

نيواوورلينز جو بندرگاهه ايب ۽ ايلن جي لاءِ وندر ۽ ورونهن جو نئون تماشو هو. ڏکڻ انديانا جي ٻيلن جي پيٽ ۾ نيواوورلينز جو شهر تهذيب ۽ تمدن جي جديد آرائشن سان روشن هو. ٻيڙين جون قطارون ميلن ۾ بندرگاهه جي ڪناري سان لڳل رهنديون هيون. مختلف ملڪن جا دُخاني جهاز واپاري وکر سان ڀريا تُريا فضا ۾ دونهن جا ڪڪر ڇڏيندا بندرگاهه تي لنگرانداز ٿيندا هئا. اوپرين صورتن جا پرڏيهي ملاح جن جي ڪنن ۾ سون جا وڏا وڏا والا لڙڪيل هوندا هئا، جهازن جي رسين تي چڙهندا ۽ لهندا نظر تي آيا.

شهر جا گهر مختلف قسم جي خوبصورت رنگن سان سينگاريل، پري کان اندلٽ جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. گهر جي چارين وارين درين تي انگورن ۽ گلن جون وليون چڙهيون هيون. جن ۾ رنگبرنگي گل لڙڪيل هئا. شهر جي رستن ۽ روڊن تي مختلف قومن ۽ نسلن جا ماڻهو نظر اچي رهيا هئا. جن ۾ فرينچ، اسپيني ۽ ميڪسيڪو جا رهواسي شامل هئا. غلامن جو به ڳپل تعداد نظر تي آيو. پانت پانت جي ٻولين ۽ ماڻهن جي هُل ۽ هنگامي ۾ ديول جي گهنڊ جي ٽن ٽن جو آواز عجيب ماحول پيدا ڪري رهيو هو.

ايب ۽ ايلن جلدئي ڪم مان واندا ٿي ويا ۽ هو گهر واپس ورڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. واپسيءَ جي لاءِ ايب کي هڪ دُخاني جهاز تي وڃڻو هو. اهو جهاز به ماڙ هو. جهاز ڇا هو، چڱو موچارو محل هو. ٺاهوڪا جڙيل ڪمرا ۽ غاليچا، ريشمي پردا ۽ ميز ڪرسين سان آراسته هال، ڪائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ جي لاءِ ڏار ڏار ڪمرا هئا. ايب اهو جهاز ڏسي ڪو خوش ٿيو ڇا. جهاز جو ڪيپٽن ڄڻ آبي سلطنت جو شهنشاهه هو. ايب جي دل ۾ اهڙي جهاز جو ڪيپٽن ٿيڻ جي



خواهش پيدا ٿي.

ٻن مهينن جي سفر کان پوءِ ايب جون جي مهيني ۾ واپس ڏکڻ "انديانا" پهتو. واپس ورڻ شرط ئي هن پنهنجي هڪ بااثر دوست "وليم ووڊ" کي پنهنجي سفارش جي لاءِ چيو. انهيءَ واقعي جو ذڪر ووڊ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"هڪ ڏينهن ايب منهنجي گهر آيو. هو صفا خاموش ۽ شرميلو لڳي رهيو هو. ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هُجي، پر چوڻ ۾ هٻڪندو هجي، مون پُڇيس، "ايب ڪر خبر! کهڙي ڳالهه جي ڪري پريشان آهين."

"چاچا سائين!" ايب هٻڪندي چيو. "آئون چاهيان ٿو ته اوهان بندرگاهه وجي ڪنهن جهاز واري کي منهنجي سفارش ڪريو."

"ايب!" مون چيو. "تنهنجي عمر اڃا ننڍي آهي، اڃا تون پوري ايڪيهن سالن جو به نه ٿيو آهين. هن ننڍي عمر ۾ ڀلا توکي ڪير اهڙي وڏي ڪم جي لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو؟"

"مون کي خبر آهي.... پر آئون هينئر کان ئي ڪو ڪم شروع ڪرڻ ٿو گهران." ايب وراڻيو.

لنڪن جي ئي ڀلائي خاطر، ووڊ ايب جي سفارش نه ڪئي ۽ ايب زندگي ۾ ڪڏهن به دخاني جهاز جو پائلٽ بنجي نه سگهيو.

ايب جا ڏينهن ڏاڍا بيڪار ۽ بي مزي گذري رهيا هئا ڪڏهن ڪڏهن ته هو بيزار به ٿي پوندو هو. پر هن جي چڙ ۽ بيزاري ڪنهن جي دل آزاريءَ جو سبب نه بڻي. هو هر وقت پڙهندو رهندو هو. سنها تلها ڪم ڪاريون ڪندو رهندو هو. پر ڪيس اها زندگي ڪنهن به ڪم جي معلوم نه پي ٿي. انهيءَ عرصي دوران هو "گرگربي" جي

گهراٽي وارن سان بہ وڙهي پيو هو. انهي جو سبب هي هو تہ ”آوون گرگربي“ سندس پياري ڀيڻ سارا سان پرڻيو هو. سارا جڏهن ٻهريون ٻار ڄڻيو تہ ان هن ويم جي دوران سارا جي ڪا خاص سارسنڀال نہ لڌي ۽ ايب جي پياري ڀيڻ سارا ويم جي سورن جون تڪليفون برداشت نہ ڪندي گذاري ويئي. ايب کي سارا جي موت جو تمام گهڻو ڏک ٿيو. هن اهو ٿي سمجهيو تہ آوون جي غفلت ئي سندس ڀيڻ جي جان ورتي. تنهنڪري هو سيني ماڻهن تي ناراض هو.

هن جي عمر جا ايڪيهہ سال پورا ٿيڻ وارا هئا. انهيءَ زماني جي دستور موجب ايڪيهن سال تائين ٻار قانوني طور مائٽن جي قبضي ۽ اختيار ۾ رهندا هئا. تنهن کان پوءِ هو بالغ قرار ڏنا ويندا هئا ۽ کين آزادي هوندي هئي، تہ جيڪو وڻين سو ڪن.

انهيءَ ڪري جڏهن ايب ٻُڌو تہ سندس گهروارا هڪ ڀيرو ٻيهر لڏپلاڻ جي تياري پيا ڪن تہ کيس ڪا گهڻي تڪليف ۽ پريشاني نہ ٿي. هن پيري انهن مرڪزي ’ايلي نواءِ‘ علائقي جي وسيع چراگاهن ۾ پنهنجو ڀاڳ آزمائڻ تي گهريو.

—

# [ 6 ]

# الي نواءِ جي سرحد

**[آئون ايڪيهن سالن جي عمر ۾ الي نواءِ پهتس. - لنڪن]**

●

نوجوان لنڪن ڪانسواءِ ٻيا ماڻهو بہ انڊيانا جي ان علائقي کان گهٻرائجي ويا هئا. ”پيجن ڪريڪ“ جي علائقي ۾ وري بيماري پکڙجڻ شروع ٿي ويئي هئي. رڳو هڪ ئي هفتي ۾ ڊينس هنيڪس جون چار ڍڳيون ۽ يارهن ڳابا مري چَٽ ٿي ويا هئا.

انهيءَ وقت ٿام لنڪن جي عمر ٻاونجاهہ سال هئي، پر هن جي لاءِ هر ڏينهن هڪجهڙو هو. جڏهن هو پهريون ڀيرو انڊيانا آيو هو تہ بہ هٿين خالي هو ۽ اڄ بہ سندس غربت ۽ مفلسيءَ جو حال ساڳيو هو. زندگي جي ناڪامين سندس ساٿ نہ ڇڏيو هو. شايد اڃا زندگيءَ ۾ ٻيا بہ ڏک لکيل هئس. تنهنڪري ماڻهو جڏهن ”واباش درياهہ“ پار ڪري مرڪزي ”الي نواءِ“ جي زرخيز ۽ سون اُپائيندڙ زمين جو ذڪر ڪندا هئا تہ هو ڏاڍي ڌيان ۽ دلچسپيءَ سان ٻُڌندو هو.

بعد ۾ لنڪن، هنيڪس، هالز ۽ جونسٽن جي انڊيانا مان لڏپلاڻ جو ذڪر ڪندي ڊينس هنيڪس چوندو هو تہ، ”مون کي ياد آهي تہ سڀ کان پهرين جان هنيڪس، الي نواءِ ڏانهن لڏپلاڻ جون سانباهو ڪيو ۽ انڊيانا مان نڪري ڪڙو ٿيو. الي نواءِ پهچي هن خط لکڻ شروع ڪيا تہ اوهين سڀ هيڏانهن هليا اچو. مون اوهان جي لاءِ ڏاڍيون پليون زمينون هٿ ڪيون آهن. ٿام جو تہ سدائين پير پَٽ تي

ئي ڪونہ هوندو هو، هن اجا تائين انڊيانا جي زمين جي قيمت بہ ادا نہ ڪئي هئي. تنهنڪري هو سڀ ڪجهہ ڇڏي وڃڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو. هن پنهنجا ڍور ڍڳا سڀ گڏ ڪيا. لنڪن جا گهر وارا هنيڪس جا ۽ جونسٽس جي گهر وارن سفر جي لاءِ پنهنجو سامان سهيڙيو ۽ ڍڳي گاڏين تي ڍوئي نين منزلن جي ڳولا ۾ 'الي نواءِ' طرف هلڻ لڳا. مون کي ائين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ بني اسرائيل جي خانہ بدوشن وانگر اسان جا قافلا بہ سدائين نئين ڪنعان طرف هلندا رهندا.

نئين ڪنعان جي وعدو ڪيل سرزمين، کير ۽ ماکيءَ جي سرزمين، ڄڻ اسان جي اوسيئڙي ۾ هئي، انهيءَ سرزمين جي سرسبز ۽ شاداب چراگاهن نہ ڄاڻ ڪيترن قافلن کي اچڻ جو دعوتون ڏنيون هيون.

ٿام لنڪن پنهنجو سيڪجهہ وڪڻي پئسا گڏ ڪيا. انهيءَ کان پوءِ دوستن ۽ پاڙيسرين کان موڪلايو، گهرو سامان، عورتون، ٻار، وهٽ، سڀ بيل گاڏين ۾ سَٿيا ۽ گاڏيون چيڪاٽ ڪنديون سفر تي روانيون ٿي ويون. ايب سڄي رستي ۾ لڳاتار ٽوٽڪا ٻڌائيندو هليو. ڪنهن ڪنهن مهل مٿس ڳنڀيرتا بہ طاري ٿي ويندي هئي. ائين لڳندو هو، ڄڻ هو ڪنهن اهم ۽ ڌيان طلب مسئلي بابت سوچ ويچار ڪري رهيو هجي، ان زمين ۾ ڊينئل ويسٽر، سينٽ ۾ هڪ ولولہ انگيز تقرير ڪئي هئي. جنهن ۾ هن چيو هو تہ "ڪابہ رياست ملڪي قانون کي نظرانداز نہ ٿي ڪري سگهي". ويسٽر جي تقرير جو اهو مشهور جملو لنڪن ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو تہ "آزادي ۽ رياستي اتحاد هاڻي ۽ آئينده سدائين گڏ رهندا."

انهيءَ برفاني سفر ۾ تيرهن ڄڻا گڏ هئا، ٿام، سارابُش



جونسٽن، ابراهام، سارا جو پُٽ جونٽس، سارا جي ڌيءَ ايلزبيٿ، جنهن جي شادي ڊينس هنيڪس سان ٿي هئي. انهيءَ جا چار ٻارڙا سارا جي ٻي ڇوڪري مٽيلڊا ۽ سندس وَر اسڪوائر هال ۽ سندس ننڍڙو ٻارڙو شامل هئا.

انهيءَ سفر کي لنڪن ڏاڍو ڏکيو ۽ پريشاني وارو ٻڌائيندو هو. اهو قافلو هوريان هوريان 'واباش درياهہ' جي ڪنڌي تي وينسينس جيڪو انڊيانا رياست جو سڀ کان وڏو شهر هو. اتي پهچي هنن درياهہ پار ڪيو ۽ 'الي نواءِ' جي چراگاهن جو رخ ڪيو. اهو سفر ڏاڍو تڪليف وارو هو. سخت سياري جي موسم شروع ٿي چڪي هئي. گاڏي جا ڦيٿا چِميل دبٽين ۾ ڦاسي ٿي پيا. ڊينس هنيڪس انهيءَ سفر جو تذڪرو ڪندي چوندو هو. "اسان کي اهو مختصر رستو طئي ڪرڻ ۾ ٻہ هفتا لڳا. ٻيلن، ميدانن ۽ ٻنين مان لنگهندا، اسين پنهنجي منزل طرف وڌندا رهياسين."

اهو علائقو اجا غيرآباد هو. هنڌ هنڌ تي پاڻيءَ جا چشما ۽ ناليون وهنديون هيون. انهيءَ ڏگهي رستي تي اجا تائين هڪ پل بہ نہ ٺاهي وئي هئي. چشمن جي سطح تي سردي جي ڪري برف جو هلڪو تهہ ڄمي ويندو هو. بيل گاڏي جڏهن انهن ڍورن ۽ چشمن وٽان لنگهندي هئي تہ برف جي تهہ ٽٽي پوندي هئي ۽ پاڻي وهڻ لڳندو هو. ايب وٽ هڪ ننڍو ڪُتو هو. هو سڄو رستو وفاداري مان هن سان گڏ هلندو رهيو. هڪ ڀيري ايب مُڙي ڏٺو تہ اهو ڪُتو ڍوري جي ٻي پاسي سمهي پيو هو. سردي جي ڪري هو ڍوري جي ٿڌي پاڻي کي تري پار ڪري نہ سگهيو.

هو هڪ ڪُتي جي جدائي سهي نہ سگهيو، ايب انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي چيو، "مون بنا دير جي جوراب ۽ جوتا لاٿا ۽ سخت

سرديءَ جي پرواهہ نہ ڪندي ڊورو پار ڪري ٻي پَر وڃي پهتس ۽ سيءَ ۾ ڪنبندي ڪُتي ڪي ڪچ ۾ ڪٽي ٻئي ڪناري تي آيس. ٻي ڪناري تي پهچي ڪُتي مهرباني جي اظهار ۾ اهڙا تہ ٽپا ڏنا جو منهنجي تڪليف جي تلافي ٿي ويئي.”

مارچ 1830ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڏڳي گاڏين جو اهو قافلو ”سنگامون درياهہ“ جي اُتر طرف ”ڊيڪٽيور“ کان ڏهہ ميل ڏکڻ طرف ڪاٺ جي ٻيلي ۾ چراگاهن وٽ پهچي ويو.

ان قافلي ۾ پنجن ماڻهن جلدي جلدي معمول موجب هڪ جهوپڙي ٺاهي، انهيءَ ننڍي جهوپڙيءَ ۾ اِهي تيرهن ئي ڄڻا 1830ع جي گرمين جي سڄي مند ۽ برسات ۾ رهندا رهيا. بلڪ 31-1830ع جون طوفاني سرديون بہ ان ئي ڪئبن ۾ گذاريائون.

ايب ننڍي هوندي ڪاٺ جا بُندَ چيريندو هو، هتي ڪيس پيهر بندَ چيرڻ جو ڪم ڪرڻون نہ پيو. ”ميڪن ڪائونٽي“ ۾ ڏهن ايڪڙن جي ايراضي تي فصل پوکيو ويو هو. ان سڄي ايراضيءَ جي چوڌاري ڪاٺ جي بُندن جي چوديواري ٺاهڻ جي لاءِ هن هزارين بُندَ چيري ڇڏيا. هن انهيءَ ڪانسواءِ ٻين آبادڪارن جي لاءِ بہ پنهنجي هڪ مائٽ سان گڏجي مزدوريءَ تي چار هزار بُندَ چيريا.

1830ع جي بهار جي مُند ۾ هن چراگاهن جي زمينن جي صفائي ڪئي ۽ پنهنجي هٿ سان جهرجهنگ وڍي صاف ڪيو. انهن ۾ هر هلايو ۽ پوکيءَ لائق بنايو. ڪيس پنهنجي محنت جو ڦل مليو، جولاءِ جي مهيني ۾ فصل گوڏن تائين چڙهي آيو ۽ سيپٽمبر ۾ سڀ ٻارا پچي راس ٿيا. پر سرءُ جي مند سان گڏ بخار ۽ بيماريءَ



بہ اچي مُنهن ڪڍيو، ائين ٿي لڳو تہ سياري جي مُند اچا بہ سخت تڪليف ۾ گذرندي.

1830ع ۾ ڪرسمس جي ڏينهن ڪان ئي برفباري شروع ٿي ويئي، هڪ سخت طوفاني لهر آئي، جنهن سيني ٻنين ۽ چراگاهن کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي لاٿو. موسم اهڙي تہ پوائتي هئي، جو ويچارا جهوپڙي ڪان ڪجهہ والن جي فاصلي تي ويندا هئا تہ طوفان ۾ ڦاسي مٽين برف جي هيٺان دٻجي ويندا هئا ۽ جڏهن برف ڳرندي هئي تہ انهن جي هيٺان ڄميل انساني لاش ملندا هئا. ڪيترن ئي ڏينهن تائين ”الي نواءِ“ انهيءَ سردي ۽ برفباريءَ جي طوفان ۾ گهيريل رهيو. سيني رستن تي ٽي فوٽ اوچي برف ڄمي ويئي هئي. ڪن ڪن علائقن ۾ تہ گهرن جي ڇتين تائين برف ڄمي ويئي هئي ۽ سڀ گهر برف ۾ ڍڪجي ويا. ٿرما ميٽر ڄمڻ پد ڪان بہ هيٺ ڪِري پيو هو. اهڙي حالت ۾ بہ گهر جي ڇت ڪان ٻاهر رهيا، انسان توڙي حيوان، سڀ برف جي ڍڳن ۾ دفن ٿي ويا. اڃن پُڇن واري هرڻن سان بہ ائين ئي ٿيو، هنن جو سڄو نسل ختم ٿي ويو، شروع شروع ۾ تہ بگهڙن کي انهن مئل جانورن مان گهڻو فائدو ٿيو. بنا گهرئي دعوت ٿي وين. پر جلدئي سندن وارو بہ اچي ويو ۽ پوءِ هو بہ ان ئي برف ۾ دٻجي ويا، جيڪا ڪوٺي هو پنهنجو شڪار ڪندا هئا.

لڳاتار نون هفتن تائين جهوپڙيءَ جا ماڻهو بچيل سَچيل اَن جي داڻن ۽ برف کي ڳاري انهن پاڻي تي گذارو ڪندا رهيا. ائين ڪنهن نہ ڪنهن نموني سندن جانيون بچي ويون. بس اهوئي غنيمت هو، هنن جي جهوپڙيءَ جي ٻاهران ويرانيءَ جو راڄ هو، ميلن تائين برف جون سڏيون ٻنيون ۽ موت جي ويران وسنديءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ

نظر نٿي آيو. تنهنڪري گهڻي عرصي تائين ”الي نواءِ“ جي علائقي ۾ شڪار جا جانور نه ٿي مليا. پلا مِلن به ڪيئن؟ هو ته برفباري جي انهي سخت سال جو ڪاچ بنجي ويا هئا.

نيٺ خدا خدا ڪري مصيبت جا ڏينهن ختم ٿيا ۽ سج چمڪڻ لڳو. برف جون چُپون وگهرڻ لڳيون. لنڪن جي ڪيبن مان هر شخص پنهنجي جان بچائي ڀڄڻ ٿي چاهيو. انهيءَ ڪيبن ۾ هنن موت ڪانسواءِ باقي سڀ تڪليفون سٺيون هيون. تنهنڪري جلدئي سارا ۽ لنڪن پنهنجي آخري گهر ”ڪونر ڪائونٽي“ ۾ منتقل ٿي ويا. هن رواج ۽ قانون کان ڪجهه وڌيڪ ئي عرصو پنهنجي پيءُ سان گڏ گذاريو هو. هاڻ هو آزاد هو. جتي به وڃيس، اتي وڃي پنهنجي نئين دنيا وسائي ٿي سگهيو.

پر ڪيس في الحال ۽ فوري طور تي ڪنهن نوڪري جي گهرج هئي، هن کي ”ڊينٽن آفٽ“ سڀ کان پهرين آڇ ڪئي. آفٽ هڪ خيالي پلاءُ پچائيندڙ بدمست واپاري هو. هو ڏٽ تي ڪاٺيندو ۽ پيئندو هو ۽ مست رهندو هو. هن ايب لنڪن، سندس ويگهي ڀاءُ جون جونسٽن ۽ ڊينس هنيڪس کي نوڪر رکڻ ٿي چاهيو. ڪين ڪم اهو ڪرڻو هو ته اهي واپاري وکر ٻيڙيءَ تي چاڙهي ”نيو اوورلينز“ کڻي وڃن ۽ اتي وڪڻن. ان ڪم لاءِ آفٽ ڪين اسپرنگ فيلڊ ۾ اچي ساڻس گڏجڻ جي لاءِ چيو. انهيءَ وقت تائين برف ڳري ويندي ۽ موسم اڳ جيان خوشگوار ٿي ويندي.

لنڪن جي بيان موجب جڏهن هو انهيءَ ڪم جي لاءِ روانا ٿيا ته سڄو ملڪ ٻوڏ جي لپيٽ ۾ آيل هو ۽ رستن تي سفر ڪرڻ ناممڪن بنجي ويو هو. هنن پهرين مارچ 1831ع تي هڪ ننڍي



ٻيڙي خريد ڪئي ۽ ”سنگامون درياهه“ ۾ روانا ٿي ويا.

جڏهن هو اسپرنگ فيلڊ پهتا ته سندس واپاري دوست اڳ ۾ ئي اتي موجود هو ۽ هو شراب خاني ۾ ويٺو شراب ڏوڪي رهيو هو. هو گهڻو تيز هو. پر ٻيڙيءَ جو ڪو اتو پتو نه هو. هاڻ ايب کي معلوم ٿيو ته جيڪڏهن هنن ٽنهي کي نوڪري ڪرڻي آهي ته ڪين ٻيڙي به ٺاهڻي پوندي ۽ پوءِ ئي ڪين واپاري وکر کڻي وڃڻو پوندو. ان سڄي ڪم جي مزدوري ٻارهن ڊالر ماهوار في ماڻهو هوندي. تنهنڪري هو ٽيئي ڪم تي چڙهي ويا، هڪ مهيني جي سخت پورهئي کان پوءِ اسي فوٽ ڊگهي ۽ ارڙهن فوٽ ويڪري ٻيڙيءَ جُڙي راس ٿي. هنن ٻيڙيءَ تي چڙهڻ مهل وڏو هُل بڪيڙو ڪيو ۽ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان سامان چاڙهيائون. انهيءَ سڄي ڪم ۾ گهڻو وقت لڳي ويو ۽ ٻوڏ جي پاڻي لهي ويو. نيٺ ٻيڙيءَ ”رٽلج هل“ جي بند تي اچي ڦاسي پئي.

اهو واقعو ”نيو سليم“ ڳوٺ جي پرسان ٿيو. اڳتي هلي هتي لنڪن پنهنجي زندگي جا ڇهه سال گذاريا. اهي ڇهه سال لنڪن جي زندگي ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. انهيءَ ٻيڙيءَ تي ”نيو سليم“ جي رهاڪن ايب جي پهرين جهلڪ ڏٺي هئي. ڪين ڪهڙي خبر ته واپاري وکر سان ڀريل ان ٻيڙيءَ ۾ (جيڪا ان مهل درياهه جي بند ۾ ڦاٿل هئي) جيڪو هلڪي هڏ ڪاٺ جو ٻاويهن ورهين وارو نوجوان سوار آهي، اهو هڪ ڏينهن آمريڪا جي ٻيڙي پار اُڪارڻ لاءِ پنهنجي زندگي به قربان ڪري ڇڏيندو. ان مهل لنڪن کي نيري رنگ جي پتلون پاتل هئي، هن جا پانچا مٿي کنيل هئا، ايب جي پيرن جا مُريا چٽا نظر اچي رهيا هئا. ڪيس لڪيرن واري قميص ۽ مٿي تي هڪ

نرم ٽوپلو پاتل هو. ايب درياهه ۾ ڦاٿل ٻيڙيءَ کي بچائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ ٻيڙيءَ جو حال اهو هو ته ڄاڻ ٻُڏي. پاڻي پرجي وڃڻ جي ڪري ٻيڙي اڃا به ڳري ٿي ويئي هئي، اڳ ۾ ئي سامان جو وزن گهڻو هو. ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪابه صورت سمجهه ۾ نه پئي آئي، ٻيڙي لڏڻ لڳي ۽ ويجهو هو جو اها ٻُڏڻ لڳي ها، جان هنيڪس چواڻي ”ايب کي هڪ اٽڪل سُجهي، هن سامان جا ڪوڪا ڏڪي ٻيڙيءَ جي ٻي ڪناري تي رکيا ۽ بند جي ويجهو ٻيڙيءَ ۾ هڪ سوراخ ڪري پاڻي ڪڍي ورتو. هاڻي ٻيڙي هلڪي ٿي وئي. جيئن پاڻي نڪري ويو ته ايب ٻيهر پاڻي پرڄڻ کان اڳ نهايت ڦڙتائي سان سوراخ بند ڪري انهيءَ جي مٿان ڪاٺ جي چپر هڻي ڇڏي.“

درياهه جي ڪناري تي ”نيوسليم“ جي رهاڪن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو. جيڪي وڏي بيچيني مان خاموش بيٺا هئا. انهيءَ ميڙ ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا، جن اڳتي هلي ايب جي زندگي تي گهرو اثر وڌو. ان ميڙ ۾ مينٽر گراهم به هو. جيڪو هڪ اسڪول ماستر هو. گراهم ئي ايب کي زمين جي ماپ ۽ پيمائش جو فن سيکاريو. انهن ۾ گراهم ڪانسواءِ جيڪ آرمسٽرانگ به هو. جنهن کي ايب ملهه جي هڪ مقابلي ۾ دسيو هو. پر پوءِ هو ايب جو گهرو دوست بنجي ويو. انهيءَ ميڙ ۾ اينارئلج به هئي. جيڪا ڳوٺ جي سڀ کان سهڻي ڇوڪري هئي. ۽ ماڻهن ۾ ڳالهين جو موضوع هئي. انهن ۾ اينارئلج جو پيءُ جيمس رئلج به هو. جنهن هڪ ڪالوني جو بنياد وڌو هو ۽ هڪ مِل جو مالڪ هو.

اهي ۽ ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو ڪنڌيءَ تي بيٺا انهيءَ خاموش



طوفان جو نظارو ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ ايب هڪ هيري وانگر ٻيڙي کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ مصروف هو.

لنڪن ٻيڙي ۽ سامان بچائڻ جي لاءِ جنهن ڦڙتيءَ ۽ فرض شناسي جو ثبوت ڏنو. انهيءَ مان ڊينٽن آفت به خوش ٿيو ۽ سندس دل ۾ ايب جو قدر اڃا به وڌي ويو. تنهنڪري هن ايب کي هڪ ٻئي آڇ ڪئي ته هو ’نيو اوورلينز‘ مان واپس ورڻ تي سندس ننڍي دوڪان ۾ منشي بنجي وڃي.

جون جونسٽن، جون هنيڪس، ايب لنڪن ۽ ڊينس، سينگامون کان ٿيندا ”الي نواءِ درياهه“ تائين پهتا ۽ پوءِ مِسي.سي.پي پهچي ويا. جون هنيڪس پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو ۽ واپس نيو اوور لينز وڃڻ جي بدران سينٽ لوئي هليو آيو. هنيڪس پنهنجي هڪ بيان ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي ته نيو اوورلينز ۾ ايب هڪ سهڻي ڇوڪري جو نيلام ٿيندي ڏٺو ۽ هن پڪو پهه ڪيو ته جيڪڏهن ڪيس ڪڏهن موقعو مليو ته هو سڀ کان پهرين غلامي ۽ جسم فروشيءَ جو ڪو بِلو ڪندو. الي نواءِ واپس اچڻ کان پوءِ ايب، مستقبل ۾ آمريڪا جو صدر، ڳوٺ جي هڪ ننڍي دوڪان ۾ منشي گيري ڪندي ڏاڍو خوش هو.

—

# [ 7 ]
# نيوسليم ۾ بليڪ هاڪ جي جنگ

**[پوءِ آئون نيو سليم هليو ويس، جتي هڪ دوڪان ۾ منشي وڃي ٿيس، ان ڪان پوءِ بليڪ هاڪ جي لڙائي شروع ٿي ويئي، مون کي رضاڪارن جي هڪ دستي جو اڳواڻ چونڊيو ويو، ان ڪاميابي تي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي.**
**— ايب لنڪن]**

•

جولاءِ 1831ع جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن ايب ’نيوسليم‘ پهتو ته ڪيس اتي جو ماحول اوپرو نظر آيو. وٽس نه ڪو وسليو هو ۽ نه وري ڪو سهارو هو. هو ته بي سرو سامانيءَ جي حالت ۾ اُتي پهچي ويو هو. ڪيس ته ڪو سنو هنر به نه ٿي آيو. ٻني ٻاري يا معمولي ٻيڙي ناهڻ جي واڍڪي ڪم مان ڇا ٿي ٿي سگهيو. ڪيس پنهنجي زندگي بي مقصد ۽ بيڪار معلوم ٿيڻ لڳي. ڪيس سمجهه ۾ نه پي آيو ته هو ڇا ٿو بڻجي سگهي؟ پر انهيءَ ڳوٺ ۾ ڇهه سال گذارڻ کانپوءِ جڏهن ڪنهن ٻي هنڌ وڃي هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڀاڳ آزمائڻ جو فيصلو ڪيائين ته ان وقت تائين هو هڪ ڪامياب وڪيل ۽ قانوندان جي حيثيت سان گهڻو مشهور ٿي چڪو هو. ڳوٺ جي سماجي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ هن خاص مقام حاصل ڪري ورتو هو. هو هوريان هوريان ۽ اڻ محسوس طريقي سان پنهنجي منزل طرف وڌي رهيو هو، جيڪا هن جو ڀاڳ بنجي چڪي



هئي.

آگسٽ جي مهيني ۾ صدر جي چونڊ ٿيڻي هئي، جڏهن ايب انهيءَ ننڍي ڳوٺ ۾ ويو ته چونڊن جون تياريون وڏي زور شور سان ٿي رهيون هيون. ايب جي اڪثر سوانح نگارن جو هي خيال آهي ته ان چونڊ ۾ هن اسڪول جي استاد مينٽل گراهم جي مدد ڪئي ۽ هن جي لاءِ ووٽ گڏ ڪيا. پر اسان جو خيال آهي ته اها ڳالهه صحيح ڪونهي. البت هن شايد پهريون پيرو ووٽ وڌو. جڏهن ماڻهو ووٽ ڏيڻ جي لاءِ هڪ ڪمري ۾ گڏ ٿيا ٿي ۽ هڪ ماڻهو ووٽ وجهڻ جي لاءِ ٿي ويو ته اوسيئڙي جون گهڙيون طويل لڳڻ ٿي لڳيون، ڄڻ وقت جو ڦيٿو بيهي ويو هجي. ماڻهو بيزار ٿي پيا ۽ ان موقعي تي ايب پنهنجن لطيفن ۽ ٽوٽڪن سان ماحول ۾ خوشگواريت تي پيدا ڪئي ۽ ماڻهن جي بيزاري ختم ٿي ويئي ٿي. ايب جي انهيءَ لطيفن کي ماڻهن ڏاڍي دلچسپي سان ٻُڌو ته ڪهڙي نموني هڪ پادري پنهنجي واعظ ۾ مگن هو ۽ هڪ ڇچي سندس پتلون جي پائنچي ۾ گهڙي ويئي.

انهيءَ وسنديءَ جا ماڻهو دل ۽ جان سان ايب کي چاهڻ لڳا. ههڙو زنده دل ۽ پوڳائي همراه ته هنن اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. ايب کي ڪجهه هفتا ٻيا به دڪان جي لاءِ ايندڙ سامان جو اوسيئڙو ڪرڻو هو. جيڪو ڊينٽن آفت پاڻ سان گڏ آڻڻ جو وعدو ڪيو هو. جيستائين سامان اچي، تيستائين هِن گهمي ڦري، وسنديءَ جو واءُ سواءُ ورتو. اهو هڪ ڳوٺ هو، جيڪو جيمس رٽلج ۽ جان ڪيمرون به سال اڳ آباد ڪيو هو. انهن ٻنهي هن ڳوٺ ۾ ڪاٺ چيرڻ جو آرو ۽ اٽو پيهڻ جي چڪي به هنئي هئي. ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ

رستو هو، جنهن جي ٻنهي پاسن گهرن ۽ ٻنين جون قطارون هيون، جن تي هر وقت ٻار ۽ عورتون وڙڪنديون وتنديون هيون. هوريان هوريان ڳوٺ ويو وڌندو، جلدئي ڳوٺ ۾ لوهار، موچي ۽ واڍا به اچي سهڙيا. ٻه ڊاڪٽر به اچي ڳوٺ ۾ ٽِڪيا، جيڪي ننڍين ننڍين بيمارين جو سولائيءَ سان علاج ڪري تي سگهيا ۽ پڳل هڏين کي جوڙڻ جا ماهر سمجهيا ويندا هئا.

پنسار ۽ وليم ڪليري جي دوڪان تي به هر وقت ماڻهن جو ميڙو متل هوندو هو، اهڙي رونق ته ميٿوڊسٽ ۽ هپٽسٽ جي ديولن ۾ به نه هوندي هئي.

ڪجهه هفتا پيا به گذري ويا ۽ ڊينٽن آفٽ دوڪان جي لاءِ وکر کڻي ڳوٺ پهچي ويو، ڳوٺ ۾ اچي هن ڏٺو ته سندس دڪان جو منشي ايب ڳوٺ جي ماڻهن جو ڏاڍو دل گهريو بنجي ويو هو. لنڪن جو سياءُ ۽ اُٺي ويٺي ئي اهڙي هوندي هئي، جو اوپرو ماڻهو به جلد ساڻس هِري مِري ويندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو به کيس گهڻو پسند ڪندا هئا، پر لنڪن کي اجا ڏاڪو چڙهڻ جي لاءِ ڪن امتحانن مان گذرڻو هو.

ڳوٺ جي آسپاس رولو نوجوانن جو هڪ ٽولو هو، جيڪو ”ڪليريز گرد بوائز“ سڏيو هو. اهو سٺن پهلوانن، شهسوارن، شڪارين ۽ ويڙهو نوجوانن جو جٿو هو. اهي کائيندا پيئندا، عيش ڪندا، ڊاڙون ڊشون هڻندا ۽ موج مستيءَ ۾ ايندا هئا ته مار ڪٽ به ڪندا هئا. ڪنهن تي فلڪ ئي نه آڻيندا، گهوڙا ڊوڙائيندا، هنتر ڦيرائيندا هر چنچر تي ڪليري جي دوڪان تي ايندا هئا. ڪليري جو دڪان آفٽ جي دوڪان کي فقط ٽيهن وکن جي پنڌ تي هو. ڪليري جي



دوڪان تي سندن ميڙو متو پيو هوندو هو. هو ايندڙ ويندڙ ماڻهن تي چٿرون ڪندا ۽ کين چيڙائيندا هئا، ۽ جي ڪو ساڻن اٽڪندو هو ته کيس ڪُٽڪو به ڏيئي ڇڏيندا هئا.

آفٽ پاڻ ته قد جو بندرو ۽ بنهه ڊڄڻو هو، ڦوڪَ سان اُڏامڻ وارو، سو هنن جوڌن سان ڪيئن ٽڪر کائي ها. پر کيس ايب تي گهڻو ڀروسو هو. تنهنڪري هن ڦوڪون ڏيڻ شروع ڪيون ته سندس نوڪر ايب انهيءَ ٽولي جي هر نوجوان کي ملهه ۾ دسي ۽ کين ماري ماري دنبو بنائي سگهي ٿو وغيره. هن پنهنجي پاران ايب تي پنجن ڊالرن جي شرط جو اعلان به ڪري ڇڏيو، ترت ئي آفٽ کي ساڻس شرط هڻڻ وارا ملي ويا.

انهيءَ سڄي ٽولي مان جيڪ آرمسٽرانگ وڏيڪ سگهارو سمجهيو ويندو هو. هن جي باري ۾ اها ڳالهه مشهور هئي ته ڏهن ڪوهن جي فاصلي تي ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونهي، جيڪو کيس هارائي سگهي. نيٺ اها خبر ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي ته ايب ۽ آرمسٽرانگ جي وچ ۾ ملهه وڙهڻ جو شرط لڳي ويو. جلدئي ڀيئي آکاڙي ۾ پنهنجي سگهه جو مظاهرو ڪندا. جيئن جيئن ملهه وڙهڻ جو ڏينهن ويجهو ايندو ويو، تيئن ڳوٺ ۾ جوش پکڙبو ويو ۽ ماڻهو کٽڻ ۽ هارائڻ تي شرط هڻڻ لڳا.

انهيءَ مشهور ملهه جو ايب جي ايندڙ سياسي زندگي تي گهرو اثر پوڻو هو، نيٺ چنچر جي ٻنپهرن جو مقابلي جو اعلان ٿيو، سڄي ڳوٺ جا ماڻهو ميدان جي چئني پاسن کان گهيرو ٻڌي بيهي رهيا. جيڪ ۽ ايب ٻنهي قميصون لاٿيون، هاٿي ٻئي هڪٻئي کي دسڻ ۽ هارائڻ جي فڪر ۾ زور آزمائي ڪرڻ لڳا. جيڪ قد جو ٿورو بندرو،

پر سگهاري هڏ ڪاٺ وارو جوان هو. منجھس ڏيڍي جھڙي طاقت هئي، سندس ڪسرتي جسم ۽ ٻانهن جا ڏورا اُس ۾ چمڪي رهيا هئا. ايب ڏگهو طاقتور جوان هو. پر ڪيس ان ڳالهه جو چڱي پَر احساس هو تہ سندس مد مقابل بہ ڪمزور ڪونهي.

انهيءَ ملهہ جي باري ۾ ڪيترائي قصا مشهور آهن، ۽ انهن ۾ تضاد پڻ آهن، پر هڪ ڳالهہ انهن سڀني قصن ۾ ساڳي آهي تہ ٿوري دير تہ انهن ٻنهي ۾ سخت مقابلو ٿيندو رهيو. پر نيٺ ايب، جيڪ کي دسي وڌو. جيڪ جي دسجڻ شرط ٽولي جي سڀني همراهن ايب کي گهيري ورتو. ايب هڪدم ٽپ ڏيئي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو ۽ انهن کي چيائين تہ هو سڀني سان ملهہ وڙهڻ جي لاءِ تيار آهي، پر شرط اِهو آهي تہ اهي سندس اڳيان هڪ هڪ ٿي مقابلي لاءِ اچن. هو اجا اِهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، جو جيڪ آرمسٽرانگ ڏاڍي معقوليت جو ثبوت ڏنو. هن ڏنو تہ سندس ٽولي جي نوجوانن ايب کي گهيري ورتو آهي ۽ شايد مٿس حملو ڪري ڏين. هو جلدي اُٿيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي ڌڪا ڏيئي پري ڪيائين ۽ ايب سان ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هٿ ملائي کيس ڪاميابيءَ جون مبارڪون ڏنائين.

آرمسٽرانگ ۽ سندس زال ڪجھ عرصي تائين ايب جا گهرا دوست رهيا ۽ سياسي معرڪن ۾ هنن سدائين ايب جو ساٿ ڏنو.

انهيءَ مقابلي کان پوءِ ڳوٺ جي ماڻهن ۾ ايب جي اهميت اجا بہ وڌي ويئي. هن اڳتي هلي اهو بہ ثابت ڪيو تہ هو شهسواري ۽ ٻين مردانن ڪرتبن ۾ ڳوٺ جي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ ماهر هو. ڳوٺ جي ماڻهن هڪ راءِ ٿي ڪيس پنهنجو اڳواڻ مڃي ورتو. عام



رواج موجب ايب نہ ڪو شراب پيئندو هو ۽ نہ ئي وري جوا ڪيڏندو هو. انهيءَ احتياط ۽ پرهيز باوجود سندس شهرت ۽ مقبوليت ۾ ڪابہ ڪمي ڪانہ ٿي.

اهو صحيح آهي تہ سرحدي علائقن جا سادا سودا ڳوٺاڻا ماڻهو جسماني طاقت کان وڌيڪ مرعوب ٿيندا هئا. هو طاقت جي نمائش پسند ڪندا هئا، پر گڏوگڏ هو ذهني ۽ دماغي صلاحيتن جو بہ وڏو قدر ڪندا هئا. تنهنڪري انهيءَ ڳوٺ جا اڌ ڊزن پڙهيل ماڻهو ايب جي دماغي صلاحيتن جا معترف هئا.

اسڪول جي ماستر مينٽر گراهم، ايب کي رياضي ۽ قاعدو سيکاريو. جيڪ ڪليڊو، جيڪو سڄو ڏينهن پيون مڇيون جهليندو ۽ ٻٽاڪون هڻندو هو. تنهن کي ڪيترائي شعر ياد هئا. تنهن ايب کي شيڪسپيئر جا ڊراما ۽ رابرٽ برنس جي ڪلام پڙهڻ ۾ مدد ڪئي.

ڳوٺ جي بحث مباحثي واري ڪچهري ۾ ايب کي لهائٽجو موقعو مليو. جتي هن تقرير جا جوهر ڏيکاريا، انهن بحث مباحثن ۾ سندس مدلل ۽ سنجيده تقريرون ٻُڌي جيمس رٽلج ۽ ڊاڪٽر فرانسس رينجر، ايب جي هڪ سُٺي مقرر واري صلاحيت کان متاثر ٿيا ۽ هنن محسوس ڪيو تہ ايب کي فقط ٿوري مشق جي گهرج آهي، نہ تہ منجھس هڪ سٺي مقرر واريون هڙئي خوبيون موجود آهن.

هونئن بہ ايب هر معاملي ۾ اڳيان اڳيان رهندو هو ۽ هر فن ۾ پنهنجي پڙ هئڻ جو ثبوت ڏيندو هو. پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ معاملي ۾ پنهنجي اهليت ثابت ڪري نہ سگهيو. ڳالهہ هيءَ هئي تہ ايب کي خريد ۽ فروخت جي پيٽ ۾ ڪتابن پڙهڻ سان وڌيڪ دلچسپي

هئي. هو سڄو وقت دوڪان ۾ ٽنگون پٽ سان ٽڪائي ليٽيو ڪتاب پيو پڙهندوهو ۽ لوڻ، ڪنڊ ۽ صابڻ جي وڪري ڏانهن ڌيان نہ ڏريندو هو.

ماڻهو ايب جي ٽوٽڪي بازي، خوشطبعي ۽ سنجيدگيءَ کان وڌيڪ سندس ديانت ۽ ايمانداريءَ کان متاثر هئا ۽ ڪيس گهڻو پسند ڪندا هئا، پر ڪٿي بہ دوڪان لطيفن ۽ ٽوٽڪن سان نہ هلندا آهن. نتيجو اهو نڪتو تہ هوريان هوريان ڪاروبار ختم ٿي ويو ۽ آفت بہ انهي نفعي ڪانسواءِ هلندڙ ڌنڌي مان بيزار ٿي پيو. هن دوڪان بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن ٻي ڪاروبار جي ڳولا ۾ ڪنهن ٻي هنڌ هليو ويو. ۽ ويچارو ايب هڪ ڀيرو ٻيهر بيروزگار ٿي ويو.

نيو سليم ۾ ست مهينا رهڻ جي دوران ايب جي سنگت ساٿ جو حلقو گهڻو پکڙجي چڪو هو. سنگت سان گڏ سندس هلندي چلندي بہ وڌي ويئي، جنهن جي ڪري ايب ۾ ايتري تہ خود اعتمادي وڌي ويئي، جو هن 9- مارچ 1832ع تي اعلان ڪيو تہ هاڻي هو ايندڙ چونڊن ۾ مڪاني لوڪل ڪائونسل جي لاءِ بيهندو. هن مينٽر گراهم ۽ پنهنجن ٻين مداحن جي مدد سان پنهنجو پهريون چونڊ منشور پڌرو ڪيو، جيڪو بنهہ مختصر پر سنگامون جي ووٽرن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪافي هو.

لنڪن پاڻ اينڊريو ۽ جيڪسن جي حريف هينري ڪلي کي پسند ڪندو هو. لنڪن پنهنجي چونڊ منشور ۾ مقامي گهرجن موجب عوامي پسند جون شقون بہ شامل ڪيون. جهڙوڪ: اڪثر ووٽر قرضي هئا، تنهنڪري هن قِرض تي وياج جو سيڪڙو گهٽائڻ جو وچن ڪيو. سڄي علائقي ۾ اسڪول نہ هئڻ جي برابر هئا،



تنهنڪري هن اسڪولن جي قيام ۽ تعليمي سهوليتن جي فراهميءَ جو اعلان ڪيو ۽ آخر ۾ هن وعدو ڪيو تہ ”سنگامون درياهہ“ کي ويڪرو ۽ اونهو ڪري آبي ذريعن جي چرپر جي سهوليت پيدا ڪئي ويندي. سندس خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ پندرهن کان ٽيهن ٽنن تائين وزني جهاز ”سنگامون درياهہ“ مان ’سائوٿ فورڪ‘ اچي ٿي سگهيا. ايب پنهنجي انهيءَ راءِ جو اظهار بہ ڪيو تہ جيڪڏهن عوام رضاڪاراڻي طور تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار هجي تہ دريا جي رستي ۾ جيڪي موڙ اچي ويا آهن، تن کي ڪٽي سڌو ڪري سگهجي ٿو، ۽ درياهہ کي وڌيڪ اونهو ڪري سگهجي ٿو. ايب پنهنجي چونڊ منشور ۾ آخري پيرا هنن سادن پُراثرائتن لفظن سان ختم ڪئي.

”آئون هڪ معمولي گهراڻي ۾ ڄايس ۽ ان ڏينهن کان وٺي اڄ سوڌي نهايت معمولي حيثيت سان زندگي گذاريندو رهندو آهيان. جيڪڏهن منهنجي عزيز ديس واسين مون کي اجا بہ گمنامي جي پسمنظر ۾ رکڻ پسند ڪيو تہ مون کي ڪا گهڻي مايوسي نہ ٿيندي، ڇو تہ آئون اهڙين مايوسين ۽ ناڪامين کي اڪثر منهن ڏيندو رهيو آهيان. اوهايو دوست ۽ ديس واسي. ابراهام لنڪن.“

ماڻهن کي آبي چرپر ۽ اچ وڃ جي ذريعن جي اهميت جو پورو اندازو نہ هو. پر لنڪن جڏهن پنهنجي چونڊ منشور ۾ اعلان ڪيو تہ آبي رستن کي ترقي ڏني ويندي تہ ماڻهو انهي اعلان جي اهميت کي چڱي طرح سمجهي نہ سگهيا، پر هڪ ڀيري هيئن ٿيو تہ، ”نيوسليم“ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ اعلان ڪرايو ويو تہ جلدئي هڪ

دخاني ٻيڙِي ”طلسمات سينٽ“ لوئيءَ مان واپاري سامان کڻي اسپرنگ فيلڊ کان ڇهه ميل اُتر طرف ”سنگامون درياهه“ تائين ايندي. انهيءَ اسٽيمر جو ڪپتان ونسنٽ لوگ هو سينٽ لوئي کان ان هنڌ تائين پاڻ ساڍا ستٽيهه پائونڊ تي لڳو. رستي مان اهو سامان نيڻ ۾ انهيءَ کان ٻه ٻيٽو پاڻ تي لڳو.

ظاهر آهي ته جڏهن اچ وڃ تي خرچ گهٽ ايندو ته شيون ٻه سستيون ٿينديون ۽ عوام جي قوت خريد ٻه وڌي ويندي ۽ خوشحالي عام ٿيندي. ايب جي انهيءَ اعلان ڪي ٻڌي ”نيوسليم“ ۽ پرپاسي جي ڳوٺن جي رهاڪن ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي ويئي.

اسٽيمر ”طلسمات“ جي لاءِ سنگامون درياهه جو رستو ٻه صاف ڪرڻو هو. درياهه جي ڪنڌيءَ تي وڏا وڻ بيٺل هئا. جن جون ڏگهيون ڏگهيون ٽاريون اڳيان وڌي آيون هيون. ۽ هڪٻئي سان اُلجهي ويون هوين. اسٽيمر جي واسطي انهن واڌو ٽارين ڪي وڍي صاف ڪرڻو هو.

انهيءَ وقت ايب مقامي قانون ساز مجلس جي ميمبريءَ جو اميدوار هو. هن سڀ کان پهرين پنهنجي رضاڪاراڻين خدمتن جو اعلان ڪيو ۽ نوجوانن جو هڪ جٿو تيار ڪيو. جيڪي ڏگهيون ڪُهاڙيون کڻي، جيڪي بانسن ۾ لڳل هيون. تيز چاقن ۽ ٻين اوزارن سان. جن سان انهن ٽارين ڪي ڪپي سگهجي، هٿيار بند هئا. اهي سڀ ماڻهو ماڻهو هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا ۽ سنگامون درياهه جي انهن وڻن ڪي وڍڻ لڳا. ساڻن گڏ هڪ گهوڙي تي سوار ”بلي هرن ڊن“ ٻه درياهه جي ڪنڌيءَ تي هلي رهيو هو. جيڪو رضاڪارن جي انهي جٿي جي همت افزائي ڪندو پي ويو. اڳتي هلي اهو هرن ڊن، ايب جو وڪالت ۾ پائيوار ۽ سندس وڏو مداح بنجي ويو. هن ايب



جي سوانح حيات ٻه لکي.

دخاني ٻيڙي ”طلسمات“ جو وڏي پُرجوش انداز ۾ آڌرڀاءُ ڪيو ويو. ٻيڙي آئي ۽ هن واپار جو سامان بندرگاهه تي لاٿو. واپسيءَ تي ايب ٻه انهيءَ جي پائلٽ سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ئي ويو.

ماڻهن ۾ اڃا طلسمات جي اچڻ ۽ انهيءَ جي آڌرڀاءُ جو جوش ۽ خروش باقي هو. جو هڪ ٻيو افواهه ڏاڍي زور ۽ شور سان پکڙجڻ لڳو. ان ڳالهه جي ڪري ماڻهن ۾ ٿورو ڊپ ۽ هراس ٻه پکڙجي ويو ۽ ڳالهه هئي ٻه ڊپ جهڙي.

ڳالهه اِها هئي ته انهيءَ علائقي ۾ آمريڪا جي قديم رهاڪن ريڊ انڊين جا ٻہ قبيلا ”سبڪ“ ۽ ”فاڪس“ آباد هئا. ۽ انهن جي سردار جو نالو ”بليڪ هاڪ“ هو. اهي ماڻهو قديم زماني کان انهيءَ سڄي علائقي تي قابض هئا. هتي ئي پوکي راهي ڪندا هئا ۽ شڪار ڪندا هئا. ۽ سڄي علائقي ۾ انهن جو ئي راڄ هو. جڏهن آمريڪا ۾ يورپي ماڻهن جي آمد شروع ٿي ۽ ڳوري نسل جا پناهگير مختلف علائقن ۾ آباد ٿيڻ شروع ٿيا ته انهن قديم رهاڪن اها ڳالهه سٺي نہ سمجهي ۽ شروع شروع ۾ ته سخت ويڙهه ٿي. پر ڳورن پناهگيرن جو سيلاب ويو وڌندو ۽ هر هنڌ انهن قديم رهاڪن ڪي پٺتي هٽڻو پيو.

پهرين ته ’بليڪ هاڪ‘ جي قبيلي ٻه انهن نون آيلن سان ٺاهه ڪري ورتو. پر هاڻ هنن معاهدي جي خلاف ورزي شروع ڪري ڏني ۽ چوڏس ڦُرلٽ. قتل ۽ رتوڇاڻ جو رڻ ٻاري ڏنو. بليڪ هاڪ انهن قديم رهاڪن جي فوج گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ اهي مِسي.سي.پي درياهه کي پار ڪري الي نواءِ ۽ وس ڪانيسن جي

وسندين تي وڏي پئماني تي ڪاهه ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا.

”بليڪ هاڪ“ جو دليل هو ته اها زمين جنهن تي ڳورا اچي قابض ٿيا آهن، قدرت جي ملڪيت آهي، ۽ جيڪي ماڻهو ان زمين تي پوک ڪن ٿا، اهي ئي ماڻهو قدرت پاران ان جا صحيح وارث قرار ڏنل آهن. هي زمينون خريد ڪري ۽ وڪرو ڪري نٿيون سگهجن. خريد ۽ فروخت جي لائق فقط اهي شيون آهن، جيڪي منتقل ڪري سگهجن.

بليڪ هاڪ جي ان دليل ۾ پلي ڪيترو به وزن هجي، پر هن پيري هن پاڻ ئاهه جي پيڪڙي ڪئي هئي ۽ سُک ۽ امن سان رهندڙ ماڻهن ۾ ڊپ جي لهر پکيڙي ڇڏي هئي.

اترالي نواءِ جي بيٺڪن مان تيز رفتار قاصد فوجي امداد جي درخواست کڻي لڳاتار اچي رهيا هئا، الي نواءِ جي گورنر عوام کي رضاڪارن جي هڪ فوج تيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي، ماڻهو وڏي انگ ۾ اچي رضاڪار فوج ۾ شامل ٿيڻ لڳا، ايب لنڪن کي اڪثريت راءِ سان انهي فوج جو ڪمانڊر چونڊيو هو. هن جي چونڊ ۾ ”گلري گرو بوائز“ جو وڏو هٿ هو. اهي همراهه هاڻي ايب جا گهاٽا سنگتي بڻجي ويا هئا ۽ اهو اجا به وڌيڪ سٺو ٿيو جو ”جيڪ آرمسٽرانگ“ کي ايب جو نائب بڻايو ويو.

رنگروٽن جي غير فوجي عادتن بابت ڪيترائي دلچسپ لطيفا مشهور ٿي ويا هئا. خود ايب به انهن رنگروٽن جي باري ۾ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندو هو. اهي فوجي سکيا ورتل نه هئا، جيڪي قاعدن ۽ قانونن کان واقف هجن. هو ته سادا سودا ڳوناڻا هئا، جيڪي



فوجي تنظيم، قائدن، نظم ۽ ضبط جي اهميت کان اڻڄاڻ هئا ۽ فقط خدمت جي جذبي هيٺ اچي فوج ۾ شامل ٿيا هئا. تنهنڪري انهن جون حرڪتون به ڏاڍيون دلچسپ ۽ کل جهڙيون هيون. اهي سڀ لطيفا نه رڳو رنگروٽن جي باري ۾، پر سندن ڪمانڊر ايب جي باري ۾ پڻ مشهور هئا. پنهنجن رنگروٽن جيان ايب به فوجي قاعدن ۽ اصطلاحن کان ڪو گهڻو واقف نه هو، ڪئين ڀيرا ڪمپني مارچ ڪندي پئي هئي ته سندن ڪمانڊر اهو سوچيندو رهندو هو ته ڪمپني کي ڪيئن حڪم ڏيان. تنهنڪري هڪ ڀيري لطيفو هي ٿيو ته اها ڪمپني مارچ ڪندي هڪ اهڙي سوڙهي رستي تي پهتي، جتي سپاهي وک وک سان گڏجي هلي نه سگهيا. حڪم ڏيڻو هو ته اها ڪمپني END WISE اچي وڃي. پر ڪمانڊر صاحب کي اهو فوجي اصطلاح نه ٿي آيو، تنهن ڪري تڪڙ ۾ هن اهو ڏگهو حڪم ڏنو، ”بيهي رهو، هيءَ ڪمپني ٻن منٽن لاءِ منتشر ٿي ويندي ۽ پوءِ رستي جي ٻي پاسي پهچي قطار ٺاهيندي.“

لنڪن ۽ سندس ساٿين کي بليڪ هاڪ يا سندس سپاهين سان منهان مُنهن ٿيڻو نه پيو ۽ نه ئي وري ڪنهن جهيڙي جهٽي جي نوبت آئي.

لنڪن جي اها فوجي زندگي جلدئي ختم ٿي ويئي، ڪيترين ئي جهڙپن کان پوءِ بليڪ هاڪ ۽ سندس سپاهين کي گهيري ۾ ورتو ويو ۽ بليڪ هاڪ کي گرفتار ڪري ”واشنگٽن ڊي.سي“ موڪليو ويو. جتي بليڪ هاڪ کي آمريڪي صدر ’اينڊريو جيڪسن‘ جي اڳيان پيش ڪيو ويو. هن جي منهن تي ڪابه ندامت يا پريشاني نظر نه آئي. هو آمريڪي صدر جي سامهون ڇاتي تاڻي بيهي رهيو ۽ چيائين، ”آئون به انسان آهيان ۽ تون به هڪ انسان

آهين. مون پنهنجي قوم تي ٿيندڙ ظلمن جي خلاف تلوار کنئي آهي ۽ منهنجا ماڻهو وڌيڪ عرصي لاءِ اهو ظلم سهي نه ٿي سگهيا. جيڪڏهن آئون انهن ظلمن تي ماٺ ڪري ويهان ها ته هو چون ها ته بليڪ هاڪ پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ هاڻ سرداريءَ جي لائق نه رهيو آهي ۽ هو سمجهن ها ته مون ۾ قوم جو ننگ ڪونهي.“

بليڪ هاڪ جي گرفتاريءَ سان گڏئي بليڪ هاڪ جنگين جو سلسلو به پڄاڻي تي پهتو ۽ ڪمپني ٽوڙي ويئي ۽ لنڪن ’ڏکڻ وسکن سن‘ هليو ويو. ان دوران ظلم اهو ٿيو ته سندس گهوڙو چورائجي ويو. تنهنڪري واپسي جي لاءِ وٽس ٻي ڪا واهه ئي نه هئي ته هو يا ته پنڌ وڃي يا ڪا گاڏي ڀاڙي تي ڪري.

ان واقعي کان ڪيترا سال پوءِ هڪ ڀيري لنڪن ڪانگريس جي سامهون تقرير ڪري رهيو هو. صدارت جي عهدي جو ڊيموڪريٽڪ اميدوار جنرل لوئي سيس ان تقرير جو نشانو هو. ان تقرير ۾ ايب پنهنجن ۽ جنرل سيس جي فوجي ڪارنامن جو خوب مذاق اڏايو.

جناب صدر!

ٿلهي ليکي آءٌ اهو ذڪر ڪندس ته ڇا اوهان کي خبر آهي ته آئون هڪ فوجي هيرو رهي چڪو آهيان. هائو، فوجي هيرو، بليڪ هاڪ جي لڙائي جي زماني ۾ آئون ڏاڍي بهادري سان وڙهيو هوس. جڏهن ته آئون جنرل سيس جي فوجي ڪارنامن جو ذڪر ٻڌندو آهيان ته مون کي خود پنهنجي زندگي ياد اچي ويندي آهي.

آئون اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته انهن خوني لڙاين ۾ منهنجي تلوار نه ٽٽي، ڇاڪاڻ ته مون وٽ سري کان تلوار هئي ئي ڪانه. پر هڪ موقعي تي مون کي ياد ٿو پوي ته مون هڪ بندوق جي نالي خراب نموني موڙي ڇڏي هئي.



پر جنرل سيس هٿ ٺوڪيا هيرا چونڊڻ ۾ مون کي به ماري ويو هونئن ته مون به ضرور جهنگلي بصر وڍڻ ۾ ڪيس پٺتي ڇڏي ڏنو هوندو. جيڪڏهن ڪنهن جيئري حبشيءَ کي وڙهندي ڏٺو آهي ته بيشڪ ان معاملي ۾ هو مون کي ملهه ماري ويو.“

نيو سليم واپس وڃڻ کانپوءِ لنڪن، اسٽيٽ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ويهڻ جو فيصلو ڪيو هو. وقت ٻنهه گهٽ هو ۽ ڪم تمام گهڻو ڪرڻو هو. تنهنڪري پاڻ پرپاسي پنهنجي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ روانو ٿي ويو. هو هارين سان ڳالهائيندو هو. ڪين ٻنين ۾ وهٽن جي باري ۾ صلاحون ڏيندو هو. لاٻارو ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تقريرون به ڪندو هو. هڪ ڀيري هو اهڙي ئي هڪ ميڙ ۾ تقرير ڪري رهيو هو، جو هڪ ڏڳو ميڙ ۾ ڪاهي پيو ۽ ماڻهو منتشر ٿيڻ لڳا. لنڪن تقرير روڪي هيٺ لٿو ۽ ڏڳي کي سنڱن مان جهلي ڌڪا ڏيئي ميڙ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. ان کان پوءِ وري اطمينان سان پنهنجي جاءِ تي بيهي تقرير ڪرڻ لڳو.

ان موقعي تي ڪيس مسڊ جين جو ڪوٽ ۽ کهري ڪپڙي جي پتلون پاتل هئي، جيڪي گهٽي نندي هئي، سندس مٿي تي اچو ٽوپلو هو. جنهن ۾ فيتو به لڳل نه هو. سندس تقرير اختصار پر جامعيت جي لحاظ کان مثالي حيثيت رکندي هئي.

”منهنجا دوستو! آئون سمجهان ٿو ته اوهين سڀ مون کي سڃاڻو ٿا. منهنجو نالو ايب لنڪن آهي ۽ منهنجن ڪجهه سنگتين مون تي زور ڀريو ته آئون رياستي ليجلسٽو جي چونڊن ۾ بيهان. منهنجو چونڊ منشور ڪنهن ڪراڙي عورت جي رقص جيان مختصر ۽ دلچسپ آهي. آئون هڪ قومي بئنڪ جي قيام جي حق ۾

آهيان. آئون داخلي نظام بهتر بنائڻ ٿو چاهيان، آئون چاهيان ٿو ته محصول به گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ لڳائڻ گهرجن. اِهوئي منهنجو چونڊ منشور آهي ۽ اهي ئي منهنجا سياسي نظريا آهن. جيڪڏهن آئون چونڊجي ويس ته به اوهان سڀني جو ٿورائتو رهندس. جي نه چونڊيس ته به.“

لنڪن شايد زندگي ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو سڏن سنون ووٽن ۾ هارائي ويو. پر ڪيس پنهنجي تڪ ۾ 7 جي مقابلي ۾ 277 ووٽ مليا، ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته هو نيو سليم ۾ سڀني کان وڌيڪ مقبول ماڻهو هو. ڪيس پنهنجي ڪمپني جو ڀيهر ڪپتان مقرر ڪيو ويو. انهن چونڊن ۾ هو بيشڪ هارائي ويو. پر 1832ع جي گرمين جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيس پنهنجي هردالعزيزي جا گهٽائي ثبوت ملي ويا.

—

# [ 8 ]

# هرفن مولا

[دوڪان جو ڏيوالو نڪري ويو — ايب لنڪن]

●

ايندڙ پنجن سالن تائين ايب مختلف ميدانن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو رهيو. اسٽور ڪيپر کان پوسٽ ماستر بنيو ۽ نيٺ مختلف ڌنڌا ڪندو پڇاڙِيءَ ۾ اچي وڪيل ٿيو. پهريون ڪم چڏي ٻيو ڌنڌو اختيار ڪرڻ تي ڪيس ڪاميابي نصيب ٿي، دراصل دڪانداريءَ سان سندس طبيعت ميل نه ٿي کاڌي. دوڪان شروع ڪرڻ مهل وٽس هڪ ٽڪو به نه هو. پر جڏهن هو 1837ع ۾ دوڪان بند ڪري ”نيو سليم“ کان اسپرنگ فيلڊ وڃڻ لڳو ته هو لڳ ڀڳ ڏيڍ هزار ڊالرن جو قرضي هو.

پر ڪيس واپاري بنجڻ جي سَڏ چو ٿي؟ اندازو آهي ته شايد ڪيس جيمس جنٽري، انڊيانا واري جي سماجي حيثيت جو خيال آيو. هو ڏسي چڪو هو ته جنٽري به هڪ دوڪاندار ئي هو. تنهنڪري هن به اهائي حيثيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دڪاندار بنجڻ ٿي چاهيو. انهيءَ ڪم ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ڪيس ڪيترن ئي قسمن جي ماڻهن سان ملڻ جلڻ جو موقعو مليو. جن کي هو پنهنجن قصن، ڪهاڻين، لٽڪن ۽ چٽڪن سان خوب وندرائيندو هو.

ايب اڪثر ذڪر ڪندو هو ته نيوسليم ۾ رهڻ ٿو چاهي. هو اتي جي ماڻهن کي گهڻو پسند ڪندو هو. هڪ ڀيري هن طئہ ڪيو ته

هو لوهارڪو ڪم سکندو. پوءِ هن قانون پڙهڻ جو ارادو ڪيو. پوءِ ڪيس خيال آيو تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڏکي هئي.

دوڪان بند ڪرڻ ڪان پوءِ ايب ڪي بيهر بيڪاري ۽ بُک ڪي منهن ڏيڻو پيو. پر خدا وڏو ڪارساز آهي. ڪونہ ڪو وسيلو پيدا ڪري ٿو ڇڏي، تنهن ڪري ايب جي حيرت جي حد ٿي نہ رهي، جڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ هڪ همراهہ دوڪانداريءَ جو پيل پراڻو سامان هن جهڙي مفلس شخص ڪي اوڌر تي ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. انڌي ڪي ڇا کپي. هڪ اک! پر هن ڪي تہ ٻئي پي مليون. ٻنهي ڄڻن سامان وٺي لاٿو ۽ گڏجي دوڪان ڪوليائون ۽ ٻئي وڌيڪ قرض ۾ ٻُڏي ويا.

انهيءَ دوڪان کُٽڻ جو ذڪر ايترا تہ پيرا ڪيو ويو آهي، جو هاڻ اهو ايب جو سوانح ۾ افسانوي حيثيت حاصل ڪري ويو آهي. پر اها ڳالهہ صحيح آهي تہ لنڪن ۽ سندس ڀائيوار وليم بيري ٻئي حد ڪان بہ وڌيڪ ناڪام ويا. بيري هر وقت شراب جي نشي ۾ ٻُڏل رهندو هو ۽ ايب پنهنجي ڪتابن جي نشي ۾. دوڪان جي حالت ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندي ويئي. تنهنڪري ڪجهہ مهينن ۾ ئي ٻنهي ڄڻن دوڪان ڪي ڪٽائي ڇڏيو. پر ايب پنهنجي ايمانداريءَ جي ڪري قرض جي هڪ هڪ پائي ادا ڪري ڇڏي، پر اهو قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪيس سالن تائين سخت پورهيو ڪرڻو پيو.

رئلج جي سراءِ ۾ رهائش ۽ ڪاڌي پيتي جي لاءِ ايب ڪي ڪنهن ڪم ڪار ڪرڻ جي سخت گهرج هئي. ڪاٺ چيرڻ، ان صاف ڪرڻ يا ايلس جي دوڪان تي منشي گيري ڪرڻ. 7- مئي 1833ع



تي ڪيس نيوسليم جي پوسٽ ماستر جي جاءِ ملي ويئي. اها هڪ وقتي نوڪري هئي، جنهن ۾ ڪيس پنجاهہ ڪان پنجهتر ڊالر تائين ساليانو ملي ويندا هئا. گڏوگڏ ڪيس اها رعايت بہ حاصل هئي تہ هو ڳوٺ ۾ ايندڙ سڀئي اخبارون پڙهي سگهيو ٿي، لنڪن کي مقامي ۽ پرڏيهي سياست سان دلچسپي هئي، ڪيس جيتريون بہ اخبارون ملنديون هيون پڙهي ڇڏيندو هو. انهي زماني مان "سينٽ لوئي" مان نڪرندڙ ڪافي اخبارون ڪيس پڙهڻ جو موقعو مليو. اڪثر ائين ٿيندو هو تہ ٽپال آفيس ۾ ڪا اخبار پئي هوندي هئي ۽ انهي جو ڪوبہ مالڪ نہ نڪرندو هو تہ لنڪن اهڙي اخبار کڻي چوڪ تي هليو ايندو هو. جتي ڳوٺ جا سڀ واندا ۽ بي فڪرا گڏ ٿي ويندا هئا ۽ لنڪن ڪين زور سان اخبار پڙهي سُڻائيندو هو.

ائين ٿي لڳو ڄڻ "نيو سليم" جي وستي الف ليليٰ جي افسانوي شهرن جيان ڪنهن علاءالدين جي ڏيئي سان گسائي پيدا ڪئي ويئي هئي ۽ انهي وستيءَ جي قيام جو واحد مقصد فقط لنڪن جي ايندڙ زندگي جي لاءِ بهتر موقعا مهيا ڪرڻ هو. اها وستي لنڪن جي اچڻ ڪان بہ سال اڳ ٻن ماڻهن گڏجي آباد ڪئي هئي ۽ جڏهن لنڪن اها وستي ڇڏي هليو ويو تہ سندس وڃڻ ڪان پوءِ ٻن سالن جي اندر انهيءَ وستيءَ جو هن زمين تان نالو نشان ٿي متجي ويو.

انهيءَ وستي جا رهاڪو ڀلي ڪيتري ٿي ڊرامائي انداز ۾ ظاهر ٿيا هجن، پر جيستائين لنڪن اتي رهيو، انهن ماڻهن جي زندگيءَ تي ڏاڍا ديرپا ۽ ڏورس اثر پيا. هنن ايب ڪي ابراهام لنڪن بنجڻ ۾ مدد ڪئي. جهڙوڪ: پهريون پيرو "سنگامون" جي سرڪاري سروير

ايب کي اها آڇ ڪئي ته هو سندس مددگار جي حيثيت سان رستن جي ماپ، ٻنين جي حدبندي ۽ نين وسندين جي آبادڪاريءَ ۾ سندس هٿ ونڊائي. ايب کي انهيءَ فن کان ڪابه واقفيت نه هئي. هو اسڪول ماستر گراهم وٽ ويو. وٽس رهي هو جاميٽري، زمين جي ماپ ۽ پئمائش جو فن سکيو. گراهم رات جو دير تائين آتشدان پرسان ويهي ايب کي اهي علم سيکاريندو هو. بعد ۾ گراهم پنهنجي شاگرد ايب جي باري ۾ چيو، ”مون پنهنجي ماستريءَ جي سڄي عرصي ۾ لڳ ڀڳ پنج هزار شاگرد پڙهايا هئا، پر ايب جهڙو ذهين، محنتي ۽ علم سان چاهه رکندڙ همراهه ڪڏهن به نه ڏٺم.“

بهرحال اها زمين جي پئمائش جي نوڪري ۽ ٻيون مختلف نوڪريون کيس قرض جهڙي مرض مان ڇوٽڪارو ڏياري نه سگهيون. ڏينهن گذرندا ويا، قرضين کيس تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. نيٺ انهن ايب جو گهوڙو، انهيءَ جو هَنو، زين ۽ ماپ جو سامان ضبط ڪري نيلام ڪري ڇڏيو. اهو ته اتفاق هو جو اها خبر ايب جي هڪ سنگتيءَ کي پئجي ويئي. هن اهي شيون نيلاميءَ مان خريد ڪري ايب کي واپس ڪري ڇڏيون.

1834ع ۾ لنڪن هڪ ڀيرو وري قانون ساز مجلس جي ميمبريءَ لاءِ چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ڊيموڪريٽ ۽ وگ ٻنهي پارٽين جي گڏيل امداد سان هو ڪامياب ٿي ويو. بائولنگ گرن ڊيموڪريٽڪ پاران ۽ جان ٽي اسٽوارٽ وگ پاران ايب جي حمايت ڪري رهيو هو. اسٽوارٽ خود، اسپرنگ فيلڊ جو بي حد سُٺو وڪيل هو ۽ اڳتي هلي به هن ايب جي گهڻي مدد ڪئي.

ونڊيليا ۾ جنرل اسيمبلي جي هيٺين ايوان جي اجلاس ٿيڻ وارو



هو. پر ايب وٽ اهڙا ڪپڙا به نه هئا، جن کي پائي هو اجلاس ۾ شريڪ ٿي سگهي. تنهنڪري هن پنهنجي سنگتي ”ڪولهن اسموٽ“ کان ٻه سؤ ڊالر اڌارا ورتا. ۽ زندگيءَ ۾ پهريون گهمرو درزيءَ جو سبيل هڪ ڪوٽ سٺ ڊالرن ۾ خريد ڪيو. انهيءَ زماني ۾ صاف ۽ پڪا رستا نه هوندا هئا. ڏوڙ مان پريل گاڏيون، ڏٻٽين ۽ مٽي مان لنگهي ونڊيليا طرف اچڻ لڳيون. ٻن ماڙن واري ”ڪيپٽال“ بلڊنگ ڪانسواءِ، جنهن ۾ اسيمبليءَ جا ميمبر، رياستن جا نمائندا ۽ انهن جا گهر وارا لهندا نظر آيا. جيڪي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ ونڊيليا آيا هئا. اها وسندي انهن نون آيل سياستدانن لاءِ بي رنگ ۽ غير دلچسپ ضرور هئي، پر لنڪن جي لاءِ اها ڇهن سؤ ماڻهن جي آباديءَ تي ٻڌل وسندي ترقي جي لاءِ پهريون ڏاڪو ثابت ٿي. لنڪن انهيءَ قانون ساز مجلس جو اٺن سالن تائين نمائندو رهيو. انهيءَ سڄي عرصي جو تفصيلي ذڪر نه رڳو غير دلچسپ ٿيندو، پر شايد غير ضروري پڻ. بهرحال ان عرصي دوران لنڪن وڏو اثر پيدا ڪري ورتو. هو اقليتي اڳواڻ مڃجڻ لڳو. هن جو شمار اسيمبلي جي بااثر نمائندن ۾ ٿيڻ لڳو ۽ جڏهن به ڪو قانون پاس ڪرائڻ چاهيندو هو ته بنهه سولائيءَ سان ٻين ميمبرن کي راءِ ڏيڻ جي لاءِ راضي ڪري وٺندو هو.

ان زماني ۾ آمريڪا جون سيئي رياستون پنهنجي مواصلات جي داخلي نظام کي بهتر بنائڻ جي لاءِ بي چين هيون. ڪين پڪن رستن جي گهرج هئي، ڪين نون واهن کوٽڻ جي گهرج هئي، هنن اچ وڃ جي ذريعن کي بهتر بنائڻ تي چاهيو. انهن سيني رٿائن جي لاءِ ڪروڙين ڊالرن جي گهرج هئي. رياستي خزانا صفا خالي هئا. ٻين

رياستن جيان ”الي نواءِ“ ۾ بہ انهن مطالبن جي شدت سبب چڻ ديوانگي پيدا ٿي ويئي هئي ۽ اڄ جڏهن اسين انهيءَ زماني جي آمدني جي ذريعن، رياستي خزاني جي رقمن ۽ پوءِ انهن رٿائن جي لاڳت جو اندازو لڳايون ٿا تہ اسان کي اهي مطالبا ناانصافيءَ تي ٻڌل لڳن ٿا. جهڙوڪ: ’الي نواءِ‘ جي سرڪاري خزاني ۾ ڪل بہ هزار ڊالر موجود هئا. هاڻ انهن ٻن هزار ڊالرن جي مقابلي ۾ اهڙين رٿائن کي منظور ڪرڻ، جن جي مڪمل ٿيڻ جي لاءِ ڪروڙين ڊالرن جي گهرج هجي، ڪٿي جي سياڻپ چئبي.

لنڪن، پنهنجي رڪنيت جي ٽي سال ۾ ئي پنهنجي ڏاهپ ۽ سياسي حڪمت عملي سان وڏي حد تائين انهن مطالبن تي قابو پائي ورتو هو. لنڪن جي چونڊ تڪ مان 9 ميمبر چونڊيا ويا هئا. اهي سڀ قد جا ڇهہ فوٽ ڊگها هئا. پر لنڪن جو قد انهن مان ٿورو وڌيڪ ڊگهيرڙو هو. تنهنڪري ماڻهو کين ”تَو ڊگها“ جي نالي سان سڏيندا هئا. لنڪن انهن سڀني جو اڳواڻ هو ۽ هُن انهن جي ئي مدد سان هوريان هوريان ايترو اثر قائم ڪري ورتو جو سڄي اسيمبلي ۾ سندس پارٽي جو راڄ قائم ٿي ويو ۽ هو باهمي مفاهمت سان جيڪو چاهيندو هو، اهو ڪري وٺندو هو. تنهنڪري هن الي نواءِ جي گادي وارو هنڌ ونڊيليا کان ”اسپرنگ فيلڊ“ منتقل ڪرائي ورتو. ٿيو هيئن جو ڊيموڪريٽ بهتر مواصلاتي نظام تي چاهيو ۽ هن جي پارٽي حڪومتي گادي جي هنڌ جي تبديلي جي خواهشمند هئي ٻنهي پارٽين پاڻ ۾ ٺاهہ ڪيو ۽ ائين ٻئي مقصد پورا ٿي ويا.

”اسپرنگ فيلڊ“ لنڪن جي ذاتي ڪوشش سان ”الي نواءِ“ جي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏنو ويو هو. تنهنڪري اسپرنگ فيلڊ جي رهاڪن



لنڪن جو آڏرياءَ ڪنهن قومي هيرو جيان ڪيو.

ونڊيليا ۾ ئي لنڪن جي ملاقات ”جيمس شيلڊز“ ۽ ”اسٽيفن ڊگلس“ سان ٿي، جيڪي اڳتي هلي سندس زبردست ۽ وڏا حريف ثابت ٿيا. جيمس شيلڊز لنڪن کي مُنهان مُنهن وڙهڻ جي لاءِ للڪاريو ۽ اسٽيفن ڊگلس سان ڪيس 1850ع جي آخر ۾ ڊگها تقريري مقابلا ڪرڻا پيا. سندس انهن تقريرن جو پڙاڏو سڄي آمريڪا ۾ هڪ سِري کان ٻي سري تائين ٻڌڻ ۾ آيو.

شيلڊز ۽ ڊگلس ٻئي غير متوازن ۽ وڏي حد تائين معقول انسان هئا. هڪ ڀيري اسيمبلي ميمبرن ۽ سياستدانن جي مان ۾ هڪ هوٽل ۾ هڪ دعوت رکي ويئي. ڊگلس ۽ شيلڊز بدمست ٿي ڊگهي ميز تي چڙهي پيا ۽ ميز جي هڪ سري کان ٻي سري تائين ٽينگ ٽپا ڏيڻ لڳا، ٻي ڏينهن شيلڊز کي ماني جي ڀڳل ٿانون جي قيمت ڇهہ سؤ ڊالر ادا ڪرڻا پيا. ان زماني ۾ ايترن پئسن مان ٻني جو چڱو خاصو ٻارو خريد ڪري ٿي سگهجيو.

لنڪن عملي سياست ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان حصو وٺندو رهيو. مواصلات جي نظام جي بهتري ۽ حڪومتي گاڏي جي هنڌ جي تبديلي ان جو چٽو ثبوت هو. پر ان جو مطلب اهو بہ نہ هو تہ هو رڳو انهن ئي معاملن ۾ گهيرجي سمهي پيو هو ۽ سندس جيڪي نظريا هئا، سي نظرانداز ڪري ڇڏيا هئائين. هو اڃا بہ عام ميڙن ۾ تقريرون ڪري غلامي جي خاتمي بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو رهندو هو ۽ وڏي وضاحت سان پنهنجي ان راءِ جو اظهار ڪري رهيو هو تہ غلامي جو بنياد عدم مساوات ۽ ناانصافي تي رکيو ويو آهي ۽ ان جي خلاف عملي قدم کڻڻ نهايت ضروري آهي. پر

گڏوگڏ هو اهو به چوندو هو ته جن رياستن ۾ قانوني طور تي غلامي رواج پائي چڪي آهي. وفاقي حڪومت انهن رياستن ۾ مداخلت جو حق نٿي رکي، پر ڪانگريس گهٽ ۾ گهٽ ڪولمبيا جي ضلعي ۾ غلامي توڙ قانون ضرور لاڳو ڪري سگهي ٿي.

اسيمبلي جي اجلاسن جي وچ وارو عرصو لنڪن ”نيوسليم“ ۾ پنهنجي گهر ۾ گذاريندو هو. هتي ئي پورن وارن ۾ نيرين اکين واري هڪ سُهڻي ڇوڪري رهندي هئي، جنهن جو نالو ”اين رٽلج“ هو. اين جو مڱڻون هڪ شخص ”نيڪ نيمر“ سان ٿي چڪو هو. ميڪ نيمر 1832ع ۾ پنهنجي ڪجهه گهرو مامرن جي نبيري واسطي اپرندي علائقي ۾ ويو. طئي اهو ٿيو هو ته جيئن ئي مامرو نبرندو ته هو موٽي ايندو ۽ ٻنهي جو پرڻو ٿيندو. شروع شروع ۾ ته ميڪ نيمر جا اين جي نالي خط ايندا رهيا. پر پوءِ هڪدم اها خط و ڪتابت بند ٿي ويئي ۽ ٽن سالن تائين نيمر موٽي اچي ڪابه خبر چار نه ورتي. هاڻي ماڻهن کي خيال ٿيو ته پڪ نيمر جي نيت بدلجي وئي آهي ۽ هو اين سان پرڻجڻ نٿو چاهي.

ڇا ايب جي دل ۾ اين جي محبت ڏيئا ٻاري ڇڏيا هئا؟ ڇا ايب اين کي شادي جي درخواست ڪئي ۽ اين اها منظور ڪري ورتي؟ پوءِ 1835ع ۾ اين جي ڪُمهلي موت سان ايب کي ايڏو وڏو صدمون ڇو پهتو، جو هن جو ذهني توازن لڳ ڀڳ خراب ٿي ويو هو.

اهي سڀ سوال اهڙا آهن، جن جي جواب ۾ جديد سوانح نگار ايب ۽ اين جي رومان کي افساني کان وڌيڪ اهميت نٿا ڏين. سندن نظر ۾ ان قسم جي رومانس جون شاهديون. واقعا ۽ تاريخون نٿيون ملن.



اين جي سوانح نگارن جي ان انڪار جي باوجود به ايب جي سوانح حيات ۽ عوام جي لاءِ ٻيو ڪو واقعو ان کان وڌيڪ قبوليت جوڳو نٿو معلوم ٿئي.

اين جي قبر تي جيڪو ڪتبو لڳل آهي ان تي ”ايڊگرلي ماسٽرس“ جا جيڪي شعر لکيل آهن انهن ۾ پڻ ايب جو تذڪرو آهي. اڄ هيترو زمانو گذري ويو آهي پر ان ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي ته انهن ٻنهي جي دلين ۾ ڇا هو ۽ هو هڪٻئي جي باري ۾ ڪهڙي قسم جا جذبا رکندا هئا.

واقعا ۽ حالتون جيئن به هجن، ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ايب جي نيو سليم سان دلچسپي گهٽبي ويئي ۽ جڏهن هن اپريل 1837ع ۾ نيوسليم ڇڏي، اسپرنگ فيلڊ وڃي وڪالت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته ان وقت سندس عمر اٺاويهه سال هئي. نيو سليم ۾ هو پنهنجي پويان ڪيترن ئي دلڪش ۽ ساهه سڏير ساروڻيون ڇڏي وڃي رهيو هو. ان دوڪان جي ياد، جنهن سندس ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو هو، پوسٽ ماسٽري، جنهن ۾ ڪيس پانت پانت جي اخبارن پڙهڻ جو موقعو ملندو هو، بند ٻڌ چيرڻ، اَناج صاف ڪرڻ ۽ زمين جي ماپ جون يادون. زندگيءَ جي انهن تجربن ۽ يادن ۾ هڪ مفهوم، دلڪشي ۽ ڏڪاري ياد ان ڇوڪريءَ جي به هئي، جيڪا نيوسليم جي مٽيءَ ۾ مدفون هئي.

ايندڙ ٻن سالن جي اندر ئي ”نيوسليم“ ڦِٽي، اُجڙي ۽ ڌرتي جي گولي تان گم ٿي ويو ۽ اڄ آمريڪا جي تاريخ ۾ ان جو فقط نالو باقي وڃي رهيو آهي.

# [ 9 ]
# اسپرنگ فيلڊ جا شروعاتي ڏيهاڙا

**[مون قانون جو اڀياس ڪيو هو ۽ اسپرنگ فيلڊ وڃي وڪالت ڪرڻ جو ارادو ڪيو. - لنڪن]**

●

جوشو ايف اسپيڊ، ڪنيٽڪي جو رهاڪو هڪ ننڍي وهيءَ وارو ۽ سُکيو ستابو واپاري هو. اسپرنگ فيلڊ ۾ هن جو دوڪان ڏاڍو سٺو هلندو هو. اڳتي هلي اهو شخص لنڪن جو مخلص دوست ثابت ٿيو.

اسپيڊ، لنڪن جي اسپرنگ فيلڊ ۾ اچڻ جو اڪثر ذڪر ڪندو رهندو هو. لنڪن هڪ ٽانگي تي چڙهي پنهنجي ڪل ميڙي چونڊي ۽ سامان جا ٿيلها کڻي اچي اسپيڊ جي دوڪان وٽ بيٺو ۽ اسپيڊ کان پڇڻ لڳو، ”هڪ هنڌ ۽ ڪتولي جي قيمت گهٽي ٿيندي.“

جڏهن اسپيڊ حساب ڪري ڪيس ٻڌايو ته ڪُل سترهن ڊالر ٿين ٿا ته لنڪن چوڻ لڳو، ”سترهن ڊالر، ڪافي سستو آهي. پر في الحال مون وٽ قيمت ادا ڪرڻ جي لاءِ ايترا ڏوڪڙ ڪونهن. جيڪڏهن ڪرسمس تائين تون مون کي اهو سامان اوڌر تي ڏيئي سگهين ته ڏي ۽ جي هتي منهنجي وڪالت هلي پئي ته توکي پوري رقم ڏيئي ڇڏيندس، نه ته ٻي صورت ۾ شايد اها به ڏئي نه سگهان.“

اسپيڊ ان قد جي ڊگهي اجنبي شخص جي مُنهن ۾ ڌيان سان ڏٺو. اڪثر ماڻهن جو هن جي چهري جي باري ۾ چوڻ هو ته هنن، ان کان وڌيڪ ٻيو ڏکارو مُهاندو سڄي زندگي ۾ نه ڏٺو. اهڙوئي ڪجهه

تاثر اسپيڊ جو بہ هو. اسپيڊ جلد ئي پنهنجي ذهن ۾ فيصلو ڪري ورتو ۽ هن دوڪان جي ڪاٺ جي دخل تي جهڪندي ان ڏڪاري وڪيل کي چيو.

”آئون ڏسان پيو تہ ايتري معمولي رقم بہ تنهنجي لاءِ ڪيڏي نہ اهميت ٿي رکي، تنهنڪري مون وٽ هڪ رٿ آهي تہ جيڪڏهن تون قرض کان بچڻ چاهين ٿو تہ مون وٽ هڪ وڏو ڪمرو آهي ۽ انهي ۾ هڪ وڏو بسترو بہ. جيڪڏهن تون مون سان رهڻ پسند ڪرين تہ مون کي ڪوبہ اعتراض نہ ٿيندو.“

”اهو ڪمرو مٿي آهي؟“ لنڪن پڇيو.

”مٿي!“ اسپيڊ هڪ ڏاڪڻ طرف اشارو ڪندي چيو.

لنڪن پنهنجا ٻئي ٿيلها کڻي هڪئي وقت ۾ بہ ڏاڪا چڙهندو مٿي هلي ويو. ٿوري دير کان پوءِ هو جڏهن هيٺ لٿو تہ هن جي چهري تي اطمينان جي جهلڪ هئي، هن اسپيڊ کي چيو. ”مون کي تنهنجي ڳالهہ منظور آهي.“

پنهنجي اچڻ کان پوءِ هڪ خط ۾ لنڪن پنهنجي اڪيلائيءَ جي شڪايت ڪئي آهي، پر حقيقت ۾ اسپيڊ نہ رڳو ڪيس مفت ۾ رهڻ جي لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو، پر اهو ڪمرو هڪ قسم جو ڪلب بنجي ويو هو. دوڪان جو اِهو مٿيون ڪمرو گهڻو ويڪرو ۽ آتشدان جي باهہ سان هر وقت گرم رهندو هو. ان ڪمري ۾ اڪثر پڙهيل لکيل نوجوان اچي گڏبا هئا ۽ سياست ۽ ادب تي بحث ۽ مباحثو ڪندا هئا. اسپيڊ پاڻ بہ ايتروئي پڙهيل لکيل هو، جيترو لنڪن ۽ پاڻ لنڪن کان وڌيڪ سِکيا ورتل هو. انهن صحبتن ۾ اسپيڊ ۽ سندس ڪلارڪ ’بلي هرن ڊن‘ تہ باقاعده شريڪ ٿيندا هئا. تنهن



کان سواءِ انهن ڪچهرين ۾ اڪثر هڪ نوجوان ۽ ڪامياب سياستدان اسٽِيفن ڊگلس بہ شريڪ ٿيندو هو. لنڪن جي ابتڙ ڊگلس قد جو بندرو، ضدي ۽ ڊيموڪريٽ هو. لنڪن قد جو ڊگهو، صلح پسند ۽ سياسي عقيدن جي لحاظ کان وگ هو.

اڪثر اهي همراهہ رڳو شعر شاعري ۽ ڳالهيون مُهاڙيون ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڊگلس ۽ لنڪن وڏي گرمجوشيءَ سان ڪنهن سياسي مسئلي تي وڏي سنجيدگي ۽ مدلل نموني بحث بہ ڪندا هئا، اهي ٻئي سٺا مقرر بہ هئا.

لنڪن، ڪجهہ ٻين سببن جي ڪري بہ خوشقسمت چئي سگهجي ٿو، ان زماني ۾ جان ٽي اسٽوارٽ ڪيس پاڻ سان گڏ وڪالت ۾ شريڪ ڪري ورتو. اسٽوارٽ ئي لنڪن کي قانون پڙهڻ تي هُشڪاريو. ان فرم جي حساب ڪتاب جي ڪاغذن مان خبر پوي ٿي تہ پهرين سال ان فرم رڳو 5 ڊالر ڪمايا. پر انهن ٻنهي وڪيلن جي دوستي برابر مضبوط ٿيندي رهي.

لنڪن اڳ ئي اسپرنگ فيلڊ ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري ورتي هئي. جنهن ذهانت ۽ تدبر سان هن ”الي نواءِ“ جي گادي جو هنڌ ”ونڊيليا“ کان ”اسپرنگ فيلڊ“ منتقل ڪرايو هو. انهيءَ جو عوام تي تمام گهڻو اثر هو ۽ هو لنڪن جي صلاحيتن کان گهڻا متاثر هئا.

لنڪن جي اچڻ کان بہ سال اڳ آدمشماري ڪئي وئي هئي. تنهنڪري اسين سولائيءَ سان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ لنڪن جي اچڻ کان اڳ انهيءَ شهر جي آبادي ڏيڍ هزار ماڻهن تي مشتمل هئي. شهر ۾ ڇهہ ديولون ۽ ڇهہ پنساري، ٻارهن سيڏي سامان جا

دوڪان هئا. ان ڪانسواءِ شهر ۾ چار هوٽلون، چار ميڊيڪل اسٽور ۽ چار ڪافي هائوس پڻ هئا. شهر مان ٻه اخبارون به نڪرنديون هيون. جن جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ٿيندي هئي ۽ اهي ٻئي اخبارون ابراهام لنڪن ۽ سندس سياسي حريف ڊگلس جي نظرين جون علمبردار بنجي ويون.

سائمن فرانسس "سنگامون جرنل" جو ايڊيٽر ۽ لنڪن جو وڏو پُرجوش حامي هو ۽ اسٽيفن ڊگلس کي "الي نواءِ ريپبلڪن" جي ايڊيٽر جارج آر وير جي حمايت حاصل هئي، سيئي آفيسون ۽ دوڪان مرڪزي چوڪ جي آسپاس هئا، رستن جي ٻنهي پاسن ڪاٺ جون ڪيبنون ۽ سرن جي ٺهيل اڌ پڪن گهرن جون قطارون هيون.

پر وڌندڙ وسنديءَ ۾ رستا سڀ ڪچا هئا ۽ اونهاري جي مند ۾ مٽي اُڏندي رهندي هئي ۽ مينهوڳي ۾ سڀ رستا ڪاري گپَ سان لٿ پٿ ٿي ويندا هئا. سوئر ۽ ٻيا جانور رستن ۽ چوڪ تي ڊوڙندا وتندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ته رستو اُڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو.

انهيءَ نئين ڳادي جي هنڌ جي زندگيءَ جي اڪثر ڪاتن ۾ اڪثر ناهمواري، بي ترتيبي، ۽ افراتفري موجود هئي، پر ڪن حوالن سان هي نئون شهر ۽ ان جو نئون وڪيل ڪيترن ئي ڳُڻن جا حامل هئا. ان شهر کي اهو فخر حاصل هو ته انهيءَ ۾ هڪ ڪتابن جو دوڪان ۽ ڪيترائي اسڪول هئا. تعليمي ۽ ثقافتي لحاظ کان اڄ ڏيڍ هزار آباديءَ وارو شهر ڪو ايتري سرگرمي ڏيکاري نه ٿو سگهي، جيتري ان زماني ۾ سرحدي "اسپرنگ فيلڊ" پنهنجي حلقي ۾ پيدا ڪري ڇڏي هئي. هتي ٿيسپيئن سوسائٽي، ۽ ٻيا ثقافتي ۽ تعليمي



ادارا به هئا، اڪثر مشهور ماڻهو جهڙوڪ: ڊينيئل ويبسٽر وغيره تقريرون ڪرڻ جي لاءِ ايندا هئا.

اسپرنگ فيلڊ ۾ فيشن ايبل طبقي جو سربراهه 'نينين ڊبليو ايڊورڊ' ۽ سندس زال ايلزبيٿ (ٽاڊ) ايڊورڊ هئا، اهي ڏاڍا شائسته، تعليم يافته ۽ خوش پوشاڪ هئا. انهن ماڻهن به لنڪن کي وڏي خوشيءَ سان پنهنجي حلقي ۾ شامل ڪري ورتو. هو جان ٽي اسٽوارٽ جو ڀائيوار ۽ رياستي اسيمبلي ۾ وگ پارٽي جو اڳواڻ به هو. ايب جڏهن به اهڙين محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو ته پنهنجي اڏنگي لباس جي باوجود به هو سڀني جي ڌيان جو مرڪز بنجي ويندو هو ۽ فيشن ايبل نوجوان، ڇوڪرين سان رقص ڪرڻ جي بدران هن جي چوڌاري مِڙي ايندا هئا ۽ سندس ڳالهيون ٻُڌندا هئا.

ميري ٽاڊ سان ايب جي ملاقات هڪ دعوت ۾ ٿي، عام طور تي اها روايت مشهور آهي ته اسپرنگ فيلڊ ۾ اسيمبلي ميمبرن جي اعزاز ۾ هڪ وڏي شاندار پارٽي ڪئي ويئي. سڀ مهمان مرد ۽ عورتون هال ۾ گڏ هئا. ميڻ بتين جي روشنيءَ ۾ گلن سان ٺهيل جڙيل ڪمرو ڏاڍو وڻندڙ لڳي رهيو هو. انهيءَ سڄي ميڙ ۾ سڀني کان وڌيڪ سُهڻي ڇوڪري مسز ايڊورڊ جي ڀيڻ ميري ٽاڊ هئي. هونئن ته ايب هر ميڙ ۾ ڌيان جو مرڪز بنجي ويندو هو ۽ پنهنجن ٽوٽڪن، لطيفن ۽ ڳالهين جي ڪري سڄي ميڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي وٺندو هو. پر ميري ٽاڊ کي ڏسي هو ڄڻ گم ٿي ويو. هن جون نظرون ميري ٽاڊ تان هٽيون ئي نٿي. ميري جيڪا ڊيل جيان سڄي ڪمري ۾ ٿيلارا ڪري رهي هئي، سا ڪنهن مهل جيمس شيلڊز يا وري ڪنهن ٻئي نوجوان سان رقص ڪري رهي هئي. ايب

ڪافي دير تائين همت گڏ ڪندو رهيو ته جيئن ميريءَ سان ڳالهائي، پر ڪيس همت ئي نه پئي ٿي. نيٺ همت ٻڌي هو ميري ٽاڊ وٽ پهتو ۽ ڪيس رقص ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. جيڪا ميريءَ قبول ڪري ورتي.

بس اها هئي ميريءَ سان سندس پهرين ملاقات.

دنيا ۾ شايد ئي ڪي ٻه انسان ايترا مختلف هجن، جيترا ميري ۽ ايب هئا. لنڪن جو ڪل تعليمي سرمايو هڪ عام اسڪول ۾ هڪ سال جي پڙهائي هئي. پر ميري ٽاڊ اُن زماني جي رواج موجب اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئي. هيءَ ٻن نجي اسڪولن ۾ پڙهي هئي، ڪيس فرانسيسي زبان به ايندي هئي. ان کان سواءِ ڪيس ادب، آرٽ، ڊرامي، ناچ ۽ موسيقي ۽ ٻين مجلسي عملن تي عبور حاصل هو. پر لنڪن هڪ غريب گهراڻي سان واسطو رکندو هو ۽ هنيڪس جو گهراڻو جنهن سان سندس ويجهي مائٽي هئي، ڪو گهڻو نيڪ نام نه سمجهيو ويندو هو، انهيءَ جي ابتڙ ميري ٽاڊ جو گهراڻو ڪنيٽڪي جي اعليٰ گهراڻن ۾ ڳڻيو ويندو هو. لنڪن آرام پسند، فراخدل، بردبار ۽ درگذر ڪندڙ شخص هو. جڏهن ته ميري نفاست پسند، فيش ايبل، گهڻ خرچائو، تيسر ۽ ڪڏهن به معاف نه ڪندڙ هڪ انتهاپسند عورت هئي. لنڪن جون خواهشون محدود هيون. هو ترقي جو خواهشمند ضرور هو، پر هڪ حد تائين. پر ان جي ڀيٽ ۾ ميري ٽاڊ جي شوبازي ۽ عروج پسنديءَ جي ڪا حد نه هئي.

هنن ٻنهي جي دوستي پهرين ملاقات کان پوءِ سال ڪن تائين ته خوشگوار بنيادن تي هلندي رهي ۽ 1840ع ۾ ميري جي ڪن مائٽن جي مخالفت جي باوجود ٻنهي جي مڱڻي ٿي ويئي. ايڊورڊ



جي گهر وارن جو خيال هو ته ميري ۽ لنڪن جو ڪوبه جوڙ ڪونهي. انهيءَ ڪانپوءِ سال ٻيو به گذري ويو ۽ ان وچ ۾ ڪهڙا واقعا پيش آيا ۽ هنن ٻنهي جي دلين ۾ ڪهڙو انقلاب پيدا ٿيو، تنهن بابت ڪير به ڪجهه چئي نٿو سگهي. سياري جي موسم ويجهي ايندي ويئي ۽ ائين پئي لڳو ته لنڪن جا جذبا سرد ٿيندا پئي ويا. تنهنڪري پهرين جنوري 1841ع تي لنڪن پاڻ نسبت ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

انهيءَ کان پوءِ ٻه سال مصيبت، مايوسين ۽ تڪليفن ۾ گذريا. انهيءَ عرصي ۾ ٻئي پريشان رهيا. لنڪن پنهنجي سڀاءُ ۾ اڳ ۾ ئي غم پسند هو. انهيءَ واقعي مٿس تمام گهرو اثر ڇڏيو هو ۽ خاموش رهڻ لڳو. هو اڪثر هفتن جا هفتا پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نه نڪرندو هو. هو انهيءَ عرصي ۾ هن هڪ مختصر پر ناڪام عشق هڪ معمولي شڪل ۽ صورت واري ڇوڪري ”ميري اونن“ سان به ڪيو. انهيءَ واقعي لنڪن کي اجا به وڌيڪ مايوس ڪيو. هن جي پنهنجي فيصلي جي قوت جواب ڏيندي معلوم ٿيڻ لڳي. هن جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا ڪري؟

سندس همدرد اسپيڊ به واپس پنهنجي وطن ڪنيٽڪي وڃي چڪو هو. لنڪن اسپيڊ سان صلاح سُولي ڪرڻ جي لاءِ ڪنيٽڪي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اسپيڊ پنهنجي شهر جو هڪ سهڻي ڇوڪري سان مڱجي چڪو هو. پر لنڪن وانگر هو به شادي جي معاملي ۾ ٻڏتر جو شڪار هو. لنڪن اسپيڊ کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس ٻڏتر اجائي آهي. ائين ٿو لڳي ته اسپيڊ کي قائل ڪرڻ جي دوران خود ايب کي به اهو خيال پيدا ٿيو ته ميري سان

شاديءَ جي معاملي ۾ هن جيڪو رويو اختيار ڪيو هو، اهو پڻ چريائپ ئي هو.

پوءِ جڏهن اسپيڊ لڪيس ته هن شادي ڪري ڇڏي آهي ۽ سندس ازدواجي زندگي خوشين سان ڀرپور آهي، ته ايب چواڻي، ”ڪيس ايتري ته خوشي ٿي، جيتري جنوري 1841ع ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين نه ٿي هئي.“

پوءِ شايد ”سنگامون جرنل“ جي ايڊيٽر ”سائمن فرانسس“ جي زال جي ئي ڪوشش سان ميري ۽ ايب هڪ ڀيرو ٻيهر هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا. هن انهن ٻنهي کي گهُرائي پنهنجي گهر ۾ ملايو ۽ پوءِ ٻئي اڪثر ڪري انهيءَ ئي گهر ۾ ملندا رهيا ۽ پوءِ هتان ڪان ئي ”لاسٽ ٽائون شپ“ خطن جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ شايد لنڪن کي پنهنجي زندگيءَ تان به هٿ ڌوئڻا پون ها.

ايب کي ننڍي هوندي ڪان ئي لکڻ جو شوق هو. هو اڪثر طنزيه نظم ۽ مضمون لکندو هو. اسپرنگ فيلڊ ۾ ”سنگامون جرنل“ جي ايڊيٽر سان سنگت ٿي ويس ۽ هن انهيءَ اخبار ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيو، جيڪو هو مختلف قلمي نالن سان لکندو هو. انهن مان هڪ جو نالو ”سمپس هوسٽ“ به هو. انهن ڪالمن ۾ هو پنهنجي سياسي مخالفن تي زوردار حملا ڪندو هو.

ميري ۽ ايب، ميريءَ جي هڪ ساهيڙي ”جولياجين“ جي مدد سان فرضي خطن جو هڪ سلسلو هڪ فرضي شهر ”لاسٽ ٽائون شپ“ مان ’ائٽ بيڪا‘ جي فرضي نالي سان شروع ڪيو. انهن خطن جي زبان ڏاڍي تيز، سخت ۽ طنزيه هوندي هئي. انهن خطن جو نشانو ايب جو سياسي مخالف، سرڪاري ڪارندو ”جيمس شيلڊز“



هو.

اصل ۾ لنڪن ۽ سندس پارٽيءَ جيڪا پاليسي اختيار ڪئي هئي، انهيءَ جي ڪري سڄي رياست قرض جي بار هيٺان دٻجي ويئي هئي، پر لنڪن پنهنجي انهيءَ غلطي جي ذميداري شيلڊز تي وجهي ڇڏي ۽ سرڪاري خزاني جي خالي هئڻ جو الزام شيلڊز تي هنيو، جيتوڻيڪ شيلڊز ڪان وڌيڪ هو پاڻ ئي ان جو ذميدار هو.

پوءِ هڪ اهڙو واقعو ٿيو، جو لنڪن جي لاءِ ڊوئل وڙهڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهه هئي نه بچي، ٿيو هينئن جو لنڪن جي پُرپُٺ ڪيس ٻڌائڻ ڪان سواءِ ميري ۽ جولياجين هڪ نهايت تيز ۽ توهين وارو خط ’آنٽ بيڪا‘ جي نالي سان ڇپرائي ڇڏيو. شيلڊز للڪاريو ته انهن خطن جو ليکڪ سامهون اچي ساڻس ’منهان منهن‘ وڙهي، آنٽ بيڪا جواب ۾ هڪ ٻيو خط لکيو ته جيڪڏهن شيلڊز ’مهان منهن وڙهڻ ٿو چاهي ته پوءِ انصاف جي تقاضا اها آهي ته هو يا ته پيٽي ڪوٽ پائي اچي يا نه ته هو مرداڻي پتلون پائي وڙهڻ جي لاءِ اچي.

تنهن تي شيلڊز زور ڀريو ته ايڊيٽر اصل لکندڙ جو نالو پڌرو ڪري. جڏهن ايب ڏٺو ته معاملو ڏکهو ٿيندو پيو وڃي ته هن معاملي کي ٽارڻ جي لاءِ انهن سڀني خطن جي ذميداري پنهنجي سِر کڻي ورتي ۽ چيو ته، اهي سڀ خط مون لکيا آهن ۽ پوءِ ڪوشش اها ڪئي ته منظر تي اچڻ ڪانسواءِ معافي گهري معاملي کي لئه مٽي ڪري ڇڏجي، پر شيلڊز نه مڃيو ۽ نيٺ ايب کي مُنهان مُنهن وڙهڻ تي راضي ٿيڻو پيو، قاعدي موجب ايب کي هٿيار جو نالو به تجويز ڪرڻو هو. هن ڀريون گهوڙيسوارن جي استعمال جي ڊگهي تلوار جو نالو ورتو، شيلڊز ان قسم جي هٿيارن جو نگران رهي چڪو هو.

جيڪڏهن ايب هٿيار بدلائي نہ ڇڏي ها تہ شايد هو انهي مقابلي ۾ مارجي وڃي ها. ٻنهي ڄڻن جن شرطن تي مقابلي جي حامي ڀري، اهي عجيب ۽ ڪل جهڙا هئا. طئہ اهو ٿيو تہ زمين ۾ ڪاٺ جو هڪ تختو کوڙيو وڃي ۽ ٻئي ڄڻا انهيءَ تختي کي اڳتي نہ وڌن. اهڙي طرح پويان هٽڻ جي بہ هڪ حد مقرر ڪئي ويئي ۽ اها حد هڪ تلوار جي ڊيگهہ ۽ وڌيڪ ٽن فوٽن جي برابر هڪ ليڪ ڪڍي وڃي. انهيءَ جي پويان ڪوبہ هٽِي نہ ٿي سگهيو ۽ انهيءَ حد جي اندر رهي هڪٻئي تي حملا ڪرڻا هئا.

هاڻ شيلڊز جي پنهنجي سچي ڄاڻ ۽ تجربي جي باوجود سنڌس ايب سان وڙهڻ ۽ ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو هو، ڇو تہ ايب جون ٻانهون شيلڊز کان ڪافي ڊگهيون هيون ۽ هو سولائيءَ سان اڳيان وڌي شيلڊز تي حملو ڪري ٿي سگهيو. اصل ۾ اها باهہ ٻين جي ٻاريل هئي ۽ اتان جا شرپسند ماڻهو هنن ٻنهي کان وڌيڪ انهيءَ معاملي ۾ دلچسپي جو اظهار ڪري رهيا هئا، پر ٿيو هينئن تہ جڏهن هو ٻئي ”اِلي نواءِ“ جي هنڌ آلٽن جي پرسان ”مِسي.سي.پي درياهہ“ جي ڪنڌي تي مقابلي جي لاءِ مُنهان مُنهن ٿيا تہ وڙهڻ کانسواءِ ئي سيئي اختلاف دور ٿي وين.

ان ويڙهہ جا گهٽ ۾ گهٽ بہ خوشگوار نتيجا سامهون آيا، هڪ اهو تہ پوءِ وري ايب ڪڏهن بہ گمنام يا فرضي نالن سان تحريري حملا نہ ڪيا، ٻيو اهو تہ هن ’ميري ٽاڊ‘ کي مصيبت کان بچائڻ جي لاءِ سچو الزام پاڻ تي کنيو ۽ پنهنجي نہ ڪيل گناهن جي باوجود سِر ترِيءَ تي رکي دوبدو وڙهڻ جي لاءِ راضي ٿي ويو. ايب جي انهي ڳالهہ جو ميريءَ تي وڏو اثر پيو ۽ هوءَ هڪدم ساڻس پرڻجڻ



جي لاءِ تيار ٿي ويئي. تنهنڪري 4 نومبر 1842ع تي ٻنهي جي شادي ٿي ويئي، ان موقعي تي سنڌس مخصوص دوستن ئي شرڪت ڪئي.

—

# [ 10 ]
# سياستدان ۽ وڪيل

**[1846ع ۾ آئون ڪانگريس جي هيٺينءَ ايوان جو ميمبر چونبجي ويس. — ايب لنڪن]**

●

پنهنجي سڄي وڪالت جي دوران لنڪن ٽي پائيوار بنايا. پهريون جان ٽي اسٽوارٽ، پوءِ اسٽيفن ٽي لوگن، ٽيون ۽ آخري پائيوار وليم ايچ هرنڊن هو. جڏهن 1841ع ۾ لنڪن ۽ اسٽوارٽ ڌار ٿيا ته لنڪن، لوگن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو. سڄي الي نواءِ ۾ لوگن سڀني کان اعليٰ قانوني دماغ رکندڙ هو ۽ هو ننڍي قد، پريل بُت، مٿي تي ڳاڙهي وارن جو جُهنڊ ۽ لٽي ڪپڙي ۾ لنڪن جيان ئي لاپرواهه هو. پر پنهنجي ڪيسن جي تياري جي سلسلي ۾ وڏي محنت ڪندو هو. هن لنڪن کي به شوق ڏياريو ته ڪيس جي تياريءَ ۾ پوري محنت ڪري، قانوني ڪتابن جو اڀياس، نقطن ۽ حوالن جي ڳولا ڦولا لاءِ ڪيس جي مختلف پاسن تي غور ۽ ويچار ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري لنڪن هاڻ وڌ ۾ وڌ پنهنجي ڪيسن تي محنت ڪرڻ لڳو ۽ هڪ وڪيل جي حيثيت سان سندس سٺو اثر قائم ٿي ويو. لنڪن جي باري ۾ لوگن جو چوڻ هو ته هو چڱو موچارو وڪيل هو. پر سندس قانوني ڄاڻ گهٽي نه هئي.

1843ع ۾ لوگن پنهنجي پُٽ کي پنهنجو پارٽنر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻي لنڪن ٻيهر اڪيلو ٿي ويو. تنهنڪري هن 26



سالن جي بلي هرڊن کي پنهنجو پارٽنر ٿيڻ جي آڇ ڪئي. اها آڇ واقعي به فياضيءَ واري هئي. پر لنڪن اهو فيصلو بنا ڪنهن سوچ ۽ ويچار جي نه ڪيو هو. بلي هرڊن هڪ وڪيل جي حيثيت سان بلڪل نئون هو. پر شهر جي وڏي حلقي تي سندس گهڻو اثر هو ۽ انهيءَ اثر جي ڪري هو ڪنهن به چونڊ ۾ حصو وٺي سگهيو ٿي. هن جو تعليمي معيار به لنڪن کان سٺو هو. ٻين علمن کانسواءِ کيس فلسفي تي به ڪافي عبور هو. انهن سڀني ڳالهين کانسواءِ شايد هڪ ٻيو نفسياتي سبب به هو ته هيستائين لنڪن جن به ماڻهن سان ڪم ڪندو رهيو هو، انهن ۾ سندس حيثيت ثانوي هئي. تنهنڪري هاڻي هن ڪنهن ٻئي کي ثانوي حيثيت سان شريڪ ڪري، پاڻ اولين حيثيت ۾ رهڻ ٿي چاهيائين.

بلي سڄي زندگي ايب جو دوست رهيو. بلڪ هن جي دوستي پرستش جي حد تائين پهچي ويئي هئي. هو ايب کي سدائين مسٽر لنڪن جي نالي سان مخاطب ٿيندو هو ۽ لنڪن بي تڪليفي ۽ محبت مان کيس فقط بلي چئي سڏيندو هو.

لنڪن پنهنجي ڪپڙي لٽي جي معاملي ۾ سدائين لاپرواهه رهندو هو. اُن جي ابتڙ بلي ڏاڍا صاف سٿرا ڪپڙا پهريندو هو. نفاست پسندي ۽ خوش پوشاڪي مٿس اچي دنگ ڪندي هئي. ٻئي وڏي چٽي وارا هيٽ پائيندا هئا. ايب جو هيٽ ميرو ۽ پراڻو هوندو هو ۽ بليءَ جو نئون ۽ سُٺو هوندو هو. لنڪن جي وفات تائين اهي ٻئي هڪٻئي جا جانثار سنگتي رهيا. ٻنهي جي وچ ۾ ڪوبه لکت ۾ معاهدو نه هو. پر ٻنهي ۾ ڪڏهن به ڪو اختلاف پيدا نه ٿيو. ٻئي پنهنجي سڄي آمدني ورهائي ڇڏيندا هئا. جيتوڻيڪ لنڪن جي زال

ميري ۽ هرن ڊن ۾ سدائين جهڳڙو پيو ٿيندو هو، پر اها دشمني ڪڏهن بہ بلي ۽ مسٽر لنڪن جي وچ ۾ رڪاوٽ نہ بڻي.

لنڪن جي لاءِ بلي جو ساٿ غنيمت هو، ڇو تہ لنڪن جا نجي معاملا گهڻا ٽڻا خوشگوار نہ هئا. ڪجهہ خط ۽ تارون جيڪي مليون آهن، تن مان اهو پتو پوي ٿو تہ ميري ۽ ايب هڪٻئي کي گهڻو چاهيندا هئا. هو هر معاملي ۾ هڪٻئي جا ساٿي ثابت ٿيا، دماغي صلاحيتن جي لحاظ کان بہ ٻنهي جو ساٿ هڪٻئي جي لاءِ سُٺو ثابت ٿيو. پر ميري جي چيڙاڪ طبيعت، زبان جي تکاڻ ۽ بدمزاجيءَ جي ڪري اڪثر گهر جي فضا خراب رهندي هئي. هوءَ سدائين ايب جي ڳوناٽين عادتن ۽ مزاج پسنديءَ تي چِتي تنقيد ڪندي رهندي هئي. پر ايب ڪڏهن بہ ان مان بيزار نہ ٿيو. شادي کان پوءِ شروع ۾ هو اسپرنگ فيلڊ ۾ گلوڊ جي سراءِ ۾ چار ڊالر في هفتي واري مسواڙي ڪمري ۾ رهيا، اتي ئي سندن پهريون ٻار رابرٽ ٽاڊ لنڪن آگسٽ 1843ع ۾ پيدا ٿيو. ٻئي سال هنن ڏيڍ هزار ڊالرن ۾ هڪ گهر خريد ڪيو، اڳتي هلي انهيءَ ۾ واڌارا ڪيا ۽ 1861ع ۾ 'ايوان صدر' ۾ منتقل ٿيڻ تائين هو ان نئين گهر ۾ رهيو. ان ئي اسپرنگ فيلڊ واري گهر ۾ سندس ئي ٻيا چوڪرا 1846ع ۾ ايڊورڊ بيڪر، جنهن جو جو نالو ايڊي هو. 1850ع ۾ وليم بليڪ پيدا ٿيو ۽ 1853ع ۾ سندن آخري ٻارڙو ٽامس پيدا ٿيو. جنهن کي پيار مان ٽاڊ چوندا هئا. انهن سيني ٻارن مان فقط رابرٽ ٽاڊ لنڪن ئي جيئرو رهيو.

انهن ٻارن جي جنم وٺڻ سان ميري ۽ ايب جي وچ ۾ اختلافن ۾ ڪافي گهٽتائي ٿي، ٻنهي کي پنهنجي ٻارن سان وڏي محبت



هئي، ان لاڏ ۽ پيار جي نتيجي ۾ سڀ ٻار بگڙي ويا.

آچر واري ڏينهن جڏهن ايب انهن ٻارڙن کي آفيس وٺي ويندو هو تہ بلي هرن ڊن انهن جي شرارتن سبب تنگ ٿي پوندو هو. هو چوندو هو تہ 'مسٽر لنڪن انهن ٻارن کي صفا ڪاري ڇڏيو آهي.'

ايب تہ ڪو ڪتاب کڻي زور زور سان پڙهڻ شروع ڪندو هو ۽ آسپاس جي ماحول کان صفا بيخبر ٿي ويندو هو. هيڏانهن سندس ٻارڙا ڪمري جي سيني شين کي اونڌو اُبتو ڪري ڇڏيندا هئا. ڪتاب الماڙين مان ڪڍي پکيڙي ڇڏيندا هئا. ميزن جي خانن مان ڪاغذ پٽ ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڇڏيندا هئا. قلم جا نِبَ، آتشدان ۾ گرم ڪري بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مس پنن تي هاري ڇڏيندا هئا. ڪمري ۾ قلم پکيڙي ڇڏيندا هئا. ۽ پوءِ انهن شين تي خوب ٺينگ ٽپا ڏيندا هئا.

بل چوندو هو تہ انهن جي عادتن کي سڌارڻ جي لاءِ انهن جي ڪافي مرمت جي ضرورت هئي. پر ايب ۽ ٽاڊ ٻئي ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيندا هئا. ان جو سبب شايد اهو هو تہ ايب جو ننڍپڻ وڏي تڪليف ۽ مصيبت ۾ گذريو هو ۽ هن اڪثر پنهنجي پيءُ جي هٿان مارون بہ کاڌيون هيون، تنهنڪري هو پنهنجن ٻارن تي ڪا سختي ڪرڻ نہ چاهيندو هو، اجائي نرميءَ جي نتيجي ۾ ٻارڙا بگڙي ويا. لنڪن انهن سيني ٻارن تي وڏو مهربان هو. هو ٻارن جو وڏو دوست هو. اڪثر واقعا ان ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا.

لنڪن ڇهہ فوٽ ۽ چار انچ ڊگهو هو، جڏهن هو هيٽ پائيندو هو تہ اها ڊيگهہ ڪجهہ انچ اڃا بہ وڌي ويندي هئي. ٻارڙا اها شرارت ڪندا هئا تہ رستي تي ست فوٽ مٿاهين تي رسي ٻڌي ڇڏيندا هئا،

جنهن مان ٻيا واٽهڙو ته سولائيءَ سان گذري ويندا هئا. پر جڏهن لنڪن اتان لنگهندو هو ته سندس هيٺ اُن رسي سان ٽڪرائجي ڪري پوندو هو ۽ هيٺ ۾ رکيل ڪاغذ رستي تي ٽڙي پکڙي ويندا هئا. ٻارڙا جيڪي ٻوڙن ۾ خاموشي سان لِڪا ويٺا هوندا هئا، سي ٺهڪ ڏيئي ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ ٽينگ ٽپا ڏيئي ايب تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ايب انهن جي ٽينگ ٽپن ۽ معصوم شرارتن تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو.

لنڪن، وڪالت کي پنهنجو ذريعو معاش قرار ڏنو. پر سندس دلپسند مشغلو سياست هو. اٺ سال مقامي قانون ساز اسيمبلي ۾ رهڻ کان پوءِ کيس خيال ٿيڻ لڳو ته هاڻ کيس ڪانگريس جو ميمبر چونڊجڻ کپي. تنهنڪري هن ٻه ڀيرا ڪوشش ڪئي ته سندس وگ پارٽي جا ميمبر کيس نامزد ڪن، پر هر ڀيري ناڪاميءَ کان پوءِ هن هڪ ٻي ضلعي جي وگ پارٽي جي ميمبرن کان نامزدگي جو وعدو ورتو ۽ پنهنجي مخالف ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نمائندگي کي شڪست ڏني. ائين هن ڊسمبر 1847ع ۾ ”ايوان نمائندگان“ ۾ پنهنجي لاءِ جڳهه حاصل ڪئي. واشنگٽن وڃڻ جي لاءِ ’الي نواءِ‘ جي ان ڏکهي قد واري ميمبر ۽ سندس زال دخاني ٻيڙي ۽ ريل جي وسيلي واشنگٽن جو سفر طئي ڪيو.

ان وقت قومي گادي جي هنڌ جي آبادي چاليهه هزار هئي. ان ۾ ٽيهه هزار ڳورا ۽ ڏهه هزار شيدي هئا. جن جو لڳ ڀڳ پنجون حصو غلامن تي مشتمل هو. ان وقت واشنگٽن ۾ غلامن ۽ انهن جي وڪري جو سڀ کان وڏو مرڪز ”ڪيپيٽل بلڊنگ“ مان نظر ايندو هو.

1847ع ۾ حڪومت ان عمارت ۾ ڪاٺ جو هڪ عارضي



گنبد جوڙايو هو ۽ هاڻوڪيون ٻه ٻانهون به تعمير نه ٿيون هيون. وائيٽ هائوس جي لان تي بحري ٻيڙي جو بينڊ اڱاري ۽ آچر جي شام جو وڄايو ويندو هو. دريا ۽ ايگزيڪيوٽو مينشن جي وچ ۾ ڪافي ڏٻڻ هئي، جتي مليريا جا ڪيترائي مڇر موجود رهندا هئا. پنسلوانيا ايونيو جو فرش ڪهرن پٿرن سان ٺهيل هو. جنهن تي امير ميمبرن جون گاڏيون لڏنديون هلنديون هيون. ان قومي گادي جي هنڌ جا باقي سڀ رستا ڪچا هئا ۽ اسپرنگ فيلڊ جي رستن جيان مِٽي ۽ ڌُوڙ سان ڀريل هوندا هئا. هنڌ هنڌ تي ڪچري جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هئا. هتي به رستن تي بدڪون، سوئر ۽ ٻيا جانور وڙڪندا وتندا هئا ۽ هنڌ هنڌ تي پيل گند ڪچري جي ڍڳن کي ڪُڪڙيون پنهنجي پيرن ۽ چهنبن سان ڦلهوريندڙيون پيون هيون. وڏا وڏا شاهي گهر ۽ گنديون جهوپڙيون گڏوگڏ بيٺل هيون.

لنڪن کان وڌيڪ ميري کي حڪومتي گادي جي هنڌ جي خراب حالت سبب سخت مايوسي ٿي. هن جي ڪڏهن خواب ۽ خيال ۾ نه هو ته واشنگٽن شهر جي حالت ڪا اهڙي بڇڙي هوندي. ميري پنهنجي شهر ۾ سوسائٽي جي زندگي سمجهي ويندي هئي. پر هتي کيس بنهه گهٽ تقريبن ۾ دعوتيو ويندو هو.

ميري ۽ لنڪن ٻيئي هڪ مسواڙي ڪمري ۾ رهندا هئا. اها جاءِ ان هنڌ تي هئي، جتي اڄڪلهه ڪانگريس لائبرري ٺهيل آهي. لنڪن جلدئي پنهنجن ساٿين ۾ مقبول ٿي ويو. هن جي زنده دلي، لطيفي گوئي، ٽوٽڪي بازي ۽ ڳالهين کي جلدئي سندس ساٿي پسند ڪرڻ لڳا هئا. پر ميري پنهنجي ڪمري ۾ بند رهندي هئي. رڳو مانيءَ مهل ٻاهر نڪرندي هئي، باقي سمورو وقت ڪمري ۾

پوري ويٺي هوندي هئي. ٽن مهينن جي اندر ئي هوءَ ان شهر ۾ ان جي زندگيءَ ڪان بيزار ٿي پئي. ڪانگريس جي اجلاس ختم ٿيڻ ۾ اڃا گهڻو وقت هو، تنهنڪري هوءَ ايب کي واشنگٽن ۾ ڇڏي ڪنيٽڪي هلي ويئي ۽ اتي ئي هوءَ لنڪن جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳي.

جدائي جي انهن ڏينهن ۾ جيڪي خط ميري ۽ ايب هڪٻئي کي لکيا، انهن مان خبر پوي ٿي ته طبيعتن جي اُبتڙائپ جي هوندي به هو هڪٻئي سان گهڻي محبت ڪندا هئا. انهيءَ عرصي دوران جيڪي خط هنن هڪٻئي کي لکيا، انهن مان ميري جو هڪ خط ۽ ايب جا چار خط زماني جي دستبرد ڪان محفوظ رهجي ويا. انهن ۾ ٻارن جي ذڪر مان وڏي محبت پئي بَکي. ايب بار بار ٻارن جا نالا وٺي انهن جو ذڪر ٿو ڪري. ميري کي به لکي ٿو ته ”مون کي هي ڪمرو اڪيلائي سبب ڪائڻ ٿو اچي. مون کي پڪ آهي ته توکي هاڻ مٿي جي سور جي شڪايت نه هوندي، تون پاڻ کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪر.“ ان قسم جا اڪثر جملا سندس خطن ۾ ملن ٿا، جن مان خبر پوي ٿي ته هو ٻئي هڪٻئي کانسواءِ اڪيلائي محسوس ڪندا هئا.

ڪانگريس جي ٽيهين اجلاس ۾ جڏهن لنڪن پهريون ڀيرو شرڪت ڪئي ته هن جي سيٽ سيني ڪان آخر ۾ هئي. سڄي ايوان ۾ شايد هوئي سيني ڪان گهٽ مشهور ميمبر هو. ان ايوان ۾ ڪي اهڙا ناليوارا شخص به موجود هئا، جن آمريڪي تاريخ تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. انهن مان سيني ڪان ناليوارو آمريڪا جو اڳوڻو صدر ’جان ڪوئنسي آدم‘ هو، جيڪو ايب جي وگ پارٽي جو ميمبر هو، ان وقت آدم جي عمر اسي سال هئي. هن پنهنجي دور ۾ وڏيون نمايان



خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. هو غلاميءَ جي مخالفت ۾ ايب ڪان به ٻه هٿ اڳتي هو ۽ ايب ڪان وڌيڪ دليريءَ ۽ وڏي واڪي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو هو. پنهنجي سيٽ تي ويٺي ويٺي لنڪن ٿورو ڪنڌ ڦيري جارجيا جي ’اليگزينڊر ايچ اسٽيفنس‘ کي ڏسي سگهيو ٿي، جيڪو بعد ۾ نائب صدر مقرر ٿيو. سندس ڀرسان ئي ٽينسي جواينڊريو جانسن ويٺل هو، جيڪو لنڪن جي صدارت جي زماني ۾ سندس نائب صدر چونڊيو ويو. ان اجلاس ۾ ڊيوڊ ولموٽ به هو، جنهن غلاميءَ جي خاتمي لاءِ مضمون لکيا هئا.

انهن سيني ناليوارن ۽ عظيم سياستدانن کي شايد اها خبر نه هئي ته انهن مان سيني ڪان عظيم ۽ سيني ڪان ناليرو شخص هنن جي پٺيان ويٺو آهي، جيڪو پنهنجي اڏنگي لباس ۽ پنهنجي ڊگهي قد جي ڪري اڪثر پريشان ٿي ويندو هو. هن کي سمجهه ۾ اهو نه ايندو هو ته هيڏن وڏن هٿن پيرن جو ڇا ڪري. انهن کي ڪٿي لڪائي؟

ڪانگريس جي ان ٽيهين اجلاس ۾ ڪيترائي اهم ۽ پريشاني ڪندڙ مسئلا هئا. هڪ ميڪسيڪو جي لڙائي جو مسئلو هو ۽ ٻيو اختلافي مسئلو غلاميءَ جو هو. ان مسئلي ميمبرن ۾ ڪيترائي اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا هئا.

جنهن وقت لنڪن ڪانگريس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو هو، ان وقت آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جي جنگ ختم ٿي چڪي هئي. پر جنگ ڪانپوءِ جا اثر اڃا باقي هئا. ان جنگ جي دوران ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو پوڪ آمريڪا جي صدارت تي فائز هو. ڊيموڪريٽڪ هئڻ جي ڪري پوڪ وگ پارٽي ۾ نامقبول ٿي ويو هو.

ڪانگريس ۾ ان اجلاس جي دوران لنڪن گهٽ ۾ گهٽ ٻن ضروري ڪميٽين ۾ رڌل هو. انهن ماڻهن جو مقصد اهو ثابت ڪرڻ هو ته ان جنگ ۾ جنهن سرزمين تي سڀني کان پهرين رت وهيو، اها ميڪسيڪو جي سرزمين هئي. تنهنڪري ان جنگ ۾ دراصل آمريڪين تشدد پسنديءَ جو ثبوت ڏنو هو. ان سلسلي ۾ لنڪن اسپاٽ قرار داد به پاس ڪرائي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ميڪسيڪو سان جنگ ڪري آمريڪا سخت جارحاڻي ڪاروائي ڪئي آهي ۽ ان معاملي ۾ جنگ ڪندڙن جي حمايت نه ڪرڻ کپي. ان مان مقصد فقط اهو هو ته صدر پوڪ پنهنجي دور ۾ هڪ غير منصفاني جنگ جي ڪري بدنام ٿئي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ سندس جاءِ تي وگ پارٽيءَ جو ڪو همراهه صدر بنجي سگهي.

ان جنگ ۾ ايب جا ڪيترائي پاڙيسري، دوست ۽ ديس واسي مارجي ويا هئا يا زخمي پيا هئا. تنهنڪري هن ان قرارداد جي ذريعي هڪ فوري ردعمل سامهون آيو، سو اهو ته ايب نه رڳو ڪانگريس ۾ نامقبول ٿي پيو، پر خود سندس تڪ ۽ رياست ۾ به ڪافي مخالفت ٿيڻ لڳي.

بلي هرن ڊن برابر پنهنجي دوست جي حمايت ۾ مضمون لکي ايب جي سخت حملن کي متوازن بنائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پر ايب ان لڙائي جي خلاف، صدر پوڪ جي خلاف ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي خلاف برابر پروپيگنڊه ۾ رڌل هو.

بظاهر ته ائين ٿو لڳي ته لنڪن دل ۾ جان سان عملي سياست ۾ مصروف رهيو ۽ پنهنجن نظرين ۽ لائحه عمل کي خيرباد چئي ڇڏيو، پر ائين نه هو. هو غلامي جي خاتمي جي لاءِ لڳاتار ڪوششون



ڪندو رهيو. هن پُرامن طور تي غلامي جو خاتمو ڪرڻ تي چاهيو. تنهنڪري هن هڪ بل لکيو، جنهن جي آڌار تي هوريان هوريان ڪولمبيا ضلعي ۾ غلامن کي آزادي ملي وڃي ها، پر اهو بل منظور ٿي نه سگهيو.

ڪانگريس جو ٻيو اجلاس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ لنڪن ٻيهر اسپرنگ فيلڊ موٽي آيو ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان پنهنجي معمولي گهر ۾ رهڻ لڳو. ڪيس اميد هئي ته هن پيري ڪيس مناسب نوڪري ملي ويندي، پر جڏهن ڪيس رياست اوريگن جي سيڪريٽري جي جاءِ ملي ته ميري ايترو پري وڃي رهڻ پسند نه ڪيو ۽ ايب کي انڪار ڪرڻو پيو. هن نيٺ پنهنجو ڌنڌو وڪالت اختيار ڪيو. ايٽ جي ڊيئنل ڊسٽرڪٽ جي سرڪٽ ڪورٽ ٻارهن هزار ميلن جي علائقي تي ٻڌل هو. تنهنڪري ڪيس پنهنجي تڪ ۾ ڪم ڪرائڻ لاءِ ايب کي خوب گهمڻو ڦرڻو پوندو هو. هو ڏٽين ۾، برساتين ۾ ۽ برفباريءَ ۾ گهوڙي تي چڙهي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين گهمندو رهندو هو ۽ ائين ڪيس گهر کان هفتا ته ڇا پر مهينا پري رهڻون پوندو هو.

مختلف ڳوٺن ۽ وستين ۾، جتي جتي به عدالتون هونديون هيون، هو جتي عام ماڻهن ۽ ٻين هم پيشه وڪيلن سان ملندو هو. سڀ هن جي ٽوٽڪن ٽڙن ۽ ڪهاڻين مان مزو ماڻيندا هئا. هو انهن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ادب ۽ شعر و شاعري ۽ سياست تي ڳالهائيندو رهندو هو. اهڙين محفلن جي لنڪن جان سمجهيو ويندو هو. ڏسڻ ۾ ته هو بيحد ڏکارو ۽ خاموش نظر ايندو هو، پر ڪنهن ڪنهن مهل هو اوچتو اُٿي بيهي اهڙا لطيفا ٻڌائيندو هو. جو ماڻهو

ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پوندا هئا ۽ هن ڪانسواءِ محفلون ٻُسيون ٻُسيون لڳنديون هيون.

عدالت ۾ جرح جي دوران هو پنهنجا ڪيس اهڙي ته سادي ۽ منطقي انداز سان پيش ڪندو هو، جو سندس دليلن کي قبول ڪرڻو پوندو هو، جنهنڪري هو اڪثر ڪيس کٽي ويندو.

مالي لحاظ کان لنڪن اڃا تائين پنهنجي وڪالت جي عروج تي نه پهتو هو. ڪيترن ئي سالن کان پوءِ هن الي نواءِ ريل روڊ کان پنج هزار ڊالر محنتاڻو وصول ڪيو. اها هن جي سڀ کان وڏي في هئي، پر ڪيس غريبن جا ڪيس محنت سان وڙهڻ ۾ وڌيڪ خوشي ٿيندي هئي. ڪنهن چالاڪ شخص هڪ بيواهه جي پينشن جي اڌ رقم هضم ڪري ورتي هئي، لنڪن ان بيواهه جو ڪيس مفت ۾ وڙهيو. هڪ ٻيو ڪيس جنهن ۾ هن هڪ ٽڪو به وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، اهو ڊف آرنر اسٽرانگ جي خلاف قتل جو ڪيس هو.

ڊف آرنر اسٽرانگ لنڪن جي پراڻي پر دلي سنگتي جيڪ آرنر اسٽرانگ ۽ سندس زال حنا جو پُٽ هو، جنهن تي هڪ شخص جيمس ميزڪر جي قتل جو الزام هو، اکين ڏٺن شاهدن ۾ هڪ رنگ ساز ايلن نالي شخص به هو، جنهن عدالت ۾ حلف کڻي بيان ڏنو ته مون چنڊ جي روشني ۾ ڊن کي ميزڪر تي حملو ڪندي ۽ ڪيس قتل ڪندي ڏٺو آهي.

لنڪن هونئن به گهڻو هوشيار وڪيل هو ۽ اهڙن موقعن تي ته سندس ذهانت جا جوهر اڃا به کلندا هئا. هن شاهدن ۽ خاص ڪري ايلن جو بيان ٻڌڻ کانپوءِ عدالت ۽ جيوري کي مخاطب ٿي چيو:

”آئون اڃهو دليلن سان اها ڳالهه ثابت ڪندس ته ايلن جو



بيان ڪوڙ جو ٿهو آهي، هن هرگز ڊف کي ميزڪر تي حملو ڪندي ۽ ڪيس چنڊ جي روشنيءَ ۾ قتل ڪندي نه ڏٺو آهي. ڇو ته جنهن رات اهو همراهه مارجي ويو، ان رات آسمان تي چنڊ سِري ڪان موجود ئي ڪونه هو.“

لنڪن هڪدم عدالت جي سامهون هڪ جنتري پيش ڪئي ۽ ڏينهن، تاريخ ۽ وقت جو تعين ڪندي دليلن سان اها ڳالهه ثابت ڪئي ته جنهن رات ميزڪر کي قتل ڪيو ويو هو، ان رات چنڊ آسمان تي نه هو. اها اونداهي رات هئي. تنهن ڪري اکين ڏٺي شاهد ايلن جو اهو بيان ته هن چنڊ جي سُهائي ۾ ميزڪر کي قتل ٿيندي ڏٺو آهي، غلط ۽ بي بنياد آهي.

پنهنجي جرح ۽ بحث کي سهيڙيندي هن سيني بيانن جو هڪ ڀيرو ڀيهر جائزو ورتو ۽ جيوري کي مخاطب ٿيندي چيو.

”معزز دوستو! مون هي ڪيس بنا ڪنهن اجوري جي خواهش يا انعام جي لالچ ڪانسواءِ هن عورت خاطر وڙهيو آهي.“

ايب ڪنڊ ۾ وينل ڊف جي ماءُ حنا ڏانهن اشارو ڪندي چيو، جيڪا سڏڪا ڀري روئي رهي هئي.

”جنهن منهنجا ميرا ڪپڙا ان زماني ۾ ڌوتا آهن. جڏهن مون وٽ ڌلائي جي لاءِ هڪ ٽڪو به نه هو.“

پوءِ لنڪن پنهنجي نيوسليم جي قيام ۽ حنا ۽ آرمسٽرانگ جي مهمان نوازي ۽ دوستي جو تذڪرو ڪيو ته ڪيئن انهن ٻنهي نيڪ ۽ نفيس انسانن بنا ڪنهن جُوف جي رڳو خدمت جي جذبي هيٺ هڪ مفلس نوجوان جي خدمت ڪئي، ڪيس رهڻ جي لاءِ گهر

ءِ پيٽ پرڻ جي لاءِ ماني ڏني. لنڪن زوردار لفظن ۾ چيو.

”مون کي پوري پڪ آهي تہ هھڙن نيڪ سيرت انسانن جو پُٽ قتل جو ڏوهہ هرگز نٿو ڪري سگهي.“

ايب جي تقرير ۽ دليل ڏاڍا سگهارا هئا. سيني ماڻهن چيو تہ ڊف تي قتل جو غلط الزام هنيو ويو آهي ۽ جڏهن جيوريءَ ڊف جي باري ۾ بي گناهيءَ جي فتويٰ ڏني تہ ايب چيو.

”پالڻهار کان منهنجي دعا آهي تہ اهو سبق هن جي لاءِ ۽ سڀني ٻين ماڻهن جي لاءِ بهتري جو سبب بڻجي.“

1850ع جي شروعاتي ڏيهاڙن تائين ماڻهن کي ”جنتري وارو قتل“ ياد رهيو. ايب برساتن ۾ گپ ۽ ڏٻٽين ۾ گهوڙي تي چڙهي، وڏي پتلون پائي، سرائن ۾ قيام ڪندو هڪ شهر کان ٻي شهر تائين ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻي ڳوٺ تائين ڦرندو رهندو هو.

سندس شهرت سگهارن بنيادن تي قائم ٿي رهي هئي، ذهني طور تي بہ منجهس پختگي پيدا ٿي رهي هئي، جيڪا ڪيس هڪ بيمثال ۽ ناقابل فراموش سياستدان بنائڻ ۾ مفيد ثابت ٿي.

—

# [ 11 ]
# مُلڪ ۾ اُن وقت ڇا پئي وهيو واپريو

**[سياست طرف منهنجي دلچسپي گهٽبي پي ويئي، جو اوچتو ”مسوري ٺاهہ“ جي رد ٿيڻ منهنجي اندر ۾ ٻيهر جوش ۽ خروش پيدا ڪري ڇڏيو. — ايب لنڪن]**

●

اُن وقت سڄي قوم هڪ عجيب ٻُڏتر ۾ مبتلا هئي. ڏاکڻين رياستن ۾ غلاميءَ جو رواج هو ۽ اُترين رياستن ۾ ٻانهپ، انهن جي وڪري ۽ خريد ڪرڻ تي پابندي هئي. ائين سڄو ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. آزاد ۽ غلام علائقا. اهي ٻئي صفا غلامي (ٻانهپ) جي مسئلي تي پنهنجن خيالن ۾ بي حد انتها پسند هوندا هئا.

آمريڪي ’سول وار (گهرو ويڙهہ)‘ کان چاليهہ سال پهرين جو زمانو عجيب ڇڪتاڻ جو زمانو هو. ان سڄي عرصي ۾ سڄي قوم ڦوٽ، نفرت، ڪيني ۽ عداوت جي باهہ ۾ جلندي رهي.

اُن وقت آمريڪي يونين يا وفاق ۾ ٻاويهہ رياستون شامل هيون. يارهن غلامي جون حامي ۽ يارهن ان جون مخالف. ايئن حمايت ۽ مخالفت ۾ توازن قائم هو. 1820ع ۾ ان توازن کي برقرار رکڻ جي لاءِ هڪ باهمي معاهدو ڪيو ويو جنهن جي آڌار ”مين“ آمريڪي وفاق ۾ غلاميءَ جي خاتمي جي حامي ۽ رياست ”مسوري“ ان جي مخالف جي حيثيت سان شامل ڪيون ويون، ائين اهو توازن برقرار رهيو.

ان ”مسوري معاهدي“ جو هڪ فقرو ”سڳورو وچن“ سڏبو آهي. ان جي آڌار تي ٻنهي ڌرين اهو وچن ڪيو هو ته ’لوزيان‘ جي علائقي ۾ جنهن کي اڃا رياست جي حيثيت حاصل نه ٿي هئي، غلامي سدائين جي لاءِ ممنوع قرار ڏني ويندي. غلامي جي حامي ۽ مخالف ٻنهي ڌرين ان ”سڳوري وچن“ جي پابنديءَ جو وعدو ڪيو هو.

آمريڪا جي اترين ۽ ڏاکڻين رياستن ۾ غلامي جي مسئلي تي هونئن به سخت اختلاف هئا. جنوري 1854ع ۾ اهي اختلاف اڃا به شديد ٿي ويا. ٿيو هيئن ته سينيٽر اسٽيفن ڊگلس، سينٽ ۾ ”ڪينسس نيبراسڪا ايڪٽ“ جي نالي سان هڪ بل پيش ڪيو، جنهن جو مقصد ”مسوري معاهدي“ جو خاتمو هو. ڊگلس سدائين غلاميءَ جي زبردست علمبردارن مان رهيو هو ۽ هن هڪ ڀيري سينٽ ۾ ٻيهر اهو مسئلو پيش ڪيو ته غلامي تي ڪيتري حد تائين پابندي هڻي سگهجي ٿي. ان بل جي پيش ٿيندي ئي سڄي ملڪ ۾ ٻڙڌڪ مچي ويو.

ڊگلس جي رٿ تي ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن ۾ مهينن تائين گرماگرم بحث مباحثو ٿيندو رهيو. نيٺ اها رٿ منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته ڪينسس ۽ نيبراسڪا جي علائقن کي جيڪي اُترين حصي ۾ هئا، اهو اختيار ڏنو وڃي ته هو آمريڪي وفاق ۾ غلاميءَ جي حامي رياست جي حيثيت سان يا مخالف جي حيثيت سان شامل ٿين.

لنڪن ۽ سندس حامين جو خيال هو ته ’مسوري معاهدي‘ موجب هڪ ڀيرو اهو طئي ٿي چڪو آهي ته اُتريان حصا سدائين آزاد ۽ غلامي جا مخالف خيال ڪيا ويندا. تنهنڪري هاڻ ”سڳوري وچن“



تان ڦري انهن علائقن کي اهو اختيار ڏيڻ ته هو آزادي يا غلامي جو فيصلو ڪن، اصولي طور تي غلط آهي.

ڪينسس جي علائقي ۾ غلامي جي حامين ۽ مخالفن ۾ زبردست ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. ٻئي ڌريون بند گاڏين ۽ گهوڙن تي سوار ٿي چاقون ۽ بندوقن سان هٿياربند ٿي اندرين علائقن ۾ پکڙجي ويا ۽ غلامي جي مسئلي تي مرڻ ۽ مارڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

پر ڪينسس جي خوني واقعن ۽ جنگ کان پهرين سڄي ملڪ ۾ بحث ۽ مباحثي جي هڪ جنگ ڇڙي وئي. لنڪن ان نازڪ موقعي تي ماٺ ڪري ويهي نه سگهيو ۽ ان مسئلي تي پنهنجن خيالن جو اظهار وڏي واڪي ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. پر خود سندس وگ پارٽي ۾ اختلاف شروع ٿي ويا، تنهنڪري اها پارٽي ختم ٿي وئي ۽ جلد ئي هڪ نئين پارٽيءَ جنم ورتو، جيڪا ريپبلڪن سڏرائڻ لڳي ۽ غلاميءَ جي سخت خلاف هئي. لنڪن شرع شروع ۾ ان پارٽي ۾ شرڪت نه ڪئي ۽ ان کان ڌار رهيو.

1855ع ۾ هو آمريڪي سينيٽ جي چونڊن ۾ بيٺو پر الي نواءِ جي تڪ سبب ڪيس 8 فيبروري 1855ع ۾ چونڊن ۾ شڪست ملي. هاڻ لنڪن کي ان ڳالهه جو احساس ٿيڻ لڳو ته ڪيس چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻي آهي ته ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي ۽ ائين هو ان اڻ وڻندڙ حالتن جو به تدارڪ ڪري سگهندو، جنهن جي ڪري سڄي قوم متاثر پئي ٿئي. 29 مئي 1856ع تائين هو پنهنجي ذهن ۾ اهو فيصلو ڪري چڪو هو ته ڪيس ڪهڙي

سياسي پارٽيءَ جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ۽ ملڪي مسئلن جي باري ۾ سندس رايو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

29 مئي 1856ع جو ڏينهن آمريڪي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو ان ڏينهن بلومنگ ٽن ۾، الي نواءِ جي ريپبلڪن پارٽي جو باقاعده مهورت ڪيو ويو.

اُن ڏينهن لنڪن جيڪا تقرير ڪئي، اهو فن خطابت جو شاهڪار چئي سگهجي ٿو. ان تقرير ٻڌندڙن کي پنهنجي مَنڊ ۾ مُنڊي ڇڏيو. سيني ڄڻ ساهه کڻڻ ئي وساري ڇڏيو هو. اخباري نمائندا تقرير جا نوٽس وٺڻ وساري ويٺا. سڄي ماحول کي لنڪن پنهنجي خطابت سان جادو ڪري ڇڏيو. هو ڳالهائيندو رهيو ۽ ماڻهو ٻڌندا رهيا.

ٻلي هرن ڊن، جيڪو ابراهام جي تقريرن جا خلاصہ تيار ڪندو هو، ٿوري دير تہ هن ڪجهہ لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ هو بہ پُرجوش خطابت، سگهارن دليلن ۽ بي مثل انداز بيان ۾ ٻَڌجي ويو ۽ تقرير جو تت تيار ڪري نہ سگهيو. ٻلي هرن ڊن چوندو هو.

”مون مسٽر لنڪن جون سيئي تقريرون ٻڌيون آهن ۽ اڪثر تقريرن جا خلاصہ تيار ڪيا آهن. بر بلومنگٽن جي تقرير سندس خطابت جو شاهڪار هئي. سندس سگهارن دليلن، آتش بياني ۽ بي مثل خطابت سندس حريفن کي بہ مَنڊي ڇڏيو. غلامي جي خلاف سندس دليل اڄا تائين سياسي بنيادن تي قائم هئا. پر هاڻ هن انهيءَ کي اخلاقي ۽ روحاني قدرن جي بنياد تي پرکيو. سندس خلوص ۽ پنهنجي صحيح موقف جي يقين منجهس غضب جو جوش ۽ خروش ۽ بلا جي سگهہ ڀري ڇڏي هئي. سندس قد ڇهہ



فوٽ چار انچ هو پر بلومنگٽن جي اسٽيج تي هو سٺن فوٽن جو لڳي رهيو هو.“

ان تقرير جو ڪو مستند متن موجود نہ آهي. پر اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان عظيم خطابت ۽ ان جي ڀرپور اثر جا پڙاڏا سڄي الي نواءِ کان نڪري سڄي مشرقي علائقي ۾ ٻُرائجڻ لڳا. ٽن هفتن کان پوءِ فلاڊيلفيا ۾ آمريڪا جي صدارتي چونڊن ۾ نامزدگيءَ جي لاءِ ’ري پبلڪن نيشنل ڪنوينشن‘ ٿيو ۽ سيني نمائندن هڪ سئو ڪن ووٽن سان لنڪن کي نائب صدر جي عهدي لاءِ نامزد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻ گويا لنڪن جي لاءِ هڪ موقعو هو تہ هو صدارتي اميدوار جان سي فرمونٽ سان نائب صدر چونڊجي سگهي. جيتوڻيڪ پوءِ لنڪن جي جاءِ تي نيوجرسي جي وليم اين ڊيٽن کي نامزد ڪيو ويو. پر لنڪن جي لاءِ پهرين نامزدگي بہ حيرت ۾ وجهندڙ ۽ غير متوقع هئي. جڏهن ڪيس خبر پئي تہ ڪيس هڪ سئو ڏهہ ووٽ مليا آهن تہ هو حيران ٿي ويو. ڪيس يقين ئي نہ پي آيو. هو چوڻ لڳو:

”جنهن لنڪن کي نامزد ڪيو ويو آهي، اهو آئون نہ آهيان. مون کي ياد ٿو پوي تہ ميساچوسٽس ۾ هڪ ٻيو شخص لنڪن جي نالي سان آهي، ان کي نامزد ڪيو ويو آهي.“

آمريڪي تاريخ جي پوءِ جي واقعن مان ان ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي تہ ان وقت نائب صدارت لاءِ لنڪن جي نامزدگي واپس وٺڻ، خود لنڪن جي لاءِ سُٺي ثابت ٿي.

پهرين تہ ان وقت ريپبلڪن پارٽي ايتري سگهاري نہ هئي ۽ ان جي ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهڻ ۽ هارائڻ جو وڏو جوکم هو. تنهنڪري

اهو ئي ٿيو ته صدارت جي نامزد اميدوار فرمونٽ کي سندس ڊيموڪريٽڪ حريف جيمس بوشائن شڪست ڏني ۽ ٻيو ته اهو آمريڪي تاريخ جو وڏو نازڪ دور هو.

آمريڪا جون ڏاکڻيون رياستون غلاميءَ جون وڏيون حامي هيون ۽ ان سبب جي ڪري اهي سڀ فرمونٽ جون سخت مخالف هيون ۽ هنن اِها ڳالهه وڏي واڪي چئي هئي ته جي فرمونٽ آمريڪا جو صدر چونڊجي ويو ته ڏکڻ جون سڀ رياستون آمريڪي وفاق کان ڌار ٿي وينديون. اهو قدم آمريڪي قوم جي لاءِ هڪ عظيم الميو هجي ها. غلاميءَ جون مخالف اُتريون رياستون اجا سوڌي ايتريون متحد نه ٿيون هيون، جو هو ڏاکڻين رياستن کي سندن ڌمڪين جو جواب ڏيئي سگهن. اهو ته اتفاق ئي هو، جو فرمونٽ کي چونڊن ۾ شڪست ملي ۽ ڳالهه وڌيڪ نه بگڙي.

بوشائن جي آمريڪي صدارت جي ڪرسي تي ويهڻ کان ٻه ڏينهن پوءِ آمريڪا جي سپريم ڪورٽ چيف 'جسٽس راجر بي ٽني' جي سرواڻيءَ ۾ پنهنجو اهو مشهور فيصلو "ڊريڊ اسڪاٽ" نالي ٻڌايو. جنهن جي آڌار تي هڪ شيدي کي، گوري نسل جي رهاڪو جي مقابلي ۾ ايترو حقير ۽ نيچ قرار ڏنو ويو هو جو ڪنهن عدالت جي نظر ۾ ان کي شهري نٿي مڃي سگهجيو.

ان فيصلي ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو ۽ اُترين رياستن ۾ غلامي جي خلاف جذبن ۾ وڌيڪ شدت پيدا ڪري ڇڏي.

1858ع ۾ اسٽيفن ڊگلس جي رڪنيت جو ٻيو مدو ختم ٿي رهيو هو. لنڪن هن ڀيري وڌيڪ گرمجوشيءَ سان چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. هن ڀيري به سندس مقابلو ڊگلس سان ئي هو، جيڪو



جوڙتوڙ جو وڏو ماهر هو.

اسپرنگ فيلڊ ۾ 16 جون 1858ع ۾ 'ري پبلڪن اسٽيٽ ڪنوينشن' ٿيو. ان ڪنوينشن ۾ لنڪن پنهنجي نامزدگي قبوليندي هڪ تقرير ڪئي. ان تقرير بابت خود لنڪن جو خيال هو ته جيڪڏهن تاريخ جي صفحن مان سندس سڀ خدمتون ڊاٺيون وڃن، تڏهن به هو پنهنجي ان هڪ تقرير جي ڪري سدائين جيئرو رهندو.

تاريخ ۾ اها تقرير 'هائوس ڊيوائيڊڊ' جي نالي سان مشهور آهي. ان تقرير ۾ لنڪن پنهنجي خيالن ۽ جذبن جو اظهار اهڙي ته دليري، بي باڪي ۽ صاف گوئيءَ سان ڪيو جو سندس سڀ دوست ڊڄي ويا ۽ هنن لنڪن کي منٿ ڪئي ته هو پنهنجي لهجي ۾ نرمي پيدا ڪري ۽ ايتريون تکيون ڳالهيون چوڻ مصلحت جي خلاف آهن. تنهنڪري اها تقرير نه ڪر.

لنڪن جا سڀ دوست، ساٿي ۽ همدرد اُن ڳالهه تي زور ڀري رهيا هئا. پر فقط 'بلي هرن ڊن' ان تقرير جي سگهه، گيرائي ۽ گهرائيءَ جو صحيح اندازو لڳائي سگهيو ۽ هن جڻ الهامي انداز ۾ چيو:

"مسٽر لنڪن اوهان اکر به اکر اهائي تقرير ڪريو. هيءَ تقرير اوهان کي آمريڪا جو صدر بڻائي ڇڏيندي."

لنڪن جي ان تاريخي تقرير جو هڪ اقتباس هن ريت آهي.

"جنهن گهر ۾ خود ئي ڦيٽاڙو هجي، اهو گهر بربادي‌ءَ کان بچي نٿو سگهي. منهنجو ايمان آهي ته اها حڪومت ايئن وڏي ويجهي نٿي سگهي ته اڌ ملڪ غلام هجي ۽ اڌ آزاد.

آئون اهو نٿو چوان ته آمريڪي وفاق ختم ٿي ويندو. مون کي

اها به توقع ڪونهي ته هي گهر ڌهي پوندو. پر منهنجو اهو ايمان آهي ته اها ورهاست ختم ٿي ويندي ۽ اهو نفاق ۽ ڦيٽاڙو باقي نه رهندو.“

انهن لفظن اُترين علائقن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. انهن جون همتون وڌي ويون پر ڏاکڻين رياستن ۾ ان تقرير جي ڪري ڪاوڙ ۽ ڌڪ جي لهر ڊوڙي ويئي.

لنڪن جي سياسي حريف ڊگلس به موقعي مان فائدو ورتو ۽ لنڪن جي تقرير ۽ ان جي جملن کي غلط انداز سان استعمال ڪيو ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته لنڪن هاڻ گهرو ويڙهه جي باهه کي وڌيڪ ڏکائي رهيو آهي. ڊگلس پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ سياسي ميدان ۾ هر چال چلڻ جي لاءِ تيار هو. تنهنڪري لنڪن کان گهُر ڪيائين ته ان نازڪ سياسي مسئلي تي صفائي سان پنهنجي راءِ ڏي. ڊگلس ڄاتو ٿي ته لنڪن کان بازي جيتڻ جي لاءِ ڪيس هر قسم جا وار ڪرڻا پوندا. تنهنڪري هن ڪنهن به هيچ هٿڪنڊي استعمال ڪرڻ کان به نه ڪيٻايو. ڪيس لنڪن جي صلاحيتن جي خبر هئي. پهريون ڀيرو جڏهن ڊگلس لنڪن جي سينيٽ لاءِ نامزدگي جي خبر ٻڌي هئي ته هن چيو هو ”اسپرنگ فيلڊ جي سڄي وگ پارٽي ۾ لنڪن کان وڌيڪ قابل، لائق ۽ ايماندار ماڻهو ٻيو ڪو به نه آهي.“

چونڊن جي تياري جي لاءِ ڊگلس واپس ’الي نواءِ‘ موٽي آيو ۽ وڏي زور ۽ شور سان دورن جي تياري شروع ڪري ڇڏيون. چونڊن جا دورا ڇا هئا. هڪ چڱو موچارو جلسو هوندو هو. جنهن ۾ شان ۽ شوڪت جي نمائش هوندي هئي. ڪجهه ماڻهو ته ڊگلس جي چرٻ



زباني، خوش بياني ۽ تقرير جي انداز کان گهڻو متاثر ٿيندا هئا ۽ ڪجهه وري ان ڏيکاءَ کان متاثر ٿيندا هئا. ڊگلس جي زال به ٻي حد شائسته، مهذب ۽ فيشن ايبل هئي. هن جي ڪپڙي لٽي ۽ وضع قطع جي الي نواءِ ته ڇا خود واشنگٽن ۾ به فيشن ايبل حلقن ۾ وڏي هاڪَ هوندي هئي.

ڊگلس پنهنجي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ريل گاڏي جي هڪ بوگي مسواڙ تي ورتي هئي، جنهن ۾ هو پنهنجي زال سان گڏ هڪ شهر کان ٻي شهر ۽ هڪ وستيءَ کان ٻي وستيءَ تائين سفر ڪندو هو. هن جي بوگي جي پويان هڪ ٻي ڪليل بوگي ۾ هڪ توپ رکيل هوندي هئي جنهن جو پتل اُس ۾ سون جيان پيو چمڪندو هو. توپچي سدائين وردين ۾ رهندا هئا ۽ جنهن مهل ڊگلس جي گاڏي ڪنهن آبادي جي پرسان پهچندي هئي ته توپ مان گولا ڇڏيا ويندا هئا. جيڪو ان ڳالهه جو اعلان هوندو هو ته عظيم سياستدان ڊگلس چونڊ مهم جي سلسلي ۾ تقرير ڪرڻ جي لاءِ پهچي ويو آهي.

ان ئي گاڏي جي ڪنهن ٻي معمولي مسافرن جي بوگي ۾ سادي سودي ۽ ڊگهي قد جو سياستدان ايب لنڪن به موجود هوندو هو. وٽس ايترو پئسو ڏوڪڙ ته نه هوندو هو جو ڊگلس جيان ايڏو وڏو ڏيکاءُ ڪري سگهي ۽ نه ئي وري ڪيس ان جي سَڌ ئي هئي.

ٻنهي اميدوارن جا سياسي نظريا ڌار ڌار هئا. چونڊ نعرا به الڳ هئا ۽ ٻنهي جي اپيل جو حلقو به مختلف هو. ٻنهي جي تقريرن ۾ هڪ مخصوص اپيل هوندي هئي. پر جيئن لنڪن هڪ ڀيري چيو هو.

"اوهين ڪجهه ماڻهن کي ڪجهه وقت تائين يا ڪجهه ماڻهن کي گهڻي عرصي تائين ته بيوقوف بڻائي سگهو ٿا. پر سڀني ماڻهن کي سڄي زندگي بيوقوف بڻائي نٿا سگهو."

پهرين ته لنڪن، ڊگلس سان گڏ ئي هڪ شهر کان ٻي شهر تائين ڦرندو رهيو. ٻئي ڌار ڌار جلسن ۾ تقريرون ڪندا رهيا. پر پوءِ ڪيس خيال ٿيو ته جيڪڏهن اسين ٻئي هڪئي پليٽ فارم تان تقريرون ڪريون ته وڌيڪ مناسب ٿيندا.

هن ڊگلس کي للڪاريو ته هڪئي پليٽ فارم تان هو ساڻس گڏ جي تقريرن ۽ بحث مباحثا ڪري ته جيئن عوام کي هڪئي وقت ٻنهي جي نقطهِ نظر جي گُڻن ۽ اوگڻن جي باري ۾ خبر پئي ۽ هو سولائيءَ سان پنهنجي ذهن ۾ ڪو فيصلو ڪري سگهن. جيتوڻيڪ پوءِ ڊگلس کي ان مان گهڻو نقصان ٿيو. پر هن لنڪن جي للڪار قبولي ورتي.

ائين الي نواءِ رياست جي ستن شهرن اوٽاوا، فري پورٽ، جونس بورو، چارلس ٽن، گليزبرگ، ڪوئنسي ۽ آلٽن کي اهو فخر حاصل آهي ته اتي انهن ٻنهي عظيم سياستدانن پنهنجون تاريخي تقريرون ڪيون، جن آمريڪي تاريخ کي متاثر ڪيو.

عوام ۾ جوش ۽ خروش پکڙيل هو. ماڻهو ڍڳي گاڏين، ٻيڙين، گهوڙا گاڏين ۽ مخصوص ريل گاڏين ۾ سفر ڪندا ڏورانهن هنڌن تان اِهي تقريرون ٻڌڻ جي لاءِ ايندا هئا. ڪن ماڻهن کي ته پنڌ به ڪرڻو پوندو هو. انهن ماڻهن چونڊ مهم جي تيارين کي پنهنجي پوري عروج تي ڏنو. مشعل بردار جلوس، چمڪندڙ بينڊ ۽ باجا، ٻيڙين ۾ جل پرين جي جَڳ مَڳاهٽ، جهنڊيون ۽ جهنڊا، دهل ۽



شرنايون. مطلب ته چونڊن جي پوري ڌام ڌوم هنن ڏٺو.

هنن هزارين ماڻهن جي ميڙ ۾ ويهي، اوٽاوا جي سج جي تکاڻ به سَٺي. فري پورٽ ۾ تيز برسات به پيا ۽ گيلز برگ جي ڳڳائيندڙ سردي به برداشت ڪئي. پر پنهنجي دل پسند اڳواڻن جون تقريرون ٻڌندا رهيا. انهن تقريرن تي هو خوش به هئا. نعرا به هنيائون، ٽوپيون به مٿي اڇلايون، ڪاوڙ به ڪيائون، ڪليا به ۽ جوش ۾ اچي تاڙيون به وڄايائون.

ڪين پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ان کان وڌيڪ ڪابه دلچسپ وندر نه ملي هئي.

ٻنهي اميدوارن جون شخصيتون به دلچسپ هيون. ڊگلس عام طور تي اڇو يا نيرو ڪوٽ، اڇي قميص، هيٽ واسڪٽ، ڏاڍي نفيس سُبيل پتلون ۽ پالش ٿيل چمڪندڙ جوتا پائيندو هو. هڪ قد جو ننڍو، پر پُراعتماد ۽ ٿورو مغرور شخص هو. وڏو چرب زبان، ڳالهه ٻولهه جو ماهر، لومڙيءَ جيان چالاڪ ۽ مڇيءَ جيان ڦڙتيلو هو.

لنڪن قد ۾ ڊگلس کان هڪ فوٽ ڊگهو هو. ڪيس معمولي ڪوٽ پاتل هوندو هو، جنهن جون ٻانهون سدائين ننڍيون هونديون هيون. مُرين کان مٿي معمولي، استري ڪانسواءِ قميص ۽ ٽائي پاتل هوندي هيس ۽ عام طور تي هو هڪ پراڻي بادامي شال ۽ پراڻي ڇَٽي به پاڻ سان رکندو هو.

پر جنهن مهل اهي ٻئي تقرير ڪرڻ جي لاءِ ويهندا هئا ته ڪجهه گهڙين جي لاءِ ٻڌندڙ هنن جي ظاهري شڪل ۽ صورت ۽ لباس کي وساري ويهندا هئا. هنن جا ڪنَ پنهنجي دور جي بهترين مقررن جي لفظن تي لڳل هوندا هئا ۽ ڪين اها به سمڪ نه رهندي

هئي ته ڪنهن کي ڪهڙا ڪپڙا پاتل آهن.

ڊگلس جيڪڏهن لومڙي وانگيا چالاڪ هو ته لنڪن به شڪارين جهڙي سوچ ۽ سمجهه رکندو هو.

فري پورٽ جي تقرير ۾ لنڪن اڳ ۾ ئي هڪ سوچيل سوال ڊگلس کان پڇيو. هن پڇيس "ملڪي دستور تيار ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪا رياست غلامي جي اداري کي پنهنجي حدن مان خارج ڪرڻ چاهي ته ڪيس ڪهڙو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو."

لنڪن اڳواٽ ئي اندازو لڳائي ورتو هو ته ڊگلس ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏيندو ۽ هن اهو ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن ڊگلس اهو ئي جواب ڏنو, جيڪو سندس ذهن ۾ هو ته پوءِ ڊگلس جي سياسي شڪست يقيني آهي ۽ ائين ئي ٿيو. ڊگلس نهايت تيزيءَ سان وراڻيو: "جيڪڏهن ڪا رياست غلاميءَ جو خاتمو ڪرڻ چاهي ته ڪيس ان جي خلاف قانون منظور ڪرڻو پوندو."

سامعين ڊگلس جي ان حاضر جوابي کان محظوظ ٿيا, پر لنڪن کي خبر هئي ته ڊگلس جو اهو جواب خود ڊگلس جي لاءِ ئي سراسر نقصان جو ڪارڻ بڻيو. ان جواب مان گويا ٻين لفظن ۾ اهو مفهوم ڪڍي سگهجي ٿو ته رياستون انفرادي طور تي قانون پاس ڪري غلاميءَ جو خاتمو ڪري سگهن ٿيون. ڏاکڻيون رياستون جيڪي غلاميءَ جون وڏيون حامي هيون, اهي ڊگلس جي ان جواب تي چڙي پيون. ڊگلس جو لڳ ڀڳ چوٿون حصو ووٽرن جو سندس سخت مخالف ٿي بيٺو. خود سندس ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۾ به ڦوٽ پئجي ويئي ۽ ائين 1860ع جي صدارتي چونڊن ۾ ريپبلڪن پارٽي جي ڪاميابي يقيني ٿي ويئي.



رياست الي نواءِ جي ستن ئي شهرن ۾ لنڪن ۽ ڊگلس جي بحث مباحثن جو سڄو متن اخباري رپورٽرن شارٽ هينڊ (مختصر نويسي) جي ذريعي لکي ورتو هو ۽ اهو سڀني اخبارن ڇپيو. ائين بنهه ٿوري وقت ۾ لنڪن سڄي آمريڪا ۾ مشهور ٿي ويو ۽ سندس شمار چوٽيءَ جي سياستدانن ۾ ٿيڻ لڳو.

جلسن جي تقريرن ۽ بحث مباحثن کان پوءِ جڏهن لنڪن ٿڪي پوندو هو ته هوٽل جي ڪمري ۾ جوراب ۽ بوٽ لاهي, آرام ڪرسيءَ تي ٽنگون ٽيڙي ليٽي پوندو هو ۽ سندس خيال ڪيس الائي ڪٿان کان ڪٿي وٺي ويندا هئا. هو پنهنجي تصورن جي دنيا ۾ گم ٿي الائجي ڇا ڇا سوچيندو رهندو هو.

هڪ ڀيري جڏهن لنڪن ان ئي طريقي سان "ڪونسي" هوٽل ۾ پنهنجن خيالن ۾ ٻڏو وينو هو ته مشهور مزاح نگار ڊيوڊ آر لوڪ جيڪو پنهنجي قلمي نالي "پيٽر وليم دي نيزوي" جي نالي سان وڌيڪ مشهور هو, لنڪن کي چوڻ لڳو:

"مون ايترو ڏکارو, ايترو ڳنڀير ۽ ايترو باوقار چهرو اڄ ڏينهن سوڌي ناهي ڏٺو."

لنڪن, لوڪ کي چيو, "آئون عوامي ووٽ ته حاصل ڪري وٺندس, پر مون کي اها پڪ ڪونهي ته ڪو رياستي اسيمبليءَ ۾ ڊگلس کي شڪست ڏيئي سگهبي."

ان زماني ۾ اسيمبلي ئي سينيٽ جي سيني ميمبرن کي چونڊي هئي. هن لوڪ کي اهو به ٻڌايو ته ڊيموڪريٽڪ پارٽي کي چونڊن ۾ ڪامياب ڪرائڻ جي لاءِ سندس سڀ سياسي مخالف پنهنجي سيني عيارين ۽ چالبازين کان ڪم وٺي رهيا آهن.

تنهنڪري ڪن ضلعن جي چونڊ تڪن ۾ اهو بندوبست ڪيو ويو آهي ته ڊيموڪريٽڪ اميدوار ڪامياب ٿيندا.

هن ڀيري لنڪن جي اڳڪٿي الهامي انداز ۾ صحيح ثابت ٿي.

2 نومبر 1858ع جي صبح جو مينهن پوڻ لڳو. پر چونڊن جو جوش ۽ خروش سرد نه ٿيو ۽ جڏهن ووٽنگ ڪان پوءِ ڳڻپ ڪئي وئي ته لنڪن کي هڪ لک پنجويهه هزار ۽ سئو پنجهتر ۽ ڊگلس کي هڪ لک ايڪيهه هزار نوي ووٽ مليا. پر جڏهن سينيٽر چونڊڻ لاءِ رياستي اسيمبلي جو اجلاس ٿيو ته 54 ميمبرن ڊگلس کي ۽ 46 ووٽ لنڪن کي مليا. ان شڪست جي باري ۾ جڏهن به ڪنهن لنڪن کان پڇيو ته هن هڪ نينگر جي ڪهاڻي ٻڌائي، جيڪو اگهاڙن پيرن سان گهمي رهيو هو ۽ ٿابو کائڻ سان سندس پير جي آڱوٺي ۾ سخت ڌڪ لڳو. اهو قصو ٻڌائي لنڪن چيو ته 'ڌڪ ايترو ته سخت هو جو کلي ٿاري چڏڻ به ممڪن نه هو ۽ وڏي ٿيڻ جي ڪري ٻارڙن جيان ويهي روئي به نٿو سگهجي.'

لنڪن جيتوڻيڪ سينيٽر چونڊجي نه سگهيو، پر سندس شهرت ۽ مقبوليت سڄي ملڪ ۾ وڌندي ويئي. چونڊن جي هُل بڪيڙي سبب هو سڄو 1858ع جو سال پنهنجي وڪالت طرف ڌيان ڏيئي نه سگهيو هو. هاڻ هن وڌيڪ ڌيان ۽ شوق سان وڪالت ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. پر سياست ڪان به واسطو نه ٽوڙيائين. هو اجان تقريرون ڪندو هو. جيتوڻيڪ ڪن حلقن ۾ سندس نالو آمريڪي صدارت جي لاءِ به ڳڻجڻ لڳو. پر هو پاڻ کي ان عهدي جي لائق نه سمجهندو هو. هڪ ڀيري هڪ اخبار جي ايڊيٽر جيڪو سندس وڏو حمايتي هو، ان کي لکيو ته "آئون پاڻ کي ان عظيم عهدي جو اهل



نٿو سمجهان."

پر 1869ع جي شروع ۾ هن جي خيالن ۾ تبديلي اچڻ لڳي ۽ هاڻ هو پنهنجي صلاحيت ۽ استحقاق جي باري ۾ ايترو شڪي ۽ نااميد نه رهيو هو. خيالن جي ان تبديليءَ جو وڏو سبب اهو هو ته سندس تقريرون سڄي ملڪ ۾ وڏي شوق ۽ دلچسپي سان ٻڌيون وينديون هيون. نيويارڪ سٽي ۾ ڪوپر يونين ۾ لنڪن جيڪا تقرير ڪئي هئي اها ته بيحد پسند ڪئي ويئي هئي ۽ هن جي شهرت ۾ واڌاري جو سبب بڻي. لنڪن، نيو انگليند جو هڪ نجي دورو به ڪيو، هو جتان جتان به ٿي لنگهيو، عوامي مظاهرن جي جوش ۽ خروش هن جي هردلعزيزي جي تصديق ڪري ٿي ڇڏي. ان دوران لنڪن پنهنجي پارٽي پاران نامزد ٿيندڙ ٻين صدارتي اميدوارن جي حالتن جو پڻ تجزيو ڪندو رهيو ۽ ڪيس هر اميدوار ۾ ڪونه ڪو اهڙو اوگڻ نظر ٿي آيو، جنهن جي آڌار تي ان جي ڪاميابي جا امڪان گهٽ ٿي نظر آيا.

نيويارڪ جو وليم ايچ سي ورڊ، اوهايو جو ڪاسمين پي، چيز، پنسلوانيا جو سائمن ڪيمرون، ۽ قانوندان هڪ آمريڪي اعليٰ عدالت جو جج ميڪلين ۽ پيو مسوري جو ايڊورڊ بٽيس، هي اهي اميدوار هئا جيڪي لنڪن جي پارٽي پاران نامزد ٿي پي سگهيا.

پر انهن مان ڪن کي ڪجهه اهم حلقن جي حمايت حاصل نه هئي ۽ ڪي وري پنهنجي انتها پسنديءَ واري رويي ۽ انقلابي بيانن سبب عوام جي مڪمل تائيد حاصل نه ٿي ڪري سگهيا. پر لنڪن پنهنجي اعتدال پسنديءَ جي ڪري گهڻو مقبول هو. سيني کان وڏو مسئلو ٻانهپ (غلامي) جو هو. هڪ ڌر ان جي مڪمل خاتمي جي

حمايت ڪري رهي هئي، ۽ ٻي ڌر اها هميشه لاءِ قائم رکڻ تي ضد ٻڌيو بيٺي هئي. لنڪن جو رويو وچٿرو هو. هو غلامي جي خاتمي جي مسئلي تي رياستي وفاق کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ نه هو ۽ نه ئي وري غلامي جي لعنت کي سدائين جي لاءِ برقرار رکڻ جو حامي هو، انهي ڪري اتر ۽ ڏکڻ ٻنهي علائقن ۾ سنجيده نظرين جي ڪري مقبول هو.

لنڪن کي پڪ هئي ته جنهن وقت ’ري پبلڪن نيشنل ڪنوينشن‘ صدارتي اميدوار کي نامزد ڪرڻ جي لاءِ ڪوٺايو ويندو ته کيس ضرور ڪاميابي ملندي. کيس پنهنجي رياست الي نواءِ ۾ مڪمل تائيد حاصل هئي ۽ ان رياست جو هڪ هڪ ووٽ صرف لنڪن کي ئي مليو. جنهن مهل الي نواءِ ۾ ووٽ وڌا پي ويا ته جان هينڪس ۽ لنڪن جي دوستن وڏو مزو ڪيو. جان هينڪس ۽ ڪجهه همراهن ڪاٺ جو هڪ وڏو ٻُنڍ جهلي سڄي شهر ۾ اهو کڻي گهميا. اهو بند لڳ ڀڳ ٽيهه سال اڳ جڏهن لنڪن رياست الي نواءِ ۾ گهڙيو هو ته ان وقت هن چيريو هو. ماڻهو اهو بنڊ ڏسي خوشي مان جهومڻ لڳا ته سندن پنهنجي رياست جو ايب، جيڪو ٻُنڍ چيريندو هو سو آمريڪا جو صدر چونڊبو.

16 مئي 1860ع تي شڪاگو ۾ نيشنل ڪنوينشن ٿيڻ وارو هو. ريپبلڪن ميمبرن جي آمد شروع ٿي چڪي هئي ۽ عوام ۾ جوش ۽ خروش وڌندو پي ويو. ڪي اميدوار جهڙوڪ سيوارڊ پاڻ سان بينڊ وڄائڻ وارا به وٺي آيو هو، جيڪي چمڪدار وردين ۾ سڄي شهر ۾ باجا وڄائيندا پي گهميا. لنڪن جا حامي به هر هنڌان اچي گڏ ٿيڻ شروع ٿيا هئا. اهي آئل ڪلاٽ جون ڊگهيون ٽوپيون پاتل هئا،



جيڪي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ چمڪنديون هيون ۽ رات جو گاسليٽ جي شعلن ۾ جڳ مڳائينديون هيون. لنڪن جا حامي به بينڊ وارن کان جيڪڏهن گهٽ نه ته گهٽ ۾ گهٽ سيوڊ جي حامين جيترو هل بکيڙو ڪندا رهندا هئا.

شڪاگوليڪ فرنانٽ جو علائقو بينڊ جي گيتن سان ٻُرائبوپيو هو. ٻي طرف هوٽل جي ڪمرن ۾ سڀني اميدوارن جا منتظم ۽ رضاڪار وڏي گرمجوشي سان سياسي جوڙتوڙ ۾ رڌل هئا. پنهنجن پنهنجن اميدوارن کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ هو هرڪا چال هلي رهيا هئا. سياسي سوديبازيون، ڏي وٺ ۽ ڏڙي بنديون ٿي رهيون هيون. لنڪن پاڻ اسپرنگ فيلڊ ۾ رهڻ مناسب سمجهيو، پر هن پاران جج ڊيوڊ ڊيوس ڪنويسنگ ڪري رهيو هو. لنڪن پنهنجن منتظيمن کي هڪ نياپو موڪليو هو ته ”ڪو اهڙو معاهدو نه ڪجو، جو آئون صفا ٻڌجي وڃان.“

ويچارو مخلص ۽ ايماندار ايب اسپرنگ فيلڊ ۾ وينو نتيجي جو منتظر هو. کيس ڪهڙي خبر ته سندس دوست ۽ حامي سندس ڪاميابي جي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا معاهدا ۽ سودا ڪري رهيا آهن. لنڪن جي تاڪيد جي باوجود به ڪي معاهدا ڪيا ويا، جن مان ڪي ته ڏاڍا اهم ۽ فيصلا ڪن هئا. جهڙوڪ ڪن عهدن جي باري ۾ پڪ پڪاٽي به ڪئي وئي. پر فتح جي لاءِ اهو سڀ ضروري هو ۽ آمريڪي عوام ڄاتو ٿي اهو سڀ ڪجهه ان عظيم نقصان جي سامهون ڪابه حيثيت نه رکندو هو، جيڪو سندس ملڪ کي لنڪن جي شڪست جي صورت ۾ کڻڻو پوندو ۽ اُن قسم جا معاهدا ۽ سودي بازيون ڪٽي ۽ ڪڏهن نٽا ٿين.

هاڻ سيني نمائندن جو ڌيان ”وگ وام“ ڏانهن هو. ڪاٺ جو هڪ تمام وڏو عارضي هال، ڪنوينشن جي لاءِ اڏيو ويو هو ۽ اهو سڄو هال ماڻهن جي تقريرن، نعرن ۽ آوازن سان ڀرائجي ٿي ويو. اميدوارن پنهنجون چونڊ تقريرون ڪيون. خوش قسمتيءَ سان ان زماني ۾ اهي تقريرون گهڻيون مختصر هونديون هيون ۽ ان ڪان پوءِ نمائندا ووٽ ڏيڻ ۾ مشغول ٿي ويا. نيٺ ڪيترائي ڀيرا ووٽنگ ڪانپوءِ ايب لنڪن ڪامياب ٿي ويو.

ماڻهو خوشيءَ سبب نچڻ، ٽپڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳا. ماڻهن جي هُل ۽ نعرن مان ائين ٿي لڳو ته اجهو ٿي ڇت اُڏامي، هوا ۾ ٽوپيون ۽ هيٽ اڇلجڻ لڳا. ڇت تي هڪ همراهه ويٺو هو، ان کي اشارو ڪيو ويو ۽ هن توپ جي گولي مان لنڪن جي سوڀ جو اعلان ڪيو.

اسپرنگ فيلڊ ۾ اخبار ”الي نواءِ“ اسٽيٽ جرنل جي آفيس ۾ لنڪن ۽ سندس ڪجهه سنگتي ويٺا صبر ۽ سڪون سان نتيجي جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا. ايتري ۾ تار ملي، ”خدا جو شڪر آهي جو اسين ڪامياب ٿي وياسين.“

لنڪن جا دوست ۽ پاڙيسري خوشيءَ سبب نچڻ لڳا. هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. جڏهن ٿورو جوش گهٽيو ته لنڪن ڏاڍي خاموشيءَ سان چيو، ”عزيزو! اسان جي گهر ۾ هڪ بندري قد واري عورت ان خبر جي اوسيئڙي ۾ ويٺي هوندي، مون ڪان وڌيڪ ان کي انهيءَ تار سان دلچسپي آهي. جيڪڏهن اوهين موڪل ڏيوم ته آئون ڪيس اها تار ڏيکاريان.“

لنڪن نامزدگي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. پر اجا صدارت جي آخري چونڊ باقي هئي. چونڊ جي باري ۾ سئو سيڪڙو



يقين سان ڪجهه چوڻ ممڪن نه هو ته نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ پر ٻين سيني اميدوارن جي مقابلي ۾ لنڪن جي ڪاميابي جا امڪان وڌيڪ هئا.

اسٽيفن اي ڊگلس، نارودرن ڊيموڪريٽس ۽ جان بريڪن رج سدرن ڊيموڪريٽس پاران اميدوار هئا. هڪ ٻي پارٽي جيڪا ڪانسٽي ٽيوشنل يونين سڏبي هئي، چونڊ لڙي رهي هئي، جنهن جو اميدوار جان بيل هو. پر ان جي ڪاميابي جا امڪان ٻُڙيءَ برابر هئا.

6- نومبر 1860ع تي تاريخي چونڊون ٿيون. ڏاکڻيون رياستون اڃا سوڌي عليحدگيءَ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيون هيون. ماڻهو وڏي عزم ۽ استقلال سان پنهنجو ووٽ ڏيڻ جي لاءِ وڃي رهيا هئا. ڪين خبر هئي ته اهو رڳو چونڊ معرڪو ڪونهي، پر ان جا نتيجا ڏاڍا دورس نڪرندا.

اهو صحيح آهي ته لنڪن وڏي اڪثريت سان ڪاميابي نه ماڻي، پر پوءِ به ڪيس چڱا موچارا ووٽ ملي ويا. لنڪن کي 452، 66، 18 ووٽ، ڊگلس کي 957، 76، 13 ووٽ، بريڪن رج کي 781، 49، 8 ووٽ ۽ بيل کي 779، 88، 5 ووٽ مليا. لنڪن جا ڊگلس سان ڊگها تقريري مباحثا نيٺ لنڪن جي ڪاميابيءَ تي ختم ٿيا.

ايب لنڪن جيڪو ڪاٺ جي هڪ معمولي جهوپڙيءَ ۾ جنميو هو، صدارت جهڙي عظيم عهدي تائين پهچي ويو. هاڻ هن جي سامهون ڪي اهم ذميواريون هيون، جن کي نباهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي. لنڪن انهن ذميوارين کي جنهن نموني پورو ڪيو، ان هن تي ابديت جي مهر هڻي ڇڏي. هن جي ياڳ ۾ هڪ

نازڪ گهڙيءَ تي آمريڪي قوم جي سرواڻي لڪيل هئي، ان گهڙيءَ جڏهن سڄو ملڪ نفاق جي باهه ۾ ٻَري رهيو هو.

هاڻ هو آمريڪا جو نئون صدر هو ۽ بيشڪ ميري لنڪن پنهنجي خوابن جي دنيا حاصل ڪري ورتي هئي. هو آمريڪا جي صدر جي زال ۽ وهائٽ هائوس جي مالڪياڻي هئي.

—

[ 12 ]

## موڪلاڻي

[هاڻ آئون اوهان ڪان موڪليان ٿو. — ايب لنڪن]

●

اسپرنگ فيلڊ وارو گهر مسواڙ تي ڏنو ويو. ڳئون ۽ گهوڙو وڪرو ڪيو ويو. ڪتو هڪ همراهه گهري ڪٺي ويو. ان ڪان پوءِ ايب پنهنجي ويڳي امڙ سارا بُش سان آخري ملاقات ڪرڻ جي لاءِ ويو.

هن، هرن ڊن ڪي چيو ته هي فرم جي نالي ۾ ڪا تبديلي نه ڪري، سندس نالي جي تختي پلي ٽنگي پئي هجي ۽ جيڪڏهن جيئرو رهيس ته واپس اچي وڪالت ڪندس. چڻ ڪجهه ٿيو ئي نه آهي.

هو بظاهر سفر جي تيارين ۾ رڌل هو. پر هن جي دماغ ۾ برابر اهو خيال ايندو رهيو ته هو ڏاڍي نازڪ موڙ تي صدر چونڊيو ويو آهي. سڄو ملڪ گهرو ويڙهه جي لاءِ تيار هو ۽ ڪنهن به مهل چڻنگ پيپڙ ٻڻجي ٿي سگهي. چونڊيل صدر اهو عزم ڪيو هو ته هر عزت پريي ۽ ممڪن طريقي سان هو ملڪ کي رتو ڇاڻ ڪان محفوظ رکندو.

11 فيبروري جي صبح جو مينهن اوڙڪون ڪري وسي رهيو هو. سياري جو مينهن. گريٽ ويسٽرن جي اسٽيشن جي اسٽيشن تي ٽن بوگين ۽ هڪ انجڻ تي ٻڌل مختصر گاڏي بيٺي هئي. اها صدر جي اسپيشل ٽرين هئي. لنڪن پليٽ فارم تي چڙهين جو هڪ سيلاب ڏٺو. هزارين انسانن جا چهرا پنهنجي محبوب ايب جي شڪل ڏسڻ

جي لاءِ بيتاب هئا. ڪين سردي ۽ بارش جي پرواهه نه هئي.

لنڪن پليٽ فارم تان ڪين خطاب ڪيو.

منهنجا دوستو!

لنڪن خاموشيءَ سان چيو.

”هن رنج ۽ موڪلاڻي واري موقعي تي منهنجن جذبن جو اندازو لڳائڻ سولو ڪونهي. هن شهر ۽ اُن جي رهاڪن مون کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. آئون سندن ٿورن جي بار هيٺان دٻيو پيو آهيان. مون هڪ پاءُ صدي گذاري آهي ۽ هتي ئي جوان ۽ وڏو ٿيو آهيان. هتي ئي منهنجي ٻارڙن جنم ورتو ۽ هن ئي سرزمين تي مون پنهنجي هڪ جگر جي ٽڪري کي مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو. هاڻ آئون اوهان کان موڪلائي رهيو آهيان. مون کي خبر ڪونهي ته منهنجي واپسي ٿيندي يا نه؟ مون تي وڏيون ذميواريون وڌيون ويون آهن. منهنجو ڪم واشنگٽن کان به ڏکيو آهي. خدا جي مدد کانسواءِ منهنجي ڪاميابي ممڪن ڪونهي ۽ جيڪڏهن هُن جي مدد شامل رهي ته آئون ناڪام نه ٿيندس. مٿس ڀروسو ڪندي، جيڪو مون سان ۽ اوهان سان گڏ رهندو ۽ هر هنڌ حاضر ۽ ناظر آهي. اسين اُميد ڪري سگهون ٿا ته حالتون بهتر ٿي وينديون. آئون اوهان کي ان جي بِلي ٿو ڪريان مون کي پڪ آهي ته اوهين مون کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکندا. خدا حافظ.“

انجڻ جي سيٽي فضا ۾ ٻُري، اسٽيشن جي گهنٽي وڳي ۽ ٽرين هوريان هوريان ڪوهيڙي ۾ گم ٿي وئي.

لنڪن پنهنجي سياءُ ۾ نرم دل ۽ صلح پسند هو. جنگ، رتوڇاڻ ۽ تشدد جي خلاف سندس طبيعت جو حال پاڻ پوين صفحن



۾ پڙهي آيا آهيون. قدرت جي اها وڏي ستم ظريفي چئي سگهجي ٿي ته لنڪن جهڙي شخص کي اهڙي دور ۾ صدارت جا فرض سونپيا ويا، جڏهن سڄي ملڪ جي مٿان جنگ جا ڪڪر ڇانئجي رهيا هئا. حالتون اهڙيون هيون جو جنگ اڻ ٽر پي لڳي.

ڪن فيڊريٽ جي بندوقن جي پهرين گولي فورٽ سسٽر ۾ هلي. اها جنگ جي شروعات هئي. ان کان پوءِ اتر ۽ ڏکڻ جون حريف فوجون پنهنجن جنرلن جي اڳواڻيءَ ۾ گڏ ٿيڻ شروع ٿيون. اها ان گهرو ويڙهه جون تياريون هيون، جيڪا چئن سالن تائين جاري رهي.

انهن ٻنهي فوجن جا سپاهي جنگ جي ميدانن ۾ هڪٻئي جي سيني تي بندوقون تاڻيون بيٺا هئا. انهن ٻنهي جي حب الوطني، شجاعت، همت ۽ نصب العين هڪٻئي کان مختلف نه هئا. ٻنهي جي حب الوطني، پنهنجا ڪٽنب ۽ نظريا هڪجهڙا عزيز هئا. ٻئي هڪٻئي مادر وطن جا پٽڙا هئا ۽ ٻئي ان جي سلامتي ۽ تحفظ جي خاطر هڪٻئي سان وڙهي رهيا هئا. اهي ٻئي پنهنجي روئندڙ مائرن، ڏکارن پيئرن ۽ محبوبائن کي ڇڏي پنهنجن ئي هم وطنن جي خلاف وڙهي رهيا هئا. اهو جذبو جيڪو اتر ۽ ڏکڻ جي رياستن جي باهمي اختلافن کي ختم ڪري هڪٻئي کي ويجهو آڻڻ جي لاءِ ڪم اچڻ گهرجي ها، اهي جنگ جي ميدان ۾ هڪٻئي جي خلاف نفرت جا جذبا اُڀارڻ ۾ زيان ٿي رهيا هئا.

پهرين لڙائي ڏسڻ جي لاءِ ڪانگريس جا ميمبر ۽ انهن جون زالون به پهتيون، گويا لڙائي نه ٿي، هڪ پڪنڪ ٿي وئي. پر جڏهن ڏاکڻي فوج جو جنرل جيڪسن جنگ جي ميدان ۾ هڪ لوهي ديوار جيان ڄمي ويو ۽ وفاقي فوجن جي پيشقدمي رڪجي وئي. نيٺ

پنتي هٽڻ ۾ تبديل ٿي ته اهي ڪانگريس جا ميمبر ۽ سندن زالون ٽڙتڪڙ ۾ پنهنجي پنهنجي گاڏين ۾ واشنگٽن طرف وڃڻ لڳا. هاڻ قوم کي خبر پئي ته جنگ پڪنڪ جيان ڪا وندر جي شئي نه آهي.

1862ع تائين ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي مغالطا دور ٿي چڪا هئا ۽ ڪيترن ئي معرڪن ۾ تمام گهڻا ماڻهو مارجي ويا. 1863ع ۾ جنگ جو رخ وفاقي مرڪز جي خلاف ٿي ويو. لنڪن هڪ اعلان جي ذريعي چئي ڇڏيو هو ته "اڄ کان پوءِ سڀ غلام هميشه جي لاءِ آزاد ڪيا ويا آهن." ڏکڻ جي ٻاهه تي ڄڻ تيل پئجي ويو. ٿوري گهيري ڪانپوءِ وڪس برگ، وفاقي فوجن تي ڪاهي پيو، پر ٻي جڳري سان وڙهڻ جي باوجود پنتي هٽڻو پيس.

وفاقي فوجن کي ڪيترائي ڀيرا شڪست ملي. لنڪن، ڪيترائي تجربي ڪار جنرل فوج جي ڪمان جي لاءِ موڪليا. ميڪ ڊويل، ميڪ املي لن، برن سائڊ، هوڪر ۽ ميڊا سيني کي آزمايائين، نيٺ سندس چونڊ 'يولي سس ايس گرانٽ' تي پئي.

گرانٽ، اسپاٽ، سلوانيا ڪورٽ هائوس، ڪولڊ هاربر، رچ مونڊ ۽ ٽيپس برگ جي ڀرپاسي ڪيترين ئي جنگين وڙهيون ۽ ان کان پوءِ هن مخالف فوج جي گادي جي هنڌ کي گهيري ورتو.

توپن جي گوڙ ۽ تلوارن جي جهنڪارن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل هڪ آواز ٻُڌڻ ۾ ايندو هو. اهو آواز ابراهام لنڪن جو هو، جيڪو جنگ جي هُل ۾ به نفرت جي جذبن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪنهن ڪنهن مهل سندس هي لفظ فضا ۾ گونجڻ لڳندا هئا: "اسان غلامن کي آزاد ڪري ڏيندڙن کي



حريت جي ضمانت ڏني آهي."

يا وري ڪڏهن هي آواز ٻُرائجندو هو.

"97 سال اڳ اسان جي وڏڙن هڪ ڪنڊ ۾ هڪ اهڙي قوم جي نشوونما ڪئي، جيڪا آزاديءَ تي ايمان رکندي هئي ۽ جنهن جو اهو عقيدو هو ته سڀ انسان برابر پيدا ڪيا ويا آهن. اڄ اسين پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهيون. ٻين لفظن ۾ اسين ان ڳالهه جو امتحان وٺي رهيا آهيون ته هي قوم يا ڪا ٻه قوم، جيڪا ان عقيدي يا ايمان جي حامل آهي، وڏي ويجهي سگهي ٿي يا نه."

۽ ان آواز کي سدائين جي لاءِ خاموش ڪرڻ کان لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ پهرين اهي پُروقار لفظ ٻڌڻ ۾ آيا ۽ شايد ئي ڪنهن حڪومت جي سربراهه جيڪو اهڙي نازڪ ۽ ڏکئي مرحلي مان گذري رهيو هجي، هنن لفظن کان وڌيڪ شانائتا ۽ عظمت ڀريا لفظ ادا ڪيا هجن.

"اسان جي دل ۾ نه ڪنهن جي لاءِ نفرت آهي، نه ڪينو، نه ئي وري ڪا عداوت. خدا اسان کي حق تي قائم رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ سيني جي لاءِ محبت ۽ درگذر جي جذبن سان اسان کي پنهنجي ڪم ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ اهو ڪم آهي زخمن تي پَها رکڻ. جن ماڻهن کي هن جنگ مان نقصان پهتو آهي، تن جي يتيمن ۽ بيواهن جي سارسنڀال ڪرڻ. ان کان سواءِ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ، جيڪو پائدار امن جي قيام ۾ اسان جي مدد ڪري سگهي ۽ اسين نه رڳو پنهنجي وچ ۾ بلڪ دنيا جي قومن جي وچ ۾ امن جا بنياد رکي سگهون."

لنڪن معافي ۽ درگذر، خدمت ۽ محبت جي ان نظريي جو

اعلان پنهنجي ٻي سالياني افتتاحي خطاب ۾ ڪيو هو.

4 مارچ 1865ع جو ڏينهن طوفان ۽ برسات پاڻ سان گڏ کڻي آيو. پر اتفاق ته ڏسو جنهن مهل لنڪن تقرير ڪرڻ جي لاءِ اٿي بيٺو ته عين ان مهل ڪڪرن جا ڪجهه ٽڪرا منتشر ٿي ويا ۽ ٺيڪ لنڪن جي مٿي جي مٿان سج پنهنجا سونهري ڪرڻا پکيڙڻ لڳو. ڪيترن ئي حاضرين ان کي هڪ ازغيبي اشارو سمجهيو. گويا جنگ جا ڪڪر وکري چڪا هئا ۽ هڪ دل شڪسته قوم کي اميدن جو سج جڳ مڳائي رهيو هو.

غلاميءَ جون حامي، ڏاکڻين رياستن جو جري ۽ بهادر جنرل ’رابرٽ. اي لي‘ گهيري ۾ اچي چڪو هو. رسد، طبي امداد، کاڌ خوراڪ ۽ جنگي هٿيارن جي کوٽ کيس شڪست مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. 9 اپريل 1865ع تي هن وفاقي فوجن جي سربراهه يوليسس ايس گرانٽ جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا.

آمريڪي وفاق ختم ٿيڻ کان بچي ويو.

پر ان جي واسطي ڪيتري نه وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي!

جنگ پنهنجي پُڄاڻي تي پهتي. ان خبر سان اتر جي سيني علائقن ۾، ٻنين ۾، وستين توڙي واهڻن ۽ شهرن ۾ اطمينان جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي. جيتوڻيڪ ڏکڻ ۾ شڪست جي تلخي باقي هئي. پر جنگ جي مصيبت ٽري وڃڻ سان هر شخص وڏو سڪون محسوس ڪري رهيو هو.

پر ان کان اڳ جو صدر لنڪن جنگ جي پُڄاڻيءَ جي خوشين مان پوري طرح لطف اندوز ٿي سگهي، هڪ قاتل جي گولي کيس ابدي مسرتن جي هنجَ ۾ سمهاري ڇڏيو. هو واشنگٽن جي فورڊ ٿيٽر



۾ پنهنجي زال سان گڏ ”آمريڪن ڪزن“ جي تمثيل ڏسي رهيو هو. جو هڪ جنوني ائڪٽر ’جون وائڪسن بون‘ پنهنجي پستول جي گولي سان اُن سرحدي ڇوڪري جي زندگي جو ڏيئو گُل ڪري ڇڏيو. هي اهو ڇوڪرو هو جيڪو رڳو پنهنجي ٻَل تي غربت، جهالت ۽ گمنامي جي زندگيءَ مان نڪري هڪ اهڙي اڳواڻ جي درجي تي پهتو، جيڪو دنيا جي عظيم ترين اڳواڻن ۾ ڳڻڻ جي قابل آهي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته جيڪڏهن لنڪن ڪجهه عرصو وڌيڪ جيئرو رهي ها ته جنگ کان پوءِ اڏاوتي رٿائن ۾ هن جي رهنمائي ريگستان جي اونداهي رات ۾ رهبري جي شمع جو ڪم ڪري ها. هو شڪست کاڌل ڏکڻ جي خلاف انتقامي جذبي کي معافي، محبت ۽ درگذر جي جذبن ۾ بدلائي ڇڏي ها.

لنڪن جو موت سڄي قوم جي لاءِ هڪ عظيم الميو هو. سندس قتل، اتر توڙي ڏکڻ جي هر فرد کي بنا ڪنهن متڀيد، رنگ ۽ نسل جي هڪ سچي همدرد ساٿي ۽ ٻاجهاري دوست کان محروم ڪري ڇڏيو.

اسپرنگ فيلڊ مان رواني ٿيڻ مهل لنڪن جي زبان مان جيڪي لفظ نڪتا هئا، سي الهامي طور تي سچ ثابت ٿي. هن چيو هو.

”هاڻي آئون اوهان کان موڪلايان پيو. مون کي خبر ڪونهي ته واپسي منهنجي ڀاڳ ۾ لکيل آهي يا نه.“

کيس واپسي ضرور نصيب ٿي، پر ڪيئن؟ هڪ ٽرين ماتمي جهنڊين سان سجائي ويئي هئي، جنهن ۾ لنڪن جو تابوت رکيل هو. ريل جي سڄي رستي تي، ڳوٺن واهڻن، وسندين ۽ شهرن ۾ هزارين ماڻهو، مرد توڙي عورتون، اپريل جي چمڪندڙ ڏينهن ۽

اونداهين راتين ۾ پنهنجي محبوب ايب کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ بيٺا هئا. هنن جون اکيون روئي رهيون هيون. هنن جون دليون روئي رهيون هيون، هنن جا روح روئي رهيا هئا.

اهڙي طرح ايب لنڪن پنهنجي اباڻي گهر ”الي نواءِ“ موٽي آيو، جتي هاڻ هو ابد تائين آرام جي مِٺي ننڊ ۾ ستل هوندو.

—